# سُجاڳ
Sujaag

مارچ 2022

کميونٽيءَ جي چاڻ ۽ اظهار جو ترجمان - سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن




03 سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پنهنجي تصور تحت سنڌ جي هرا ُن ٻارڪي مفت معياري تعليم مهيا ڪئي آهي جنهن وٽ تعليم جي رسائي نہ هئي

14 شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ تقدير ۽ تدبير جو فلسفو

17 تعليم جي پهچ ۽ رسائيءَ ۾

27 ايس اي ايف گرين ايوارڊس


# فهرست



03 عبدالڪبير قاضي
مينجنگ ڊائريڪٽر
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن


14 شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تقدير ۽ تدبير جو فلسفو
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ


17 تعليم جي پهچ ۽ رسائيءَ ۾
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو جدت ڀريو سفر


22 ڪتاب جو جائزو
”ايميلي عرف تعليم“
نور جوڻيجو


23 ڪلاس روم ۾ نظرانداز ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر
ذڪيه مختيار


24 ...معياري تعليم قومن جي ترقيءَ جا بنياد وجهندي آهي...
سجاد گهلو


25 ڪورونا وائرس ۽ اسان جي استادن جو ڪردار


26 ڪيس اسٽڊيز


27 ايس اي ايف گرين ايواردس


28 فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولن جون ايوارڊ ڪٽيندڙ استاديائيون


29 سنڌ جي معياري تعليم ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو ڪردار
اڪرم خاصخيلي


30 سنڌ جا تفريحي ماڳ ۽ لوڪ ادب

31-32

رياضيءَ جي اهميت

ڏي ٽو پر ڪنگهائي


لطيفا




مُون ڪاهوڙِي لَڪِئا، سُمَهنِ ڪينَ پَئِي،
ٿَمرُ ڪِئائون سُجَ جو، ڏوري ڏُٿُ لَهي،
وِئا اُتِ وَهِي، جِت نِهايَتَ ناهِ ڪَا.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سُر ڪاهوڙِي)

# اسانجي منزل اجان بہ اڳتي - اسانجو مقصد ڏيڻ روشني آ

هڪ وڏي عرصي کانپوءِ پاڻ سُجاڳ مخزن جي هِن اوطاق ۾ گڏيا آهيون، سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ ڪجهہ عرصي جي وٿي پئجي وئي هئي پر پاڻ اُن ڪِرت کي سوشل ميڊيا وسيلي ڳنڍيون پئي آياسين پوءِ بہ هڪ اُڻ تڻ هئي تہ ساڳي طرح سان هڪ مخزن ترتيب ڏجي جنهن ۾ ساڳئي انداز سان فهم، ادراڪ، ڄاڻ ۽ معلومات جي خزانن جا ڀنڊار پيش ڪجن، ساڳي سونهن ۽ سنوارپ کي پڙهندڙن جي هٿن تائين آڻجي، لفظن، سِٽن ۽ خيالن جا انيڪ سمنڊ ان مخزن ۾ اوتجن، پڙهڻ واري عادت کي اڃان هٿي ڏجي. بس تہ پوءِ اُن تڙپ هڪ ڀيرو ٻيهر سُجاڳ مخزن کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جي لاءِ همٿايو. تنهن کانسواءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مينجمينٽ سائين عبدالڪبير قاضي (مينجنگ ڊائريڪٽر) پاران مڪمل رهنمائي ۽ سهڪار مليو ۽ انهن ان حوالي سان هٿي وڌائي. ائين سُجاڳ سٺ هڪ ڀيرو وري ساڳئي جذبي ۽ جدت سان مخزن ترتيب ڏئي اوهانجي هٿن تائين پهچايا پيا وڃن. هڪ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ مان پوري سُجاڳ سٽ سان گڏ مخزن جي ايڊيٽوريل بورڊ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن گهڻي محنت ۽ لڳاءُ سان هن مخزن کي ترتيب ڏيڻ ۾ پنهنجون انيڪ صلاحيتون ۽ وقت پيش ڪيو. ان سان گڏوگڏ انهن استادن، شاگردن ۽ هن مخزن جي لاءِ لکندڙن جو پڻ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي تخيل کي اسان جي هن مخزن جي اڱڻ ۾ وڻن جيان پوکيو آهي. هن مخزن ۾ اسان ٽي اهم حصا رکيا آهن هڪ حصي ۾ اداري ۾ ايندڙ جدتن، تعليم جي واڌاري ۽ ترقي ڏانهن وڌندڙ هر وک ۽ نئون دڳن ۽ منزلن بابت تفصيل اوهان تائين پهچايون ٿا. جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ اهو معياري مواد ڏنو ويو آهي جنهن ۾ اوهانجي فهم، ادراڪ، ڄاڻ، شعور ۽ خيالن جي اڏام کي شامل ڪيو ويو آهي، جنهن سان اوهان جي سوچ کي اڃان بہ گهڻي وسعت ملندي ۽ ٽيون حصو اوهان پاران تخليق ڪيل مواد تي مبني آهي جنهن ۾ ڪي بہ فني قيد ۽ فريم ناهن رکيا ويا، بس اوهانجي تصورن کي ائين ترتيب ڏنو آهي جيئن اوهان اهي تصور ڪيا آهن. اها ترتيب اڃان بہ اوهانجي معيار تي پهچي سگهندي جڏهن اوهين پنهنجا رايا ۽ خيال هن مخزن سان اوريندا.

هن مخزن کي ترتيب ڏئي اوهان تائين پهچائڻ جو اصل مقصد اوهانجي تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ آهي ۽ هي مخزن هڪ وسيلو آهي جنهن مان اوهان کي فائدو وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي وڌائڻ جي لاءِ هن مخزن ۾ ڏنل مواد کي پروڙڻ ۽ پڙهڻ سان گڏ پرکڻ گهرجي. مان سمجهندو آهيان تہ اسان جي اڄ جي ٿهي ۾ سکڻ جي اُڃ آهي ۽ هو اُن اُڃ کي پنهنجي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ ڀرپور ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ جو هنر ڄاڻن ٿا. اها هڪ حقيقت آهي تہ اسانجي نئين ٿهي پنهنجي اڻٿڪ محنت ۽ ڪوشش سان قوم جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. اڄ جي دور جو اهو برجستو نئون نسل ئي آهي، جنهن وٽ مضبوط ارادو، ٻانهن ۾ ٻَلُ، اکين ۾ اميدن جي چٽي رونق جو سرمو پهريل آهي. هو هر ڏکيائيءَ کي هڪ لمحي ۾ پار ڪرڻ جي سگهہ رکندڙ هوندا آهن ۽ اُن ڪري هر قدم کي زور سان دٻائي اڳتي وڌڻ انهن جو شان هوندو آهي. اسان سمجهون ٿا تہ اڄ جو نئون نسل پنهنجو رستو پاڻ طئي ڪري سگهي ٿو، اها انهن جي خاصيت ۽ قابليت آهي. ننڍي عمر ۾ ناقابل اعتماد ڪارناما سرانجام ڏيڻ جي صلاحيت رکندڙ انهن نوجوانن جي خوداعتمادي هماليا جبل جيان سمجهي ويندي آهي. تنهنڪري وقت جي قدر ڪان واقف ٿيڻ ۽ ان جو بهترين استعمال ڪرڻ انهن کي بهتر انداز ۾ اڃي ٿو، جنهن ڪري اڳتي وڏي پوري قوم جي ترقي جي انداز کي ظاهر ٿيندي محسوس ڪيو ويندو آهي. تاريخ جي ورقن تي نظر وجهڻ سان اسان تي اها حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي تہ اِنهن نوجوانن ئي قومن جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي بچائڻ لاءِ پنهنجون ڄمارون قربان ڪيون آهن، پنهنجون زندگيون ڳاري ڇڏيون آهن ڇو تہ انهن پنهنجي اصل منزل ۽ مقصدن کي سمجهيو آهي. تاريخ ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿي تہ نوجوان پنهنجي هٿ ۾ ڪنيل ڏکيو ڪم بہ مسڪرائي پورو ڪري سک جو ساهہ کڻندو آهي. اسان اهڙن ئي نوجوانن جي دور ۾ رهي رهيا آهيون ۽ اهي نوجوان وڏي واڪي اهو اعلان ڪري رهيا آهن تہ اسانکي جهالت جي مخالفت ڪري علم پکيڙڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. ان حوالي سان قوم جي دردن کي دل جي گهراين مان محسوس ڪرڻو پوندو، اسانکي مڃڻو پوندو تہ اسان هڪ قوم کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهيون.

سپاٽي کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ پهريان اڄ کي بهتر ڪرڻ ضروري هوندو آهي، تہ پوءِ اڃو تہ اڄ کي بهتر ڪيون، رانديون جا ميدان هجن يا علمي ويڙهہ، فنون لطيفہ جو شعبو هجي يا ٻيا ڪئي جديد شعبا هجن، اسان نوجوانن جي شرڪت انهن ۾ نهايت ضروري هجي ٿي. اڄ جي ٿهي جا اهي نوجوان جيڪي مختلف علم ۽ هنرن ۾ ٻين ملڪن جي نوجوانن سان مقابلو ڪري پنهنجي ملڪ جي تعمير ۾ حصو وٺندا آهن، انهن ۾ بيشمار صلاحيتون آهن، پر انهن جون صلاحيتون اُن وقت تائين بيڪار آهن جيستائين انهن جي صلاحيتن کي صحيح رستي تي نہ ٿو لڳايو وڃي. صرف پڙهيل لکيل ۽ باشعور نوجوان ئي قومن جي ترقيءَ جو پيڙهہ وارو پٿر ثابت ٿيندا آهن ۽ هاڻي اسانکي اهو ثابت ڪرڻو آهي تہ اسان ئي اهو پيڙهہ جو پٿر آهيون جتان منزلن جي سڃاڻ ٿيندي آهي. چوندا آهن تہ سمنڊ جيڏو حوصلو، باشعورهجڻ سان گڏ متحرڪ ۽ هوشيار ٿهي ئي پنهنجي قوم کي بهتر رهنمائيءَ سان منزل مقصود تائين پهچائي سگهي ٿي. خوشنصيب آهن اهي قومون جن جا نوجوان بلند حوصلي سان سرشار هوندا آهن. باشعور نوجوان ئي باشعور سماج جي اڏاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. انهن ۾ ذميواري جو احساس سماج جي ترقي لاءِ بنيادي اهميت واري انداز جيان رهندڙ آهي. اهي قومون اڳتي وڌنديون آهن جن جا نوجوان ثابت قدمي کي پنهنجو مقصد بڻائيندا آهن. ڏاهن چيو آهي تہ ڪاميابيءَ جو جوهر، محنت جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ سان ئي ملي سگهي ٿو. عزم جي صحرا ۾ ئي ڪاميابي جو نخلستان لڪل هوندو آهي. اڄ جي اها ضرورت آهي تہ نوجوان غير نصابي سرگرمين سان گڏوگڏ تعليمي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺن. راند جا ميدان آباد ڪندي هر قسم جون رانديون ڪيڏن. ڪرڪيٽ، فٽبال، هاڪي جا مقابلا ڪن، مقامي رانديون سان گڏ گڏ بيڊمنٽن، والي بال ۽ شطرنج جهڙين سيني رانديون ۾ انهن جو مڪمل حصو گڏيل هجي، تعليم ۾ سائنس، رياضي، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ هر ان فيلڊ ۾ پنهنجو پاڻ آزمائين، جن ۾ دنيا جا نوجوان پاڻ آزمائي ڪامياب ٿي رهيا آهن. اڄ جي ٿهي اهو سڀ پرائين تڏهن ئي ترقي جو ڦيٿو رکجڻ کان بچندو ڇو تہ هميشه دنيا جي جديد ترقيءَ جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ ۽ جديد تعليمي نظام کي استعمال ڪرڻ سان ئي ترقي طرف وڌي سگهجي ٿو.

ايڊيٽر


## ايڊيٽوريل بورڊ

**سرپرست**
عبدالڪبير قاضي
مينجنگ ڊائريڪٽر
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

**نگران**
صدف انيس
ڊپٽي مينجنگ ڊائريڪٽر
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

**ايڊيٽر**
نثار ٻانيڻ

**اعزازي ايڊيٽر**
ذڪيہ مختيار

**سب ايڊيٽر**
خادم حسين

**صلاحڪار**
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
ذوالفقار بچاڻي
ناهيد عباسي
شازيہ اشرف
مسرت ذوالفقار

**نمائندا**
دلشاد پيرزادا - ڪراچي
نواب ظفر- حيدرآباد
فيروز منصور- ميرپورخاص
اشفاق حسين ميراڻي- سکر

**ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ**
خادم حسين

**سونهن ۽ سنوارپ**
عبدالمنعم خان



# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پنهنجي تصور تحت سنڌ جي هر اُن ٻار کي مفت معياري تعليم مهيا ڪئي آهي جنهن وٽ تعليم جي رسائي نه هئي

عبدالڪبير قاضي، مينجنگ ڊائريڪٽر، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

**نثار ٻانيڻ:** اسان جا پڙهندڙ اوهان بابت ڄاڻڻ چاهين ٿا ته اوهان جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو، اوهان جي تعليم، نوڪري ۽ هن وقت تائين اوهان وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ مختلف عهدن تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

**عبدالڪبير قاضي:** ڏاڍي خوشي جي ڳالهه آهي ته سجاڳ ميگزين پنهنجي نئين ايڊيشن لاءِ تياري پيو ڪري ۽ انشاءَالله جلد ئي اسان تائين پهچي پهچندو. اسان جون دعائون اوهان سان گڏ آهن ۽ ان حوالي سان جنهن به ريسورس جي ضرورت هوندي ان لاءِ پڻ حاضر آهيون، جيئن ميگزين جلد پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي سگهي ۽ سڀني کي معلوم ٿئي ته سنڌ ۾ تعليم لاءِ فائونڊيشن ڪهڙو ڪم ڪري رهي آهي.

منهنجو تعلق نارو شاهه شهر سان آهي، جيڪو سنڌ جي مشهور شخصيت ماسٽر چندر جو اباڻو شهر آهي. مان هڪ مڊل ڪلاس زميندار گهراڻي ۾ پيدا ٿيس. منهنجو ڏاڏو پهريون مسلمان وڪيل هو. منهنجو نانو پهريون مسلمان پرنسپل هيو پر ان کان پهريان منهنجو پڙ ڏاڏو 1880ع ۾ پرنسپل رهيو. تعليم سان اسان جو تعلق اسان جي پڙ ڏاڏي کان وٺي رهيو آهي. ننڍي هوندي راند روند به هئي پر پڙهائي طرف گهڻو ڌيان ڏنو ويندو هيو. گهر ۾ هر فرد پڙهندو هو ان ڪري ٻار جيڪو ڏسندو ان طرف ئي لڙندو آهي. منهنجي خاندان ۾ ڪيترائي فرد پڙهائڻ واري پاسي پروفيسر ۽ ليڪچرار رهيا آهن. مان سول سروس جي پاسي آيس، ان کان پهرين مان آرمڊ فورسز ۾ هئس پوءِ سول سروسز ۾ آيس. سول سروس جي شروعات مان پنجاب صوبي کان ڪئي هئي، جتي مان 7 سال ڪن خدمتون سرانجام ڏنيون، جنهن کانپوءِ مان سنڌ ۾ بدلي ٿي آيس. سنڌ ۾ اچڻ کانپوءِ تقريبن ٻه اڍائي سال فيڊرل گورنمينٽ ۾ نوڪري ڪئي. ان کانپوءِ وري سنڌ ۾ اهڙي طرح مختلف عهدن تي خدمتون سرانجام ڏنيون، پر تعليم سان هڪ جذبي جي حد تائين لڳاءُ هو ۽ اجا به آهي. مون چاهيو پئي ته تعليم جي حوالي سان به ڪم ڪجي، سو تعليم سان لاڳاپيل هڪ پروجيڪٽ ۾ مان پنج سال بطور پراجيڪٽ ڊائريڪٽر رهيس، جيڪو ايشين ڊويلپمينٽ بينڪ جو پروجيڪٽ هو.

سوشل سيڪٽر جي حوالي سان سنڌ ۾ ان کانپوءِ ڪجهه عرصو مون سنڌ بيسڪ ايجوڪيشن پروگرام جيڪو يو ايس ايڊ جو پروگرام هو ان سان گڏ ڪم ڪيو آهي. مطلب ته سرڪاري عهدن سان گڏ تعليم سان لاڳاپيل پروجيڪٽس ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي ان ڪي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح سمجهو پر تعليم سان لاڳاپيل ڪم ڪيو آهي. جيئن ته مون اڳ ۾ ئي توهانکي ٻڌايو ته منهنجو پڙ ڏاڏو تعليم سان لاڳاپيل پهريون مسلمان پرنسپل هو، منهنجو نانو قاضي عبدالرحمان، جڳ مشهور الوحيد اخبار جيڪا ڪراچي مان نڪرندي هئي ان جو ايڊيٽر هو ۽ پوءِ پاڪستان موومينٽ ۾ جيل به ويو هيو ڇاڪاڻ ته الوحيد اخبار پاڪستان موومينٽ تي تمام گهڻو لکندي هئي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پهريون ڊائريڪٽر انفارميشن پڻ منهنجو نانو قاضي عبدالرحمان ئي ٿيو هو. منهنجو چاچو قاضي محمد الياس، جڏهن خيرپور رياست هئي ته ان جو چيف جج هو، منهنجو والد به وڪالت جي شعبي سان لاڳاپيل هو پر پوءِ ان فيلڊ کي ڇڏي ڏنائين ۽ زمينداري سنڀاليائين. سو منهنجو خاندان سول سروسز، آرمي، تعليم ۽ ليگل واري شعبي سان لاڳاپيل رهيو آهي بس اهو ئي منهنجو مختصر تعارف آهي.

**نصير گوپانگ:** تعليم جي حوالي سان ماڻهن کي جيڪي ڏکيائيون پيش اينديون آهن انهن کي حل ڪرڻ جي حوالي سان اوهان جو ادارو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڇا ڪري رهيو آهي؟

**عبدالڪبير قاضي:** حڪومت کي اها خبر آهي ته تعليم جو شعبو نهايت وڏو شعبو آهي پر حقيقت ۾ اسان جي آبادي به تمام وڏي آهي ۽ ان جو وڏو حصو 5 کان 15 سالن جي عمر جي فردن جو آهي. انهيءَ عمر جي فردن کي هر لحاظ کان تعليم جي ضرورت آهي ۽ حڪومت کي اها تعليم مهيا ڪرڻي آهي پر اهو وڏو ڪم هو. حڪومت کي اها ڄاڻ هئي ته اهو ڪم اڪيلي سر رڳو حڪومت نه ٿي ڪري سگهي. ان ڪري سنڌ حڪومت پاران 1992ع ۾ هڪ ايڪٽ وسيلي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو قيام عمل ۾ آندو، جنهن ۾ پروفيسر انيتا غلام علي ان کي سنڀالڻ جي شروعات ڪئي. ان حوالي سان مرحومه جي خدمتن جو شمار تمام گهڻو آهي. انهن هن اداري جي ترقي جو ڪم شروع ڪيو جنهن ۾ انهن پهريون ڪم ته اهو ڪيو ته سنڌ جي ٻهراڙي جي ٻارن لاءِ سوچيو، ڇو ته اُهي تعليم واري پاسي کان پرتي هيا انهن کي ڪنهن به طرح اسڪولن ڏانهن آڻڻو هيو. اُها سندن وڏي خدمت آهي جو اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي پڙهڻ لاءِ اسڪول سسٽم ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪيون، جيڪا سندن تمام وڏي ڪاوش ۽ خدمت هئي. حڪومت جي اها خواهش هئي ته اسڪول کان ٻاهر وارا ٻار اسڪولن ۾ اچن ۽ اسان جو ايڪٽ پڻ اسانکي اهو ئي مينڊيٽ مهيا ڪري

**منهنجو پڙ ڏاڏو تعليم سان لاڳاپيل پهريون مسلمان پرنسپل هو، منهنجو نانو قاضي عبدالرحمان، جڳ مشهور الوحيد اخبار جيڪا ڪراچي مان نڪرندي هئي ان جو ايڊيٽر هو ۽ پوءِ پاڪستان موومينٽ ۾ جيل به ويو هيو ڇاڪاڻ ته الوحيد اخبار پاڪستان موومينٽ تي تمام گهڻو لکندي هئي. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ پهريون ڊائريڪٽر انفارميشن پڻ منهنجو نانو قاضي عبدالرحمان ئي ٿيو هو. منهنجو چاچو قاضي محمد الياس، جڏهن خيرپور رياست هئي ته ان جو چيف جج هو، منهنجو والد به وڪالت جي شعبي سان لاڳاپيل هو.**

ٿو ته سنڌ ۾ تعليمي سرگرمين کي سهائتا مهيا ڪرڻي آهي ۽ تعليمي سرگرمين کي لاڳو به ڪرڻو آهي. اُن ۾ جيڪا اهم سرگرمي لاڳو ڪئي وئي هئي اها هئي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ. جيستائين اسان پرائيويٽ سيڪٽر کي اڳتي نه آڻينداسين تيستائين تعليم جو مسئلو حل ناهي ٿيڻو. حڪومت اهو ڪم اڪيلي سر نٿي ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته آبادي وڌي وئي آهي ان جي ڪري ئي پرائيويٽ اسڪولن جو قيام ٿيو ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائڻ جو رواج وڌيو. اڄ کان ٽيهارو سال اڳ ڏسجي ته پرائيويٽ اسڪول تمام گهٽ هئا ڇو ته جيئن جيئن آبادي وڌي ته پرائيويٽ اسڪول به وڌڻ شروع ٿي ويا ان جو ڪارڻ سرڪاري اسڪولن ۾ جڳهه جو نه هجڻ آهي. جيڪڏهن اها آئيڊيل صورتحال نه هجي ها ته متان ائين نه هجي ها پر ان صورتحال ۾ فقط اهو ئي طريقو هو ته سرڪاري ۽ نجي شعبا گڏجي ڪري اُن صورتحال کي سنڀالي سگهن پيا. ان ڪري فائونڊيشن جو قيام ٿيو. اوهان جي سوال جي ٻئين حصي لاءِ مان اهو چوندس ته اسان وٽ آباديءَ جو وڌڻ هڪ وڏو مسئلو آهي ۽ اسان جي اسڪولن جو انفرااسٽرڪچر سرڪاري سطح تي ايترو بهتر ناهي ته اتي ان سموري آبادي جي ٻارن کي داخل ڪري تعليم ڏئي سگهجي. مثال طور: اسان وٽ سرڪاري سطح تي هڪ لک ڪلاس جا ڪمرا موجود آهن ڇو ته اسان وٽ هڪ ڪمري، ٻن ڪمرن، پنج ڪمرن ۽ ان کان وڌيڪ ڪمرن وارا اسڪول به آهن، ٽوٽل ڏسجي ته اهي اسان وٽ هڪ لک ڪلاس جا ڪمرا آهن. جيڪڏهن اسان اِهو چئون ته 50 لک ٻار اسڪولن ۾ پڙهي رهيا آهن ته ان جو مطلب ته 50 ٻار هڪ ڪمري ۾ پڙهي رهيا آهن ته اهو ڪافي ناهي. ٻيو ته اسان وٽ سيڪنڊري ڊيٽا آهي پرائمري ڊيٽا موجود ناهي، پر سيڪنڊري ڊيٽا اهو ٻڌائي ٿي ته 3,600,000 کان 4,000,000 ٻار اهڙا به آهن جيڪي اسڪول کان ٻاهر آهن، جيڪڏهن پهرين جيڪي اوهانجي ڪلاس جا ڪمرا آهن جنهن ۾ مهيا ڪيل شاگردن جي داخلا آهي ان کي گڏ ڪٽي ڪري نٿو هلي سگهجي ته پوءِ نئين داخلا ڪيڏانهن ويندي؟ اها ڪٿي ويهندي؟ اوهان اهو چئو ٿا ته هر سال داخلا کي وڌائڻ جي مهم شروع ڪيو جيڪا سٺي ڳالهه آهي ۽ ايئن هر حڪومت کي ڪرڻ به گهرجي. نئين داخلا ته ٿيندي پر اوهان انهن کي ويهارينڊؤ ڪٿي؟ اتي هڪ ٻيو سوال به آهي ته اسان وٽ 120,000 يا 130,000 ڪلاس جا ڪمرا آهن انهن اسڪولن جي حالت ڪهڙي آهي مثال طور تي ٻن ڪمرن جو اسڪول آهي ته ان مان هڪ ڪمرو ته بلڪل خراب هوندو آهي جيڪو ويهڻ جي لائق ناهي هوندو، زبون هوندو آهي فقط هڪ ڪمرو ئي هوندو آهي جتي پڙهائي هلندي آهي ته ان هڪ ڪمري ۾ وڌ ۾ وڌ 40 ٻارن کي پڙهائي سگهو ٿا ته باقي ٻار ڪيڏانهن ويندا. ته اها هڪ قسم جي گهرج آهي ته داخلا کي وڌائجي ۽ وڌ کان وڌ ٻار اچن، جيڪو حڪومت کي ڪرڻو به آهي. حڪومت قانون به تيار ڪري ڇڏيو آهي. مفت تعليم هر ٻار لاءِ آهي ته اهو حڪومت جو فرض آهي ته هو ٻارن کي تعليم پهچائي. حڪومت هاڻي فقط روايتي طريقن سان هيڏي آبادي کي تعليم نٿي مهيا ڪري سگهي ان ڪري ٻيو طريقو اختيار ڪرڻو پيو. ٻئي طريقي ۾ حڪومت پاران فائونڊيشن جو قيام عمل ۾ آندو ويو ۽ فائونڊيشن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اهو فقط سنڌ صوبي ۾ ناهي پر ٻين صوبن ۾ به انهن جون جوڙيل فائونڊيشن ڪم ڪري رهيون آهن. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪم جو ذڪر ڪجي ته ان حوالي سان خاص طور تي 2014-15کان رسمي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي پر ان کان اڳ هوم اسڪول، فيلوشپ اسڪول، ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪول هيا. اُن وقت مقصد فقط ٻار کي اسڪول ۾ داخل ڪرڻ هو ۽ ڪنهن به طريقي سان ان کي پڙهائڻو هيو. هينئر اسان وٽ لڳ ڀڳ 750,000 ٻار آهن، جيڪي اسان جي مختلف اسڪولن ۾ پڙهي رهيا آهن. انهن اسڪولن جي انتظام کي سنڀالڻ وارو پرائيويٽ سيڪٽر جو ماڻهو آهي پر اُن جي سهائتا ڪرڻ واري حڪومت آهي ته حڪومت ۽ نجي ادارا گڏجي ڪري ڪم ڪري رهيا آهن جنهن ۾ Monitoring ۽ Assessment جهڙا جزا شامل آهن. اسان جو معاهدو لکت ۾ تيار ٿيل آهي جنهن ۾ واضح ٿيل آهي ته اسان جو ڪهڙو ڪم آهي ۽ پارٽنر جو ڪهڙو ڪم آهي. اهو ئي ڪم ٻين فائونڊيشنز ۾ پڻ ٿيندو آهي.

فائونڊيشن جي معاهدي ۾ اهو واضح لکيل آهي ته جيڪڏهن اسڪول آپريٽر/ پارٽنر هِن هِن مد ۾ پنهنجو ڪم پورو ناهي ڪيو يا ان جو اسڪول لڳاتار اسيسمينٽ ۾ فيل پيو وڃي ته ان جو معاهدو منسوخ ٿي ويندو آهي. مون هڪ ڪم اهو ڪيو آهي جو پاليسي مطابق پيهر ڪو به اسڪول بند نه ٿيندو، اصل ۾ پارٽنر سان معاهدو ختم ٿيڻ جو مقصد اسڪول بند ٿيڻ هوندو آهي. مون اهو ڪم ڪيو آهي جو جيڪڏهن معاهدو ختم ٿيندو ته اهو پارٽنر سان ٿيندو يعني پارٽنر اهو اسڪول نه هلائيندو پر اهو اسڪول ڪليل هوندو اهو اسڪول بند نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته اسڪول ۾ ٻار پڙهي رهيا آهن ٻار جو پڙهڻ اسان بند نه ڪنداسين فقط پارٽنرشپ ٽرمينيٽ ٿيندي ان جي جاءِ تي ڪو به ٻيو ماڻهو ايندو جيڪو اسڪول کي چڱي طرح سان هلائي ۽ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري. ٻي ڳالهه اها ته اسان اهو به ڏسون ته جيڪڏهن اسڪول جي ڪارڪردگي صحيح ناهي ته ڪٿي اها اسان جي طرفان ڪا ڪوتاهي آهي يا اسڪول پارٽنر جي طرفان، اهي ٻئي پاسا ڏسڻا پوندا. اسڪول جو مقصد ته فقط پارٽنر ناهي، جيڪڏهن اسڪول فيل ٿيو آهي ته ان جو مقصد اسان به فيل ٿيا آهيون. اسان کي به ڏسڻ گهرجي ته اسان جي ڪهڙي ڪوتاهي آهي، جيڪا اسان پوري ڪيون جنهن سان ان اسڪول جي ڪارڪردگي پيهر بهتر ٿئي. جيڪڏهن اسان پنهنجي اسيسمينٽ جي طريقيڪار کي بهتر بڻايون، مانيٽرنگ کي بهتر بڻايون مثال طور: اسڪول جي مانيٽرنگ ۽ اسيسمينٽ ۾ ان جو هيڊ ڪائونٽ ۾ گهٽ نمبر اچن ٿا يا ان جي ڪارڪردگي بهتر نٿي اچي ته پورو سال ان تي پينلٽي لڳندي آهي. جيڪڏهن ان جي بدران اسان ان کي ڪجهه حصن ۾ ورهايون ته جيئن مانيٽرنگ هڪ دفعو نه پر ٻه ٽي پيرا ڪيون هڪ پيرو جيڪڏهن ان جو هيڊ ڪائونٽ گهٽ آيو آهي ته ٿي سگهي ٿو پيهر ان جو هيڊ ڪائونٽ سٺو اچي. بلڪل ائين جو جيڪڏهن اوهان انويسٽمينٽ گهٽ ڪري ڇڏيندا ته رزلٽ به گهٽ ايندي، اهو ترقي نه



ڪندو ته اسان کي اسڪول بهتر بڻائڻو آهي. پارٽنر تبديل ڪري سگهجي ٿو پر اسڪول کي بند نه ڪنداسين، ٻارن کي ان جي سزا نه ملڻ گهرجي، مون اها تبديلي آندي آهي. مشڪلاتن بابت اوهان جيڪو ذڪر ڪيو ته ڏکيائيون ته آهن سرڪاري اسڪولن ۾ وڌيڪ آهن، استادن کي مشڪلاتون آهن، ايترا استاد ناهن جيترا هجڻ گهرجن، ڪيترائي اسڪول اهڙا آهن جن جون عمارتون زبون حال آهن، school maintainance سرڪاري لحاظ کان الڳ طريقيڪار آهي، جنهن لاءِ اتي هر وقت سهولت مهيا نه هوندي آهي، ان طريقيڪار ۾ سال لڳي ويندا آهن. پر نجي شراڪتدارن جو اهو آهي ته هو پاڻ وينل هوندو آهي پاڻ ڏسي ٿو ته ڪا شيءِ خراب آهي ته ان وقت ئي ان کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي مثال طور: اسڪول جو پکو خراب آهي، نل خراب آهي، لائيٽ جو بٽڻ خراب آهي بلب فيوز ٿيل آهي ته هڪدم ان کي بهتر بڻائيندو پر سرڪاري اسڪولن ۾ ايئن ناهي. نجي شراڪتدار سال جو انتظار نه ڪندو ته فنڊ ايندو ته پوءِ هو اهي سڀ ڪم ڪندو، هو اهو ڪم ان وقت ئي ڪرائي وٺندو. اِهو فرق آهي سرڪاري ڪمن ۽ نجي شراڪتدار سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو. ان لحاظ کان فائونڊيشن جي اسڪولن جي جيڪا مينٽيننس آهي اها سرڪاري اسڪولن جي لحاظ کان ڪافي بهتر آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ به اهڙي ڪمن کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو ايس ايم سيز فنڊز ذريعي پر طريقيڪار جي فرق سبب ان ۾ دير ٿي ويندي آهي. اِهي اُهي مشڪلاتون آهن جيڪي سرڪاري اسڪولن ۾ پيش اچن ٿيون پر فائونڊيشن ڪوشش ڪري ان مشڪلاتن کي وقت سر مُنهن ڏئي ٿي ته جيئن اسڪول مان ٻار ٻاهر نه نڪرن اسڪول ۾ ئي رهن.

**زوهيب ڪاڪا:** فائونڊيشن کي تقريبا 30 سال مڪمل ٿيڻ وارا آهن ان جي شروعاتي ڏيڍ ڏهاڪي تائين مرحومہ پروفيسر انيتا غلام علي صاحبہ اداري کي پنهنجون خدمتون ارپيون. ان کانسواءِ فائونڊيشن ۾ ناهيد شاهہ دراني جهڙي باوقار بيوروڪريٽ اداري کي سنڀاليو انهن ٻنهين جي سموري عرصي کي اوهان ڪئين ٿا ڏسو؟

**عبدالڪبير قاضي:** جيئن ته مان پهرين به ذڪر ڪري چڪو آهيان ته شروعات ۾ پروفيسر انيتا غلام علي صاحبہ نان فارمل تعليم واري طرف توجهہ ڏني، جنهن ۾ هوم اسڪول، سي ايس اسڪول، فيلوشپ اسڪول ڪجهہ اهڙي طرح جا پروجيڪٽ هئا. تنهن ڪانپوءِ ورلڊ بئنڪ طرفان پي پي آر ايس شروع ٿيو جيڪو فارمل اسڪولنگ جي شروعات هئي. اهي اسڪول به ڪنهن سٺي حالتن ۾ نه هئا چاڪاڻ ته اهي تمام ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ هئا ۽ کي به معيار ان وقت تائين جڙي نه سگهيا هئا ته فائونڊيشن جا اسڪول ڪهڙي طرح جا هجڻ گهرجن. اصل ۾ ان وقت انيتا غلام علي صاحبہ جو هڪ ئي خيال هوندو هو ته ڪهڙي به صورت ۾ ٻار اسڪول ۾ اچن ۽ تعليم شروع ڪن مثلاً: جيڪڏهن ڪا ڇوڪري ميٽرڪ پاس هئي ته اسان ان کي استاد طور ڀرتي ڪندا هئاسين ته هو پنهنجي پاڙي مان ٻار گڏ ڪري اسڪول ۾ داخل ڪري جيئن تعليم وارو عمل شروع ٿي وڃي، جيڪو ڪيترائي سال جاري رهيو. ان دوران ٻيا به ڪيترائي پراجيڪٽ آيا ان سبب ڪري هڪ بنياد پيو ۽ اهو پنهنجي حوالي سان وڏي مضبوط ٿيو ۽ ان ئي بنيادي سبب جي ڪري پي پي آر ايس ۽ فائونڊيشن اسسٽيڊ اسڪول شروع ٿيا، جنهن بعد باقائدي 2014-15 کان فارمل اسڪولن جو بنياد پيو. ان جو نتيجو تمام گهڻو مثبت آيو ماڻهن تمام گهڻو اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ شروع ڪيو ايستائين جو ڪوڙ ٻارن پرائيويٽ اسڪولن کي ڇڏي ڪري اسان جي اسڪولن ۾ داخلا وٺڻ شروع ڪئي. اهي ٻار ان ڪري ايندا هئا جو اسان تعليم جي معيار کي بهتر بڻايو. پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٻار ڪڏهن هر مهيني فيس ڏيندا هئا ڪڏهن وري فصل لهڻ جو انتظار ڪندا هئا ته فصل لهي ته پوءِ هڪ هنڌ 6 مهينن جي فيس ڏيون. پر اسڪول ته مسلسل هلي ٿو ۽ اسڪول جي مالياتي گهرج اها فيس هئي. نجي شعبي جي ان تجربي کي سامهون رکي ڪري اسان جيڪو سسٽم جوڙيو اهو 03 مهينن واري سبسڊي تي جوڙيو جنهن ۾ پارٽنر 03 مهينا اسڪول هلائي پيو جنهن بعد ان کي سبسڊي ڏني ويندي هئي ته وڌيڪ 3 مهينا هلائي ويندو. پوءِ اسان انهن کي اهو چيو اهي ٽيچرز جي معيار کي به بهتر بڻائين، فرنيچر به بهتر رکن ۽ اسڪول جي عمارت کي به بهتر بڻائين ڇو ته اسان جو تجربو تعليم ۾ رهندي اهو آهي ته ٻار ان وقت اسڪول ايندو آهي يا ان جا مائٽ ڪيس اسڪول ۾ تڏهن موڪليندا آهن، جتي جو ماحول بهتر هجي ٿو. جيڪڏهن اسڪول جو ماحول بهتر آهي ته والدين جي پڻ دلچسپي اسڪول ۾ وڌندي آهي، ماحول بهتر هجڻ لاءِ ٻه ٽي ڳالهيون لازمي آهن جنهن ۾: اسڪول مينٽين ڪيئن ٿيل آهي، اسڪول ۾ استاد ڪيترا لائق آهن، بهتر ۽ مثبت ماحول آهي يا نه، جيڪو سليبس آهي اهو پڙهايو به ويندو آهي يا نه. اِهي اُهي شيون آهن جيڪي ٻارن کي يا سندن والدين کي اسڪول ڏانهن اچڻ لاِ ڪشش ڪنديون آهن. ٻي ڳالهہ ته ٻار ان سبب به اسڪول مان نڪري ويندا آهن جو سندن گهرن کان اسڪول جو فاصلو تمام گهڻو هوندو آهي ٻيو ته لا اينڊ آرڊر جي سبب پڻ والدين ٻارن کي اسڪول نه موڪليندا آهن، جن جا اسڪول فاصلي تي آهن. پر اسان واري دور ۾ فقط سرڪاري اسڪول هوندا هئا اهي به پنج پنج ڪلوميٽر اسڪول پري هوندا هئا ته ٻار ماني کائي پنڌ ئي پنڌ اسڪول ڏانهن نڪري ويندا هئا ته اهو سلسلو به هاڻي نٿو ٿي سگهي. ان کانسواءِ سرڪاري اسڪولن ۾ corporate punishment هوندي هئي، جنهن سبب به ٻار اسڪول نه ويندا هئا يا اسڪولن مان نڪري ويندا هئا. انهن سڀني ڳالهين کي مدِ نظر رکندي تجربي جي بنيادن تي اسان پنهنجي اسڪولن کي انهن سڀني ڳالهين کان پري ڪيو آهي ته جيئن ٻار کي يا سندس والدين کي ڪنهن به قسم جي مشڪلاتن کي منهن نه ڏيڻو پوي. خاص طور اسڪولن ۾ ملندڙ ڪارپوريٽ پنشمينٽ جي اسان جي اسڪولن ۾ بلڪل به اجازت ناهي. اسان ڪوشش اها ئي ڪئي ته گهرن کان اسڪول جو هڪ ڪلوميٽر يا ان کان گهٽ جو فاصلو هجي. جيڪڏهن فاصلو وڌيڪ آهي ته اسان جا اسڪول پارٽنر ٻارن کي ٽرانسپورٽ جون سهولتون به فراهم ڪن ٿا نه فقط اهو پر جيڪڏهن سٺا استاد شهرن ۾ آهن ته انهن کي ڳوٺ ۾ آڻڻ ۽ ڪين رهائش پڻ فراهم ڪئي ويندي آهي ته جيئن اهي هفتي جا پنج ڏينهن اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائي باقي ٻه ڏينهن پلي هو پنهنجي گهر وڃن. اهي ڪجهہ شيون آهن جيڪي اسان ايس اِي ايف ۾ پنهنجي اسڪولن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيون آهن.

**زوهيب ڪاڪا:** اسان اهو ڏسي رهيا آهيون ته پرائمري جي تعليم تي زور گهڻو آهي پر جڏهن اسان ايليمينٽري ڏانهن اچون ٿا ته ان طرف توجهہ گهٽ ڏني پئي وڃي ۽ سيڪنڊري ، هائر سيڪنڊري وري پاسي ڏسبو ته اها بلڪل ئي گهٽ pyramid ڏانهن پئي وڃي اوهان جي ان باري ۾ ڇا راءِ آهي؟

**عبدالڪبير قاضي:** اها ڳالهہ بالڪل صحيح ٿا چئو ته هڪ pyramid پيو ٿئي ۽ اها phenomena به آهي ته پرائمري وڌيڪ هوندي آهي ان کان مٿي واري تعليم آهستي آهستي گهٽ ٿي pyramid ڏانهن ويندي آهي پر اسان pyramid ڏانهن نه پيا وڃون. پرائمري بنياد آهي جيڪا وڏي ٿي پر باقي ان تي pyramid نه پيو جڙي جو اڳتي جي داخلا گهٽ ٿيندي ويندي آهي مثال طور: پرائمري ۾ هزار شاگرد داخل ٿيا ته جڏهن يونيورسٽي ۾ ڏسبو ته انهن مان فقط 5 کان 7 تائين ٻار اتي پهچن ٿا ته اهو به هڪ مسئلو آهي ۽ اهو over all issue آهي. اهو به ڏسجي ته اسان جي 100 مان 93 سيڪڙو پرائمري اسڪول آهن باقي 7 سيڪڙو ۾ ايليمينٽري کان يونيورسٽي تائين شامل آهن. فائونڊيشن ان مد ۾ ڪوشش پئي ڪري ته هاڻي پرائمري نه ايليمنٽري ۽ سيڪنڊري اسڪول کوليندي. اسان ان جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. اسان هن سال 940 اسڪول ايليمينٽري اسڪول کوليا آهن باقي 50 ڪن اسڪول سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول آهن ۽ جيڪي ايليمينٽري اسڪول آهن انهن کي اسان هاڻي ئي چئي ڇڏيو آهي في الحال اوهان جا اسڪول ايليمينٽري آهن انين درجي تائين، اسان ڪجهہ سالن تائين اوهان جي ڪارڪردگي ڏسنداسين ته ٻار ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن، جيڪڏهن اتي ئي ٻارن جي تعداد ايترو آهي جو انهيءَ اسڪول کي اپ گريڊ ٿي وڃڻ گهرجي ڏهين درجي لاءِ ته اسان ان کي اپ گريڊ ڪنداسين. اسان اپ گريڊيشن جي پاليسي به تيار ڪري ورتي آهي. جيڪڏهن ٻار يارهين ۽ ٻارهين ڪلاسن ۾ وڃن ٿا ته اجا سٺي ڳالهہ آهي، تنهنڪري اسان جي توجهہ هينئر پرائمري ناهي پر ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري آهي.

**اسان جي اسڪولن ۾ هن وقت داخلا لڳ ڀڳ 775,000 کان 800,000 تائين آهي، ڪووڊ جي ڪري ٻن سالن جي ضايع ٿيڻ باوجود جيڪو اسانجو ٽارگيٽ پنج سالن ۾ 100,0000 ٻارن جو هو سو اسان 3 سالن ۾ حاصل ڪري ورتو، انشاءَالله اسان اصل ٽارگيٽ پورو ڪنداسين.**

**اسان جڏهن کان اهو سلسلو شروع ڪيو آهي تنهن ڪانپوءِ عوام کي خبر پئي ته اسڪالرشپ تي ٻار سٺن اسڪولن ۾ داخل ٿي سگهن ٿا ته انهن پنهنجن ٻارن تي پڙهڻ جي حوالي سان وڌيڪ توجهہ ڏني آهي ته جيئن سندن ٻار به اسڪالرشپ حاصل ڪري سٺن اسڪولن ۾ پنهنجي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري سگهن.**

**نصيرگوپانگ:** اوهان جيئن ته فائونڊيشن جي مختلف دورن جو ذڪر ڪيو، مختلف سربراهن جي ڪم جو به اوهان ذڪر ڪيو. اسان اوهان بابت به ڄاڻڻ گهرون ٿا ته اوهان جو جيڪو تجربو مختلف ڊپارٽمينٽس ۾ مختلف پراجيڪٽس ۾ رهيو آهي، جنهن جو ذڪر پڻ اوهان ڪيو ته ايس اِي ايف ۾ اچڻ بعد اوهان ڪهڙيون تبديليون آنديون ۽ انهن تبديلين جا ڪهڙا نتيجا حاصل ٿيا آهن؟



**عبدالڪبير قاضي:** تبديلي ته مان نه چوندس چو ته پهرين ئي ايس اِي ايف ۾ جن سربراهن ڪم ڪيو جن ۾ پروفيسر انيتا غلام علي صاحبه ۽ ميڊم ناهيد شاهه دراني جيڪو ڪم ڪيو اهو بنياد هيو ۽ بهترين ڪم هيو هاڻي منهنجو ڪم اهو آهي ته مان ان بنياد تي وڌيڪ ڪيئن عمارت تعمير ڪيان. جيڪو ڪم 2014-15ع ۾ فارمل اسڪولن جو هو يا مڊل ۽ هاءِ اسڪولن جو ٿيو ان کي consolidate ڪرڻو هو ۽ ان کي اڳتي وڌائڻو هو. جڏهن مان هتي 2019ع ۾ آيس ۽ ميڊيم ناهيد شاهه دراني هتان بدلي ٿي ته اسان جي 425,000 جي لڳ ڀڳ شاگردن جي داخلا هئي. منهنجو اهو مقصد ٻڌجي ويو ته ايندڙ پنجن سالن تائين ان داخلا کي 100,0000 تائين ڪٽي وڃڻو آهي. اتفاق اهو ٿيو جو جيئن اسان پهريون ان مقصد کي حاصل ڪرڻ خاطر پهريون قدم کنيو ته ڪووڊ جهڙي عالمي وبا شروع ٿي وئي جنهن جو عرصو ڪو به سال جو هليو، جنهن تمام گهڻو رخنو وڌو. اُن ۾ 2 سال نڪري ويا يعني اسان جا ٻه نصابي سال متاثر ٿيا، جنهن سان اسان جو شروع ڪيل ڪم رڪجي ويو. پوءِ جڏهن ويڪسينيشن شروع ٿي ۽ مثبت نتيجا آيا ته اسان ٻيهر ايڪسپينشن جي مهم شروع ڪئي سين جنهن ۾ الله جو ڪرم ۽ ماڻهن جو تعاون رهيو. ماڻهن جو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تي اعتماد هيو ۽ سڀ کان سٺي ڳالهه اسان جو بورڊ ۽ اسان جي سياسي قيادت آهي خاص طور تي چيف منسٽر صاحب جو اسان تي تمام گهڻو اعتماد آهي، جنهن سبب اسان کي پهرئين سال ئي 3 لک ٻارن جو هڪ وڏو انگ مليو چو ته ڪووڊ جي ڪري ڪجهه ننڍا ۽ نجي اسڪول بند ٿيا هئا. گذريل سال جيڪا انرولمينٽ 425,000 مان وڌي 480,000 تي پهچي وئي ته هن سال 750,000 جي لڳ ڀڳ ٿي آهي، جيڪي نوان اسڪول شامل ڪيا آهن انهن ۾ اها انرولمينٽ ٿي، هاڻي اسان جي مانيٽرنگ ٽيم جڏهن مانيٽرنگ ڪري موٽي ته ان جي رپورٽ مطابق اسان جي اسڪولن ۾ هن وقت داخلا لڳ ڀڳ 775,000 کان 800,000 تائين آهي، ڪووڊ جي ڪري ٻن سالن جي ضايع ٿيڻ باوجود جيڪو اسانجو ٽارگيٽ پنج سالن ۾ 1,000,000 ٻارن جو هو سو اسان 3 سالن ۾ حاصل ڪري ورتو. انشاءَ الله اسان اصل ٽارگيٽ پورو ڪنداسين. جيڪڏهن اوهان اِن کي ائين ڏسو ته 775,000 ٻار فائونڊيشن اسسٽيڊ اسڪولن ۾ آهن، 125,000 ٻار ايڊاپٽ اي اسڪول ۾ آهن. اهڙيءَ طرح 45,000 نان فارمل ۾ آهن ۽ حڪومت به اسانکي اجازت ڏئي ڇڏي آهي ته گورنمينٽ جا جيڪي نان فنڪشنل اسڪول آهن جيڪي پراپرلي فنڪشن نٿا ڪن ۽ اتي آبادي موجود آهي، جتان ٻار اسڪول ۾ اچي سگهن ٿا ته اسان وٽ لڳ ڀڳ 400 اسڪولن جي اين او سي موجود آهي. هاڻي جڏهن اسان انهن اسڪولن کي ٽيڪ اپ ڪرڻ ويندا سين ته اسان ايندڙ ڏيڍ، ٻن سالن تائين انشاءَ الله 1,000,000 ٻارن جو ٽارگيٽ پورو ڪنداسين.

**نصيرگوپانگ:** اوهان ڪووڊ جي حوالي سان ذڪر ڪيو ته سڄي دنيا ان وبا جي ڪري متاثر ٿي. اسان جو ملڪ ۽ سنڌ صوبو پڻ انهيءَ وبا جي ڪري سخت متاثر ٿيو. ان صورتحال دوران تعليم کي جاري رکڻ لاءِ ايس اِي ايف ڪهڙيون ڪوششون ورتيون؟ ٻارن جي تعليم کي جاري رکڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون هيون ان حوالي سان اوهان جي پاليسي ڇا رهي؟ ڪهڙي طرح ٻارن جي تعليم کي جاري رکيو ويو؟

**عبدالڪبير قاضي:** سڄي دنيا ۾ ڪو ڏيڍ ارب جي لڳ ڀڳ مختلف عمرين جا شاگرد متاثر ٿيا هاڻي اوهان پاڻ اندازو ڪيو، ٻار ڪجهه وڏا به هوندا ڪاليج ۽ يونيورسٽين جا به، جيڪي روزانو صبح گهران نڪرن ٿا ۽ شام واپس گهر موٽندا آهن هڪ روزاني جو معمول ٿهيل هوندو آهي ۽ اهي ڏيڍ ارب ٻار لاڪ ڊائون ۾ ڦاسي پيا. اهي گهر مان ٻاهر نه پيا نڪري سگهن، نه ئي ڪجهه ڪري پيا سگهن، نه ئي پڙهي پيا سگهن. لاڪ ڊائون ۾ هو پڙهڻ جو ڪو سسٽم ته موجود نه هو. سٺي کان سٺا اسڪول ايستائين جو يونيورسٽيز به لڳ ڀڳ 06 مهينن تائين ڪو آن لائين سسٽم جوڙي نه سگهيون. اسڪول لاءِ اهو مسئلو ته اڃا وڌيڪ مشڪل هو ۽ سرڪاري اسڪولن لاءِ ان

**جيستائين ڳالهه آهي سيڪنڊ شفٽ جي ته ڏسو ڪجهه شين کي ريگيوليٽ ڪرڻو پوندو آهي ۽ جيڪڏهن سڀئي اسڪول ٻي شفٽ شروع ڪن ته اهو به صحيح عمل ناهي، ان لاءِ اهو آهي ته جيئن اپگريڊيشن، سيڪنڊ شفٽ ۽ اسڪول جي لوڪيشن ۾ ٿورو گهڻي تبديلي ڪرڻي هوندي آهي ته ان سڀني لاءِ پاليسي ٺهيل آهي.**

کان وڌيڪ ڇو ته اُتي ڊجيٽل لرننگ يا ڪمپيوٽر جو ته ڪو سلسلو ئي ڪونه هيو ۽ گورنمينٽ جا اهي اسڪول جيڪي ايس اِي ايف پاران ايڊاپٽ ڪرايل هئا اهي ته اهڙن ڏورانهن ۽ مشڪل علائقن ۾ آهن جتي نه مناسب بجليءَ جو بندوبست ۽ نه ئي انٽرنيٽ جو ڪو سلسلو موجود هيو. اهو هڪ وڏو مشڪل مرحلو هو، پر نومبر، ڊسمبر 2019ع ۾ ڪووڊ پوري دنيا ۾ ٿيو ۽ جنوري 2020ع گذريل سال اهو پنهنجي پوري عروج تي پهتو ته پوري دنيا لاڪ ڊائون طرف وڃي رهي هئي. چِين ته سڀ کان پهرين لاڪ ڊائون لڳايو. اسان سوچيو ته هاڻي ڪجهه ٻيو سوچجي، ٻارن کي پڙهائڻ واري سلسلي کي ڪيئن جوڙجي. اسان مائڪرو سافٽ وارن سان رابطو ڪيو، انهن اسان سان تعليم جي سلسلي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جي حامي ڀري. اسان جي ٽريننگ يونٽ جنهن جي ڊائريڪٽر ميڊيم شهپارا رضوي آهي ۽ نثار ٻانيڻ صاحب ميڊيا ۽ ڪميونيڪيشن جي طرف کان جڏهن مائڪرو سافٽ وارن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ته اهي راضي ٿيا ۽ ڪم شروع ڪيو ويو، جنهن جو پهريون مرحلو هو پنهنجي ٽيچرز کي تربيت ڏيڻ ۽ اسانجا اهي ايمپلائيز جيڪي انهن سان لاڳاپيل هيا انهن کي اِها تربيت ڪرائي وئي. پوءِ وري شاگردن کي ان تربيت ۾ شامل ڪيو ويو پر اتفاق اهو ٿيو ته جنهن ڏينهن اسان جو پهريون سيشن ٿيو ته انهي رات حڪومت لاڪ ڊائون هٽي ڇڏيو. اسان کي اهو سڀ ڪجهه روڪڻو پيو، پر اسان چپ ڪري نه ويٺاسين. اسان جي ٽريننگ يونٽ ۽ مائڪروسافٽ جا ماڻهو ايندا رهيا توڻي جو سرڪاري طور تي آفيسز بند هيون پر ڪجهه ايمپلائيز والنٽيئر طور تي اچي ڪم ڪيو انهن مائڪروسافٽ سان ملي ڪري آن لائن ٽريننگ جو پروگرام تيار ڪيو جنهن بعد اسان پنهنجي استاد صاحبان کي گذارش ڪئي ته اهي رجسٽر ٿين. ان پليٽ فارم تي لڳ ڀڳ 9,000 استاد رجسٽرڊ ٿيا پر انهن مان ايڪچوئل ٽريننگ ۾ 3 هزار جي لڳ ڀڳ استاد شامل ٿيا، باقي استادن وٽ مختلف مسئلا هيا. ڪن وٽ انٽرنيٽ جي سهولت ڪو نه هئي ڪن وٽ بجلي نه هئي. بهرحال جيڪي



استاد آيا انهن جي تربيت ٿي انهن کي سمجهايو ويو ته اوهان کي ڇا ڪرڻو آهي. پوءِ ٽريننگ يونٽ ان حوالي سان ڪجهه مواد تيار ڪيو، جيڪو اي ميل، واٽس ايپ، ويب سائيٽ ۽ پورٽل ذريعي استادن تائين پهچايو ويو، جنهن جي پرنٽ ڪرائي وئي جنهن مواد کي انهن هر ٻار تائين اهو مواد بطور هوم ورڪ هر ٻار جي در تائين پهچايو. اسان جي مانيٽرنگ جي رپورٽ مان خبر پوي پئي ته ان وقت جيڪي اسان جا 1,600 کان 1,700 اسڪول هئا تن مان 1,400 کان 1,500 اسڪولن ان تي ڪم ڪيو، جنهن جي جواب ۾ ڪوئي 1,100 کان 1,200 اسڪولن جي ٻارن هوم ورڪ پورو ڪري واپس ڪيو. هينئر ان ڊيٽا تي ڪم پيو هلي ته ڪيترا ٻار ۽ ڪيتريون ٻارڙيون هيون، ڪنهن سبب جي ڪري باقي اسڪولن جي ٻارن هوم ورڪ نه ڪيو، اهي ڪهڙا سبب هئا ان تي تحقيق ڪريون پيا. بهرحال سٺي ڳالهه اها هئي ته اسان جي استادن ۽ اسڪول آپريٽرڪي اهو احساس هيو ته ٻارڙن کي هوم ورڪ پهچائڻو آهي. ٻي ڳالهه ته جڏهن اسان جا استاد رجسٽرڊ ٿي ويا ۽ ڪين ٽريننگ ٿي وئي ۽ انهن کي ٽريننگ يونٽ پاران مواد به ملندو رهيو. ان ڪانسواءِ يوٽيوب تي مواد اپلوڊ ڪيو ويو، نه فقط ايترو ايڊيشنل مٽيريل به اپ لوڊ ڪيو ويو. اهو مٽيريل انهن تائين پهتو، ٻار تعليم جي سلسلي سان جڙيل رهيا. ڊجيٽل ڪلاس جي تصور کي به اسان اجاگر ڪيو سپني اسڪولن ۾ ته ڪونه ٿيو پر ڪافي اسڪولن ۾ اهو ڪيو ويو. ان ۾ سئو سيڪڙو ٻار ته ڪونه آيا جو ڪوڙ شاگردن وٽ موبائل جي به سهولت نه هئي، جن وٽ سهولت هئي اهي ٻار ڊجيٽل ڪلاس جو حصو ٻڻجي ويا انهن کي اسائنمينٽ به ملندي هئي ۽ اهي آن لائين اسائنمينٽ جمع ڪرائيندا هئا. حقيقت اها آهي ته سرڪاري اسڪولن ۾ ته ڪمپيوٽر جو exposure ئي نه آهي، هن وبائي صورتحال ۾ اهو exposure اسان پنهنجي اسڪول جي ٻارن کي ڏنو. پوءِ اسان وٽ ايس اِي ايف ۾ انسٽال پروگرام جيڪو ميڊيم ناهيد شاهه جو ئي شروع ڪرايل هو ان پروگرام ذريعي لڳ ڀڳ 5 سئو اسڪول اهڙا آهن جن ۾ آڊيوويزيول رومز نهيل آهن انهن ڪمرن ۾ ٽي وي سيٽ ۽ ڪمپيوٽر ۽ ٽيبليٽ آهن، انهن اسڪولن جا ٻار پهرين ئي انهن جو استعمال ڄاڻيندا هئا يعني انهن جي پريڪٽس هئي. اتي هر ڪلاس جي ٻارن کي اها سهولت ملندي آهي ته هو جڏهن ڪو سبق پڙهندا آهن مثال طور تي رياضي جي ڪا مشق ڪيائون ۽ جاگرافي جو ڪو سبق پڙهيائون، فزڪس جو پڙهيائون، پوءِ انهي ٻارن کي استاد ان ڪمري ۾ وٺي ايندو آهي ۽ آڊيو ويزيول روم ۾ ٽي وي تي اهو ئي سبق ڏيکاريو ويندو آهي ۽ وري يوٽيوب تي ڏنل مواد به اهو ئي اپ لوڊ ڪيل آهي. اهو سڀ ٻار لاءِ ان ليڪچر جو حصو ٻڻبو آهي ان سان ٿيندو اهو آهي ته ٻارن جيڪو ڪجهه ڪتاب ۾ پڙهيو ان کي پنهنجي اکين سان ٿيندي ڏسندا آهن. ٻار ٽن طريقن سان سکي ٿو، ڪتاب مان پڙهي ڪري ٽي وي ۽ يو ٽيوب تي ڏسي ۽ پريڪٽيڪل طور تي ان کي ڪندي. سو انهن ٻارن کي اهو exposure اڳ ۾ ئي هيو ته مون کي ٽيبليٽ ڪيئن استعمال ڪرڻو آهي، موبائيل فون ڪيئن استعمال ڪرڻو آهي اهي شاگرد جن جي گهر ۾ ڪمپيوٽر ۽ ليپ ٽاپ هئا، انهن جي دلچسپي وڌي ۽ اهي ڊجيٽل ڪلاسن ۾ آيا. انهن ڊسٽينس لرننگ يا اِي لرننگ ۾ سپني ڪان اڳتي هئا ايترو جو استاد به چوندا هئا ته هي اسان



ڪان به سکڻ جي حوالي سان اڳتي آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان هاڻي ايندڙ تعليمي سال لاءِ جيڪو مواد ڏسي رهيا آهيون اهو اسان سمجهي رهيا آهيون ان ۾ صرف ڪتاب ۽ فزيڪل تعليم نه هوندي پر اسان کي پاڻمرادو ئي اها ڊجيٽل ۽ فزيڪل لرننگ ۾ مڪس ڪري ڇڏڻ گهربي. هونئن ته پڙهائي فزيڪل ئي ٿيڻ گهربي آهي، ڪلاس روم جي ماحول ۾ ئي پڙهائي ٿي سگهي ٿي، باقي پڙهائي/تعليم مشڪل آهي دنيا جي سپني ترقي يافته ملڪن به اهو ئي چيو آهي ته ڪنهن حد تائين ڊسٽينس لرننگ ٺيڪ آهي، نه کي ريگيولر بنيادن تي ان کي سسٽم ۾ شامل رکيو وڃي. اسان هڪ اهڙو مواد جوڙڻ وڃي رهيا آهيون جنهن ۾ ان قسم جو به exposure هجڻ گهرجي. خدا نه ڪري ته وري اهڙي صورتحال اچي، ان لاءِ گهر ويٺي ٻار پڙهن، فارغ نه هجن. ان سلسلي ۾ اسان پنهنجي هيڊ ٽيچرز جي ٽريننگ ڪرائي رهيا آهيون جنهن ۾ اهو هڪ ڊجيٽل لرننگ جو موڊيول پڻ هوندو. ڊجيٽل لرننگ ڪيئن هوندي ۽ ان کي مانيٽر ڪيئن ڪيو ويندو ۽ ان تحت اسيسمينٽ ڪيئن ڪئي ويندي، اهو هڪ ماڊيول هوندو جيڪو اسان ٽيچرز کي پڙهائڻ وڃي رهيا آهيون ۽ پوءِ ٻيا ٽيچر به ان سلسلي ۾ ٽرينڊ ڪيا ويندا.

**زوهيب ڪاڪا**: اسان ذاتي طور گرائونڊ تي وياسين پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت فائونڊيشن جي هلندڙ مختلف اسڪولن کي وزٽ ڪيو، اتي ڏٺو ته آڊيو ويزول رومز به هيا، آئي ٽي ليب به هيا مطلب ته ٻارن جي بهتري جي حوالي بهتر خرچ ٿيل نظر اچي پيو، انهن جا اهي سڀ خرچ ڪيئن ٿا نڪرن؟ فائونڊيشن جي اسڪولن ۾ سيڪنڊ شفٽ هلائڻ، ٽيوشن سينٽر هلائڻ ۽ فيس وٺڻ جهڙي ڳالهين جو سخت پابنديون لڳايل آهن پوءِ اُهي اسڪول ڪيئن پنهنجو خرچ پورو ڪندا آهن؟

**عبدالڪبير قاضي:** ڏسو خرچ ته انهن جا پورا ٿي رهيا آهن تنهن جو مثال اهو آهي ته جڏهن اسان پنهنجي نون اسڪولن لاءِ اشتهار ڏنو ته ان لاءِ اسان وٽ 6000 کان 7000 درخواستون موصول ٿيون. ان جو مطلب ته جن درخواستون ڏنيون سي نوان به هيا ته انهن سان گڏ پراڻا فائونڊيشن جا پارٽنر به هيا، جيڪي اڳ ئي اسڪول هلائي رهيا آهن. نه فقط اهي پر اسان وٽ وڏيون آرگنائيزيشنس به آهن جن ۾ زيبيسٽ، انڊس ريسورس سينٽر، ٽي سي ايف، جيڪي اسان سان ڪم ڪري رهيون آهن. اهي ڪم ۽ مالي سهائتا ملڻ مان مطمئن آهن تڏهن ئي ته اسان سان گڏجي ڪم ڪري رهيون آهن پر اهي پنهنجي ڪم کي اڃا وڌيڪ وڌائي رهيا آهن. رهي ڳالهه ڪمپيوٽر روم، آئي ٽي ليب جي ته انهن جي واقعي ۾ به ضرورت ۽ اهميت آهي.زئين ڪرڻ سان اسان ڪمپيوٽر ۽ آئي ٽي ليب، سائنس ليبارٽري لاءِ انهن کي گرانٽ ڏيندا آهيون. اها گرانٽ 100 سيڪڙو نه هوندي آهي پر معاهدي مطابق اهو ڪم آپريٽر جو آهي ان کي ئي اهو ڪرڻو آهي پر پوءِ به اسان ان کي گرانٽ ڏيندا آهيون ته جيئن ان کي سهڪار ملي ۽ هو اڃا وڌيڪ بهتر انداز ۾ پنهنجي اسڪول جي ضرورت مطابق ان کي stablish ڪري سگهي. جيستائين ڳالهه آهي سيڪنڊ شفٽ جي ته ڏسو ڪجهه شين کي ريگيوليٽ ڪرڻو پوندو آهي ۽ جيڪڏهن سپئي اسڪول ٻي شفٽ شروع ڪن ته اهو به صحيح عمل ناهي، ان لاءِ اهو آهي ته جيئن

اپگريڊيشن، سيڪنڊ شفٽ ۽ اسڪول جي لوڪيشن ۾ ٿوري گهڻي تبديلي ڪرڻي هوندي آهي ته ان سڀني لاءِ پاليسي ٺهيل آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي ٿو ته منهنجي اسڪول ۾ 10 ڪمرا آهن. اسڪول ۾ 10 ڪمرن جي حساب سان هو 300 ٻار پڙهائي سگهي ٿو يا 350 ٻار پڙهائي سگهي ٿو. هاڻي ان وٽ انرولمينٽ 600 ٻارن جي ٿي وڃي ٿي ۽ ڪهڙن ڪهڙن گريڊز ۾ انرولمينٽ ٿي آهي هو ٻڌائي، ان کي اسڪول جي اپگريڊيشن لاءِ اپلائي ڪرڻ گهرجي، جانچ پڙتال ڪانپوءِ ان اسڪول جي اپگريڊيشن به ڪئي ويندي. جيڪڏهن ساڳين ڪلاسن لاءِ آهن ته هو سيڪنڊ شفٽ لاءِ اپلائي ڪري انهن کي اسان سيڪنڊ شفٽ هلائڻ جي اجازت ڏينداسين ان ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو حرج ناهي پر ان جا استاد الڳ هجڻ گهرجن، جيڪڏهن ائين نٿو ڪري ته پوءِ اجازت ناهي ڇو ته ڪو به استاد لڳاتار سڄو ڏينهن پڙهائي نٿو سگهي. نون استادن لاءِ نوڪريءَ جون راهون کُلن ٿيون ڇو ته جڏهن اسان ڪان توهان ٻي شفٽ وٺو ٿا ته اسان ان کي سبسڊي به ان ٻي شفٽ واري اسڪول جي الڳ سان ڏيون ٿا. اسڪول ڪٿي ساڳيو آهي پر استاد ته نوان هجن، جيڪي fresh mind سان ٻارن کي پڙهائين. اسان اهو چاهيون ٿا ته جيترا به مالي ذريعا پيدا ٿيا آهن، اهو گورنمينٽ جو پيسو آهي. جيڪا سبسڊي وڃي ٿي ان مان ئي اهو ذريعو گڏ ٿيو آهي ۽ ان ڳالهه ۾ به ڪو شڪ ناهي ته آپريٽر جي محنت نه آهي بلڪل محنت آهي ۽ هُن پنهنجو به پئسو لڳايو هوندو آهي مطلب ته فقط اسان جو پئسو ناهي آپريٽر جو به پئسو لڳل آهي زمين ان جي آهي پاڻ وينو آهي، محنت ڪري پيو ان جي ايڊمن جي ڪاسٽ آهي ته اسان اهو چاهيو ٿا ته جيڪو مالي ذريعو جڙيو آهي اُهو استعمال ٿئي.

**زوهيب ڪاڪا:** مطلب اوهان مطمئن آهيو؟

**عبدالڪبير قاضي:** بلڪل، ڇو ته نون اسڪولن لاءِ پراڻن آپريٽرن سان گڏ نون به رجوع ڪيو، مطلب ته اهي هن سڄي سسٽم سان سهمت آهن جنهن ڪري اسان به مطمئن آهيون.

**نصير گوپانگ:** نون اسڪولن جي حوالي سان اسان جا پڙهندڙ ڄاڻڻ چاهين ٿا ته اسڪولن لاءِ اپلائي ڪيئن ڪجي؟ جيڪڏهن ڪو نئون آپريٽر اسڪول اپلائي ڪري ڇا طريقيڪار آهي؟

**عبدالڪبير قاضي:** بنيادي طور تي اسان جيڪا سبسڊي ڏيون ٿا اهو عوام جو پئسو آهي ۽ اسان سڀني جي اها ذميواري آهي ته ان جو استعمال احتياط سان، ذميواري سان ۽ عوام لاءِ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اها سيڙپڪاري ٻارن جي تعليم لاءِ حڪومت ڪري ٿي ۽ اسيمبلي ڪري ٿي ته ڪوشش اها ئي هجڻ گهرجي ته 100 سيڪڙو اهي پيسا ٻارن جي تعليم تي ئي خرچ ٿيڻ گهرجن ۽ يقيناً ان جي پڪ ڪرڻ لاءِ اوهانکي اهليت جا معيار ٻڌائڻا پوندا آهن ان جي پائيداري ڏسڻي پوندي آهي. ڇو ته ائين نه ٿئي جو اوهان اسڪول کوليو، آپريٽر آيو، ان سمجهيو ته ڪا ڪاروباري سرگرمي آهي ته ڪجهه مهينن لاءِ اچي ڪري سبسڊي وٺبي ۽ اسڪول هليو ته ٺيڪ آ نه ته واپس هليو وڃبو. جيڪڏهن ڪو ڇڏي هلي وڃي ته اوهان ڇا ٿا ڪري سگهو؟ تنهنڪري پهرين ڏينهن کان ئي اها پڪ ڪرڻي پوندي ته اوهانکي اهڙو پارٽنر وٺي اچڻو پوندو جيڪو اسڪول ڇڏي نه وڃي. مسئلا ته گهر نهرائڻ مهل به ايندا آهن نئين گاڏي وٺندؤ تڏهن به مسئلا پيش ايندا هن جا ٿائر اهڙا نه هئڻ گهرجن. اشوز ته ايندا رهندا، پر مسئلن کي ڪيئن گڏجي ڪري حل ڪجي ڇو ته اسڪول هلائڻو آهي. اهليت جو معيار قائم ڪرڻ ضروري آهي ۽ اُهو اهڙو هجڻ گهرجي جنهن سان لڳي ته اسڪول اڳتي هَلي سگهي، ڇاڪاڻ ته اسڪول هميشه لاءِ هوندو آهي ته هڪ ڏينهن لاءِ نه. اسان جي ڪوشش اها هوندي آهي، اهليت جو معيار اهڙو هجي جنهن ۾ پائيداري هجي، زمين ان جي پنهنجي هجي جتي هو اسڪول ٺاهي سگهي، ان

> **مون جيڪا تبديلي آندي آهي ان ۾ اسيسمينٽ جو جيڪو ماڊل آهي ان کي اسان ٿورو تبديل ڪرڻ وڃي رهيا آهيون. پهرين اهو ٽئين درجي کان ٻارهين درجي تائين 100 سيڪڙو ٻارن جي اسيسمينٽ ٿيندي هئي. پر هاڻي اسان 100 سيڪڙو ٻارن جي اسيسمينٽ نه ڪنداسين پر ڪجهه چونڊ درجن جي ڪنداسين جيئن درجو ٽيون، درجو پنجون ۽ درجو اٺون، انهن جي اسيسمينٽ ڪنداسين. هن سال پنجين درجي جي اسيسمينٽ ان ڪري ٿا ڪيون جو انهن کي مڊل اسڪول طرف وڃڻو هوندو آهي، انهن جي ڪارڪردگي جاچيندا آهيون**

وٽ به ايترا ريسورس هجن جو هو اسڪول هلائي سگهي، سنڌس تعليم به ايتري هجي جو هو تعليم جي نظام کي سمجهي سگهي ته مان جنهن فيلڊ ۾ وڃي رهيو آهي ان جي اهميت ڇا آهي، تعليم جي اهميت ڇا آهي ۽ هو ڪيئن اها ٻارن تائين پهچائيندو. ان ڪانسواءِ ان کي استاد ڀرتي ڪرڻا آهن، اسڪول مينيج ڪرڻو آهي، هن ۾ ايتري قابليت ۽ تجربو هجڻ گهرجي. اهي سڀ بنيادي شيون آهن جيڪي اسان ڏسي رهيا آهيون. ان ڪانپوءِ آر ايف پيز جو جيڪو پروپوزل آهي اهو ته اسڪول ڪيئن تيار ڪرڻو آهي ڪٿي تيار ڪرڻو آهي. اسان پنهنجي طريقيڪار ۾ اهو ڪندا آهيون ته ڪو به ماڻهو اسڪول لاءِ اپلائي ڪندو آهي ته مون کي فلاڻي هنڌ تي اسڪول کولڻو آهي ته ان اندازي مطابق يا ان جو سروي ٿيل هوندو آهي ان جي علائقي ۾ 200 يا 400 ٻار آهن جيڪي اسڪول ۾ اچي سگهن ٿا. اسان جي ٽيمون verify ڪرڻ گرائونڊ تي وينديون آهن، ان ۾ اهو ڏٺو ويندو آهي ته proposed site جي ڀرسان اڌ ڪلوميٽر يا هڪ ڪلوميٽر تي سرڪاري اسڪول يا فائونڊيشن جو اسڪول موجود ته ناهي. ڇو ته سرڪاري اسڪول آهي ته اهو ڊسٽرب ٿي ويندو. اهو چيڪ ڪيو ويندو آهي پوءِ لوڪيشن کي چيڪ ڪيو ويندو آهي، اها زمين موجود به آهي يا نه پوءِ ان کان انٽرويو ڪيو ويندو آهي پوءِ اسان ان کان پڇندا آهيون ته جيڪڏهن اوهان کي اسان اسڪول ڏيون ته هو ان جي تعمير ڪيئن ڪرائيندو؟ ان کي ڪيئن هلائيندو؟ اسڪول جي ڊويلپمينٽ ڪيئن ٿيندي؟ ان مان اسان کي هڪ آئيڊيا ملي ويندو آهي ته ائين ناهي ته فقط اسان پڇا ڪندا آهيون پر انٽرويو ڏيندڙ به اسان کان سوال پڇي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته هو پارٽنر آهي. اسڪول پارٽنر ته برابري جو حق رکي ٿو ان ڪري سنڌس راءِ جي به ايتري اهميت آهي جيتري اسانجي راءِ جي. اهو هڪ سلسلو هوندو آهي جنهن بعد اسان اسڪول جي چونڊ ڪندا آهيون ان سان گڏ علائقو به ڏسندا آهيون ته اتي ايتري آبادي آهي جيترا هن ٻار آر ايف پي ۾ ڏيکاريا آهن. جيڪڏهن ڪنهن مين روڊ کان هٽي ڪري اپلائي ڪيو آهي، هڪ ماڻهو مين روڊ تي ڪيو آهي ته يقيناً اوهان ان کي اهميت ڏيندؤ جيڪو مين روڊ تي هوندو، ڇاڪاڻ ته اتي ٽرانسپورٽ ۽ ٻيون سهولتون هونديون جيڪو ننڍي ڳوٺ جو هوندو اهو به پهچي ويندو. اهڙي طرح جي سڀني شين کي ڏسي ڪري اسان اسڪول ڏيندا آهيون. اسان انهن کي شروعات ۾ establishment



cost جي مدَ ۾ مالي مدد پڻ ڪندا آهيون، جيئن هو ڪجھہ پنهنجي ريسورس ڪجھہ اسان جي ريسورس کي ملائي ڪري جلد ڪان اسڪول تيار ڪري وٺي.

**زوهيب ڪاڪا:** ٻارن جي ڪارڪردگي جانچڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ جديد سائينٽيفڪ طريقيڪار آهن ايس اِي ايف پنهنجي ٻارن جي ڪارڪردگي جانچڻ لاءِ ڪهڙو طريقيڪار استعمال ڪندي آهي؟



**عبدالڪبير قاضي:** فائونڊيشن جو ڪارڪردگي جانچڻ جي حوالي سان پنهنجو طريقيڪار آهي، جيڪو تمام بهترين آهي. جيتوڻيڪ جيئن جيئن ٻارن جي داخلا ۾ واڌ اچي رهي آهي ۽ اسڪولن جو نمبر وڌي رهيو آهي تہ شايد اسان کي ان ۾ تبديلي آڻڻ جي ضرورت آهي. اوهان پڇيو هيو تہ ڪهڙي تبديلي آندي اٿوَ؟ تہ مون جيڪا تبديلي آندي آهي ان ۾ اسيسمينٽ جو جيڪو ماڊل آهي ان کي اسان ٿورو تبديل ڪرڻ وڃي رهيا آهيون. پهرين اهو ٿئين درجي کان ٻارهين درجي تائين 100 سيڪڙو ٻارن جي اسيسمينٽ ٿيندي هئي. پر هاڻي اسان 100 سيڪڙو ٻارن جي اسيسمينٽ نہ ڪنداسين پر ڪجھہ چونڊ درجن جي ڪنداسين جيئن درجو ٽيون، درجو پنجون ۽ درجو اٺون، انهن جي اسيسمينٽ ڪنداسين. هن سال پنجين درجي جي اسيسمينٽ ان ڪري ٿا ڪيون جو انهن کي مڊل اسڪول طرف وڃڻو هوندو آهي، انهن جي ڪارڪردگي جاچيندا آهيون تہ انهن جي ڪيتري اهليت آهي جيڪي درجي ڇهين ۾ وڃي رهيا آهن، اٺين درجي جو جيڪو ٻار آهي اهو نائين درجي ۾ وڃڻو هوندو آهي، جو ان جي پڙهائي سائنس، رياضي ۽ جاگرافي ڏانهن ٿيندي. تنهنڪري اٺين درجي جي جانچ لهندا آهيون تہ اهو ڪيترو قابل آهي ڇا هو اڳتي ڪلاسن کي پڙهي سگهندو. ان مان ئي اسڪول جي ڪارڪردگي جو اندازو لڳايو ويندو، ٻارن جي پڙهائي سٺي مطلب تہ اسڪول جي ڪارڪردگي سٺي آهي، استاد ۽ پارٽنر جي ڪارڪردگي ڇا آهي اهو ڏسندا آهيون. ان ۾ پينلٽي بہ آهي مثال طور: ڪنهن جو اسڪول فيل ٿيو آهي تہ ان تي پينلٽي لڳائينداسين. هن سال پينلٽي ٿورو مختلف هوندي. نئين ڪانٽريڪٽ ۾ ان کي تبديل ڪيو آهي پر اهو سڀ ڪجھہ اسان جي اسيسمينٽ تي دارومدار رکي ٿو پر جيئن جيئن اسڪولن جو تعداد وڌندو ويندو تيئن تيئن بين الاقوامي اصول تحت اسيسمينٽ جو طريقيڪار بہ بدلجندو ويندو. پهرين اهو هوندو تہ اسان ڪنهن پارٽنر کي اسڪول ڏيندا هئاسين تہ هو پنهنجي مرضي سان اسڪول هلائيندو هو پر هاڻي جڏهن اسان 900 کان مٿي نوان اسڪول قائم ڪيا آهن اسان انهن کي اسڪول انفرااسٽرڪچر جو ماڊل بہ ڏئي ڇڏيو آهي تہ هاڻي اسڪول هن طرح جو ئي تيار ڪرڻو آهي ۽ ان جو رنگ اهڙو هجي ۽ اسڪول جي ٻاهر بورڊ ڪجھہ ايئن هجي تہ جيئن هڪ شناخت نظر اچي تہ هي جيڪو اسڪول آهي اهو ايس اِي ايف جو آهي. ان ڪانسوءِ اسان جي ڪوشش اها بہ آهي تہ جيڪو انفرااسٽرڪچر جُڙي ان ۾ ٻارن لاءِ اهي سڀ سهولتون موجود هجن، جيڪي ڪنهن سٺي اسڪول ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن ڪو پارٽنر 10 ڪمرا نهرائي ٿو 10 ڪمرا ئي هڪ جهڙا آهن، تہ هاڻي ائين نہ آهي تہ ڪو مخصوص ڪيو ويو آهي. ڪمپيوٽر جي ڪمري جي سائيز ڇا هوندي ۽ ليب جي سائيز ڇا هوندي، اسٽاف روم جي سائيز ايتري هوندي، واش روم اهڙي جاءِ تي هجي جو ان جي بدبو ڪلاس روم يا اسڪول طرف نہ اچي. ان لاءِ اسان ڪين آرڪيٽيڪچر کان پلان نهرائي ڏنو آهي ان لاءِ تہ جيئن سڀئي اسڪول منفرد ۽ ايس اِي ايف جي سڃاڻپ هجن.

**نصير گوپانگ:** اسان ڇئن پنجن ضلعن جا اسڪول وزٽ ڪيا، لڳ ڀڳ سڀئي اسڪول ڪليل، هوادار ۽ روشن هئا هڪ سٺو ماحول نظر آيو. اسڪولن ۾ ۽ ان جي آس پاس ۾ ساوڪ بہ ڏٺي سين!

**عبدالڪبير قاضي:** جي بلڪل ٻهراڙي ۾ ڪنڪريٽ (بجري ۽ سيمينٽ) جي ڇت نہ ٺاهي وڃي جو اڪثر بجلي ناهي هوندي پکا تہ لڳايا ويندا پر بجلي بہ تہ هجي. ساوڪ جي ڳالهہ تي آئون ٻڌائيندو هلان تہ هڪ تبديلي اها بہ آندي تہ اسان گرين ايوارڊ شروع ڪيو آهي، جن اسڪولن ۾ وڻڪاري سٺي هوندي انهن کي اسان ايوارڊ ڏينداسين. پوئين سال بہ اسان جي اسيسمينٽ ٿي وئي هئي پر ڪووڊ جي ڪري اسان ڪا تقريب نہ ڪري سگهياسين ائين ئي پارٽنر کي گهرائي ڪين ايوارڊ ڏئي ڇڏيا سين. آئندهہ اسان تقريب ڪري ڪين وڻن پوکڻ واري مهم سان گڏ جن اسڪولن ان سلسلي ۾ بهتر ڪم ڪيو آهي، بهتر ساوڪ ڪئي آهي انهن کي ايوارڊ ڏينداسين، جو اها اسڪول جي خوبصورتي آهي. اسڪول ۾ پارڪ هجي گرائونڊ هجي وڻَ هجن يعني ٻارن لاءِ بهترين ماحول هجي، ان علائقي لاءِ بهتر ماحول ٺئي ٿو.

**نصير گوپانگ:** ڏورانهن علائقن جي اسڪولن ۾ اسڪالرشپ پروگرام جا ڪهڙا اثر پيا آهن ۽ سنڌ سرڪار ان حوالي سان ڪهڙي مدد ڪري رهي آهي؟

**جڏهن اسان 900 کان مٿي نوان اسڪول قائم ڪيا آهن اسان انهن کي اسڪول انفرااسٽرڪچر جو ماڊل بہ ڏئي ڇڏيو آهي تہ هاڻي اسڪول هن طرح جو ئي تيار ڪرڻو آهي ۽ ان جو رنگ اهڙو هجي ۽ اسڪول جي ٻاهر بورڊ ڪجھہ ايئن هجي تہ جيئن هڪ شناخت نظر اچي تہ هي جيڪو اسڪول آهي اهو ايس اِي ايف جو آهي. ان ڪانسوءِ اسانجي ڪوشش اها بہ آهي تہ جيڪو انفرااسٽرڪچر جُڙي ان ۾ ٻارن لاءِ اهي سڀ سهولتون موجود هجن، جيڪي ڪنهن سٺي اسڪول ۾ هونديون آهن.**



**عبدالڪبير قاضي:** سنڌ حڪومت جي تہ اها سپورٽ رهي جو انهن اسان کي هڪ هزار سيٽون ڏئي ڇڏيون. ڇاڪاڻ تہ اسان جا اڪثر اسڪول ٻهراڙين ۾ آهن، گهڻا ٻار اسڪالرشپ لاءِ اچن ئي ٻهراڙين منجهان ٿا. اسانکي خوشي آهي جو انهن ٻارن کي اسان qualify ڪندي ڏسندا آهيون. ويجهڙ ۾ سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي لڳ ڀڳ 50 ٻارن يارهين درجي لاءِ ڊاڪٽر اي ڪيو خان اسڪول سسٽم اسلام آباد ۾ داخلا ٽيسٽ پاس ڪئي پر انهن جي اسڪالرشپ نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ نائين درجي کان اسڪالرشپ آهي. اسان انهن سرڪاري اسڪولن جي ٻارن کي پڻ اسڪالرشپ ڏياري ڇو تہ انهن جا والدين ان قابل نہ هئا جو اهي سندن ساليانو تعليمي ۽ رهائش جو خرچ برداشت ڪري سگهن. تنهنڪري اسان انهن کي اسڪالرشپ ڏياري. اهي بہ سنڌ جا ٻار آهن ۽ غريب آهن. اسان جڏهن کان اهو سلسلو شروع ڪيو آهي تنهن ڪانپوءِ عوام کي خبر پئي تہ اسڪالرشپ تي ٻار سٺن اسڪولن ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. انهن پنهنجن ٻارن تي پڙهڻ جي حوالي سان وڌيڪ توجهہ ڏني آهي تہ جيئن سندن ٻار بہ اسڪالرشپ حاصل ڪري سٺن اسڪولن ۾ پنهنجي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري سگهن. ان سان اهو ٿيو تہ ٻارن جي ڪارڪردگي اڃا وڌيڪ بهتر ٿي رهي آهي جو هاڻي انهن کي اها خبر آهي تہ مان ميرٽ تي ايندس ۽ مون کي اسڪالرشپ ملندي. اسڪولن بہ پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ شروع ڪري ڏني آهي. يعني هڪ اسڪول مان جيڪڏهن 3 کان 6 ٻار اسڪالرشپ حاصل ڪن ٿا تہ ان جو مطلب آهي تہ اهو اسڪول بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري رهيو آهي. اها تبديلي آهي جو اسڪول بہ وڌيڪ توجهہ ڏئي رهيو آهي ۽ ٻار بہ محنت ڪري رهيا آهن. ٻيو فائدو اهو ٿيو تہ هڪ سرڪاري اسڪول جو ٻار جيڪو ڊاڪٽر اي ڪيو خان اسڪول سسٽم اسلام آباد ۾ پڙهي رهيو آهي ان ٻڌايو تہ جنهن اسڪول مان هن اسڪالرشپ حاصل ڪئي اتي 600 ٻار داخل هئا پر



**اهي ٻار پنهنجي پوري توجهه تعليم تي ڏئي رهيا آهن، ان جو اثر ٻين شين تي به پئجي رهيو آهي. هاڻي اهي قبائلي جهيڙا گهٽ ٿي رهيا آهن، امن امان ۽ تعليم ڏانهن ماحول وڌي رهيو آهي، ٻار اڳتي وڌي رهيا آهن، هڪ قبيلو جيڪو ٻئي قبيلي سان وڙهي ٿو، انهن ٻنهي قبيلن جا ٻار ايس اِي ايف جي هڪڙي ئي اسڪول ۾ پڙهي رهيا آهن. اهي هڪٻئي سان وڙهن به نٿا ۽ اسڪالرشپ حاصل ڪري ٻئي صوبي ۾ پڙهڻ به وڃن ٿا. ان سان انهن ۾ ٻڌي پيدا ٿئي ٿي ڳانڍاپو پيدا ٿئي پيو، سماجي اثر به ٿئي پيو.**

هاڻي اتي 800 کان مٿي ٻار داخل ٿي ويا آهن جو ان سرڪاري اسڪول مان ٻار اسڪالرشپ حاصل ڪن ٿا. مائٽن اهو سوچي پنهنجي ٻارن کي داخلا ڏياري آهي ته جيڪڏهن هي ٻار حاصل ڪري سگهي ٿو ته اسان جو به ٻار اسڪالرشپ حاصل ڪري سگهي ٿو، اها وڏي تبديلي آهي. ان ڪانسواءِ اسان جو ٻارڙيون اهڙن علائقن يعني قمبرشهدادڪوٽ سان جتي قبائلي جهيڙا ٿيندا آهن اتان جي اسڪولن مان ميرٽ جي بنيادن تي اسڪالرشپ حاصل ڪئي آهي نه ڪي اسان انهن تي ڪا مهرباني ڪئي آهي. انهن پنهنجي محنت جي ڪري ڪاميابيون ماڻيون آهن. انهيءَ نئين نسل جي ذهن ۾ اهو آهي ته جهيڙا جهٽا مسئلن جو حل ناهن ۽ نه ئي اهو هميشه لاءِ آهن، هميشه لاءِ صرف تعليم آهي. اهي ٻار يا سندن والدين يا مٽ مائٽ ته جهيڙو نٿا ڪن ڪجهه ماڻهو وڙهن ٿا. اهي ٻار پنهنجي پوري توجهه تعليم تي ڏئي رهيا آهن، ان جو اثر ٻين شين تي به پئجي رهيو آهي. هاڻي اهي قبائلي جهيڙا گهٽ ٿي رهيا آهن، امن امان ۽ تعليم ڏانهن ماحول وڌي رهيو آهي، ٻار اڳتي وڌي رهيا آهن، هڪ قبيلو جيڪو ٻئي قبيلي سان وڙهي ٿو، انهن ٻنهي قبيلن جا ٻار ايس اِي ايف جي هڪڙي ئي اسڪول ۾ پڙهي رهيا آهن. اهي هڪٻئي سان وڙهن به نٿا ۽ اسڪالرشپ حاصل ڪري ٻئي صوبي ۾ پڙهڻ به وڃن ٿا. ان سان انهن ۾ ٻڌي پيدا ٿئي ٿي ڳانڍاپو پيدا ٿئي پيو، سماجي اثر به ٿئي پيو. ٻيو اهو ته ٻارن کي پهرين موقعا حاصل نه هئا پر ڀهراڙين جي ٻارن کي به اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي ويو آهي. ڊاڪٽر اي ڪيو خان اسڪول سسٽم اسلام آباد مان اسان جي پهرين بيچ ٻارهون درجو پاس ڪيو آهي، جنهن مان پنجن شاگردن ٽاپ ڪيو آهي. هڪ شاگرد ته 86 سيڪڙو حاصل ڪيو آهي ۽ ان کي اسلام آباد جي Nust يونيورسٽي، جنهن جو ملڪ جي وڏي يونيورسٽين ۾ شمار ٿئي ٿو ۾ ايڊميشن ملي وئي آهي. اسان جي دعا آهي ته اهڙي طرح سيئي ٻار به ڪامياب ٿين ۽ اڳتي وڌن.

**نصير گوپانگ:** اسان پاڻ ڏٺو جڏهن اسان پٽ شاهه جي هڪ فائونڊيشن اسسٽيڊ اسڪول ۾ پهتاسين ته ان اسڪول ۾ 27 ٻارن ميٽرڪ جي امتحان ڏنو هو جن پنهنجي رزلٽ شيٽ ڏيکاري ته انهن مان 20 ٻار اي ون ۽ 7 ٻار اي گريڊ ۾ پاس ٿيل هئا، انهن مان ڪو به فيل نه هو، اوهان جي ڳالهه بلڪل درست آهي ته مثبت ڳالهيون ٿيون آهن. اسان شهيد بينظير آباد ۾ مٽياري ۾ ڏٺوسين ته والدين پهرين کان تياري ڪن پيا ته ٻارن کي اسڪالرشپ لاءِ تيار ڪيو وڃي اسان ڏٺوسين ته اسڪولن ۾ ننڍيون ننڍيون لائبريريون به هيون اسانجي لحاظ کان اها به مثبت تبديلي آهي.

**عبدالڪبير قاضي:** اسان طرفان ان جي لاءِ به ڪم ڪيو پيو وڃي. هاڻي جڏهن اسڪالرشپ جا اشتهار ايندا ته اسان پارٽنر کي چونداسين ته اهي اسپيشل ڪلاسز وٺن ان کان پهرين ٻارن کان پڇن ته ڪير ان امتحان ۾ ويهڻ ٿو گهري چو ته هر ٻار جي پنهنجي مرضي آهي ته هو اها اسڪالرشپ حاصل ڪري ٿو. بس انهن جي تياري لاءِ ڪجهه ڪيو وڃي، انهن کي ڪيئن تيار ڪرڻو آهي ان تي ڪم ڪن. چو ته ٻار جيڪو پڙهيو آهي ان مان ئي امتحان ڏيندو، هڪ انٽري ٽيسٽ لاءِ ڪيئن تياري ڪرڻي آهي، فوقيت ڇا تي هجي، پهرين ڪهڙو سوال حل ڪرڻو آهي، انهن جي تياري واري پاسي کي بهتر بنائڻ لاءِ اسان ان تي ڪم ڪري رهيا آهيون.

**زوهيب ڪاڪا:** فائونڊيشن جو غير رسمي تعليم (نان فارمل تعليم) ۾ ڪهڙو ڪردار رهيو آهي؟

**عبدالڪبير قاضي:** غير رسمي تعليم جي حوالي سان حڪومت جي هڪ پاليسي آهي، منصوبو آهي، ان ڪانسواءِ ان ۾ طريقيڪار پڻ ٻڌايو ويو آهي، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن 3 سال پهرين بالغ ۽ نوجوانن جي سکيا ۽ تربيت جو پروگرام (Adolescent and Adult Learning and Training Program ) جو پروگرام شروع ڪيو جنهن ۾ فقط تعليم ناهي پر مهارتن ۾ اضافو (skills development) به ڪرايو ويندو آهي ان ۾ نوجوان ۽ وڏي عمر جا جوان به شامل آهن جن کي اسان پڙهايون به ٿا ۽ انهن جي مهارتن ۾ اضافو به ڪيون پيا. ڊائريڪٽوريٽ نان فارمل ايجوڪيشن طرفان پيڪيجز تيار ڪيا ويا آهن سيني کان گهٽ سي پيڪيج آهي، يعني ابتدائي پڙهائي. ان سان گڏ اي، بي، سي ۽ ڊي آهن. ڊي پيڪيج اٺين ڪلاس لاءِ آهي، اهي پيڪيجز محدود عرصي ۾ پڙهايا ويندا آهن ۽ ان ڪانپوءِ ڪين مهارتن ۾ اضافي لاءِ مختلف ڪورس ڪرايا ويندا آهن. اسان انهن ٻارن کي هڪ هزار روپيا مهينو Pocket Money ڏيندا آهيون، جيڪا ايڏي وڏي رقم ته ناهي پر هڪ قسم جو incentive آهي. ان ڪانسواءِ انهن جي skills development جا خرچ به ڏيندا آهيون. اسان وٽ 56 سينٽرز آهن جيئن ته هيءَ غير رسمي تعليم آهي ته پوءِ اسان کي به ان غيررسمي تعليم کي لچڪدار بنائڻو آهي ان لاءِ سوچي به رهيا آهيون. جيئن ته مون پهرين به ٻڌايو ته اسان پارٽنر سان گڏجي ڪم ڪندا آهيون، اسان جي ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر پروگرامز آهي، اها پهرين پارٽنر سان ملي چڪي آهي انهن سان ڳالهه ٻولهه به ڪئي اٿن ته ان لحاظ کان اسان ڪانٽريڪٽ به روائيز پيا ڪيون. انهن جي ڪانٽريڪٽ کي ۽ انهن جي آپريشنز کي به لچڪدار بڻايون. هڪ جاءِ تي هڪ مرڪز نهندو آهي ته اهو اتي هميشه اوترا ٻار ته نه هوندا. هڪڙا سکي ويا ته ٻيا نوان ايندا ساڳيا ته نه رهندا، اسان ايئن ڪندا آهيون ته اهو سينٽر اتان ڪنهن ٻي جاءِ تي منتقل ڪندا آهيون، جيئن ان علائقي جا نوان ٻار داخل ٿين پر مقصد هڪ ئي آهي ته اتي ٻار تعليم حاصل ڪري ۽ سندن skills development جاري رهي. شڪارپور ۾ اسين ليگل ريفارم فورم سان MoU صحيح ڪيو آهي. اهي پهرين سيو دي چلڊرن پروگرام سان ڪم ڪندا هئا، سيو دي چلڊرين پروگرام جي ڪووڊ ڪانپوءِ فنڊنگ بند ٿي وئي آهي. اسان کي معلوم ٿيو ته اتي 1,500 کان مٿي ٻار آهن ۽ اهو سينٽر چوڪرين جو هيو چاڪاڻ ته اهو بلڪل

**شڪارپور ۾ اسين ليگل ريفارم فورم سان MoU صحيح ڪيو آهي. اهي پهرين سيو دي چلڊرن پروگرام سان ڪم ڪندا هئا، سيو دي چلڊرين پروگرام جي ڪووڊ ڪانپوءِ فنڊنگ بند ٿي وئي آهي. اسانکي معلوم ٿيو ته اتي 1500 ڪان مٿي ٻار آهن ۽ اهو سينٽر ڇوڪرين جو هيو ڇاڪاڻ ته اهو بلڪل پٺتي پيل علائقو آهي، قبائلي جهيڙا ۽ ٻيا انيڪ مسئلا آهن، پوءِ به ڇوڪرن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه آهي پر ٻارڙين لاءِ ڪجهه به ناهي. تنهنڪري انهن ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ وڃي ڪري سينٽرز کوليا آهن ته جيئن ٻارڙين جي پڙهائي جو ڪو سلسلو جڙي سگهي.**

پٺتي پيل علائقو آهي، قبائلي جهيڙا ۽ ٻيا انيڪ مسئلا آهن، پوءِ به ڇوڪرن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه آهي پر ٻارڙين لاءِ ڪجهه به ناهي. تنهنڪري انهن ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ وڃي ڪري سينٽرز کوليا آهن ته جيئن ٻارڙين جي پڙهائي جو ڪو سلسلو جڙي سگهي. اسان انهن کي چيو ته جيڪي به سينٽر اوهان هلايو پيا اهي سڀ اوهان هلايو، ڇو ته جيڪڏهن ڪو ٻيو ايندو ته شايد اهو اُهي مرڪز هلائي نه سگهندو يا صحيح ڪم نه ڪري سگهندو. انهن سينٽرز لاءِ فنڊنگ جيڪا پهرين ٻاهريون ادارو ڏيندو هو هاڻي سنڌ حڪومت، ايس اِي ايف جي ذريعي اوهان کي ڏيندي، ڇاڪاڻ ته اتان جي ٻارڙين جي تعليم ۽ skills development رڪجي نه پر جاري رهي ۽ انهن لاءِ روزگار جو ذريعو هلندو رهي. اهو به اسان جو هڪ قدم آهي جيڪو اسان کڻڻ پيا وڃون. ان سلسلي ۾ ٻيون به تنظيمون آهن اهي به اسان سان رابطو ڪن، اسان انهن سان MoU ڪنداسين ته جيئن وڌ کان وڌ اهو سلسلو جڙي. اسان وٽ 45000 ٻار آهن منهنجو ارادو آهي ته سال ٻن ۾ اهو انگ لکَ تائين پهچي.

**زوهيب ڪاڪا:** اقوامِ متحده سنڌ حڪومت جي گڏيل سهڪار سان هلندڙ نوجوانن جي تعليم، روزگار ۽ اختيار ڏيڻ واري پروگرام لاءِ ڇا چوندا؟ ايندڙ دور ۾ اسڪل ڊويلپمينٽ جنهن لاءِ اوهان به چيو ته اها وڏي اهميت رکي ٿي ۽ جنهن ٻار کي ڪا اسڪل اچي ٿي، ڪو هنر اچي ٿو ته اهو پڙهائي سان گڏ پنهنجا خرچ ان هنر تحت پورا ڪندو آهي. اسان ته اهو به ڏٺو ته ڪراچي جهڙن وڏن شهرن ۾ اهڙا ٻار پڙهائي سان گڏ پنهنجي پوري گهر جو خرچ پڻ هلائيندا آهن، اوهان ان کي ڪيئن ڏسي رهيا آهيو، فائونديشن ان کي ڪيئن ڪٿي هلندي؟

**عبدالڪبير قاضي:** اسان جو اهو پروگرام جيڪو يو اين ڊي پي سان گڏ جنهن کي اسان YEEEP چوندا آهيون، ان ۾ فقط پرائمري تعليم ڏيڻ ۽ skills development ناهي پر ان ۾ ٻيو به وڏو ڪم آهي ان ۾ ڪي 15000 ٻار آهن، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، اهي ننڍيا ٻار ناهن نوجوان آهن. انهن کي اسان مختلف قسم جي تربيتون ڏئي رهيا آهيون. انهن کي اسان entrepreneurship جي تربيت به ڏيون پيا، انهن کي اسان incubation centers جهڙوڪ اين اِي ڊي يونيورسٽي ۾ آئي بي اي ۾ اسان انهن سان گڏ ملي ڪري به بطور انٽرنس اتي ويندا سين جتي انهن کي اها تعليم ڏني ويندي، پنهنجو ڪاروبار ڪيئن شروع ڪرڻو آهي يا پنهنجي اسڪل کي اڃا وڌيڪ ڪيئن بهتر بڻائجي. آئي بي اي کان اوهان پڙهيو هوندو پر آئي بي اي ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ اوهان کي سنواريو ويندو آهي ته جيئن اهي يا ته پنهنجو ڪاروبار شروع ڪن يا ڪنهن سٺي آرگنائيزيشن ۾ ڪم ڪن 15,000 جي لڳ ڀڳ اسان نوجوانن کي تيار ڪرڻ پيا وڃون، جنهن جي پهرين بيچ اچي وئي، جنهن جي هن ئي هفتي ۾ تربيت شروع ٿي چڪي آهي. يو اين ڊي پي ۽ اسان ففٽي ففٽي طور تي فنڊنگ ڪنداسين. هي هڪ لحاظ کان ٿورو مختلف پروگرام آهي جو هتي ننڍي پيماني تي تربيتون ناهن پر وڏي ليول تي تربيتون آهن. جنهن ڪاروباري سطح جون entrepreneurship جهڙيون تربيتون ۽ internship شامل آهن. هن پروگرام جي هڪ سٺي ڳالهه اها آهي ته ان جو ڪنٽرول اسان ريگيولر سرڪار کان هٽائي ڇڏيو آهي, مثال طور: يوٿ افيئر جي جيڪا ڪميٽي آهي ان کي هيڊ ڪرڻ وارو ته سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئر آهي پر ان جا ٻيا ميمبر آهن اهي private entrepreneurs آهن جهڙوڪ امريلي اسٽيلز، گل احمد وغيره. انهن کي پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ جو مقصد اهو آهي ته نوڪريءَ جا موقعا اتي انهن وٽ ئي آهي، جيڪڏهن انهن کي کٽي ٿا اچو ته اهي اسان کي ٻڌائيندا ته اسانکي هن قسم جي تربيت گهربل آهي يا اسان کي هن قسم جا ماڻهو کپن، ڇاڪاڻ ته انهن کي ليبر فورس نه کپي پر انهن کي ڪمپيوٽر جا ماڻهو به کپن يا ليڊرشپ جي خاصيتن وارا، جيڪي ليڊرشپ جو رول ادا ڪري سگهن، فنانس کي سنڀالي سگهن اڪائونٽس کي سنڀالي سگهن ته انهن کي ان کي قسم جا فرد گهربل هوندا آهن. ان ڪري اسان انهن کي شامل ڪيو آهي. پر ان سان گڏ اسان skill development واري پاسي کي به ناهي ڇڏيو. ان حوالي سان stevta تمام سٺو ڪم ڪري رهيو آهي انهن جا سينٽر اڃا تائين سلائي ڪڙهائي، موبائيل رپيئرنگ، بيوٽي پارلر وارا ڪم سيکارين پيا اسان اسٽڊي ڪيون پيا ته هن دور جا نوان اُڀرندڙ موقعا ڪهڙا آهن، اهي ٽريڊ ڪهڙا آهن، مطلب ته اوهان ڪيترا ماڻهو جنريٽر ٺاهڻ وارا يا موٽر سائيڪل ٺاهڻ وارا تيار ڪندو. هاڻي ته موٽر سائيڪل به اليڪٽرانڪ اچي چڪيون آهن. هاڻي اوهان جون گاڏيون اليڪٽرانڪ طور تي متعارف ٿي چڪيون آهن يا ڪمپيوٽربيسڊ گاڏيون ٿي ويون آهن. ٽويوٽا جي گاڏي ڏسو ته ان ۾ ڪو نه ڪو ڪمپيوٽر بيسڊ ۽ اليڪٽرانڪ بيسڊ سسٽم لڳي چڪو آهي. اسان کي ان طرف سوچڻو آهي، ان طرف ماڻهن کي تربيتون ڪرائڻيون آهن، ان تي به اسان ڪم ڪري رهيا آهيون. ان حساب سان اسان ٽريننگ مينيول تيار ڪري رهيا آهيون. سليبس ۾ تبديليون ڪرڻيون آهن، هن سموري ڪم جو هيڊ وائس چانسلر skills development يونيورسٽي خيرپور آهن، جيڪي اسان جي رهنمائي ڪري رهيا آهن. نوان ٽرينڊ ڪهڙا هوندا ۽ انهن جي تربيت ڪيئن ڪرائي ويندي. سنڌ حڪومت ان سموري سلسلي ۾ اسان سان گڏ آهي، جيڪا اسان جي رهنمائي به ڪري ٿي ۽ قيادت به ڪري ٿي. پر جيڪو حقيقي In put اچڻو آهي اهو اسان جي پرائيويٽ سيڪٽر مان ايندو يا اسان جي اڪيڊمڪ يونيورسٽيز مان ايندو ته اسان هن ڪم کي ڪيئن اڳتي کڻي هلون.

**نثار ٻانيڻ:** اسپيشل تعليم جي حوالي سان به فائونديشن ڪجهه ڪري پئي؟

**عبدالڪبير قاضي:** هن پيري جڏهن اسان نوان اسڪول کولڻ وڃي رهيا آهيون ته اسان سان ٻن ٽن وڏين آرگنائيزيشن پاران رابطو ڪيو ويو ته اسان کي به في ٻار جي لحاظ کان سبسڊي فراهم ڪيو توڻي جو اهي وڏا ادارا آهن انهن کي بين الاقوامي فنڊنگ ڪرڻ وارن ادارن مان فنڊنگ ٿيندي آهي ان سان گڏ هو مقامي طور تي به هو فنڊنگ گڏ ڪندا آهن پر ڪووڊ جي مسئلي جي ڪري اهي به متاثر ٿيا آهن. اسان انهن کي چيو ته نيڪ آهي اوهان اپلائي ڪيو ڇو ته ٻار ته اسان جا ئي آهن ۽ اهي اسپيشل ٻار آهن ته انهن کي وڌيڪ توجهه ڏيڻي هوندي آهي. انهن جا والدين به انهن کي افورڊ نٿا ڪري سگهن، ان ڪري اهي ٻار پنهنجي خاندان ۽ معاشري ۾ پٺتي رهجي ويندا آهن. انهن جي تعليم تمام ضروري آهي. رينجرز به ان حوالي سان اسڪول هلائي ٿي پر انهن جا به مخصوص وسيلا آهن. انهن ٻڌايو ته اسان جو اسڪول به بند ٿي ويندو ته اسان انهن کي چيو ته انشاءَ الله بند نه ٿيندو انهن کي به اسان گرانٽ ڏني. ان لاءِ به سسٽم جوڙيو آهي. اهڙيءَ طرح جون گرانٽس وڌايون وڃن ڇو ته اتي خرچ وڌيڪ آهن في ٻار جو خرچ تمام وڏو آهي اهو به اسان هڪ نئون ڪم شروع ڪيو آهي الله ڪري ان ڪم ۾ به ڪاميابي ماڻيون.

**نثار ٻانيڻ:** اڄ ڪلهه ميڊيا تي هارڊ ايرياز جو چرچو آهي، ڇا فائونديشن سنڌ جي هارڊ ايرياز ۾ ڪم ڪري پئي جهڙوڪ: ڇور، ٿرپارڪر جا بارڊر وارا هارڊ ايرياز ڇا اتي به فائونديشن جا اسڪول يا سينٽر آهن ۽ اهي ڪهڙي انداز ۾ ڪم ڪن ٿا؟

**عبدالڪبير قاضي:** جي بلڪل، اسان جا انهن هارڊ ايرياز ۾ اسڪول آهن ۽ مونکي خوشي آهي هن پيري انهن اسڪولن ۾ اضافو ٿيو آهي ڇو ته اتان جون ڪميونٽيز اهو خيال ڪن پيون ته انهن علائقن ۾ ڪير به مدد نه ڪندو، پر ايس اِي ايف اتي اسڪول کوليا. اهي ماڻهو اڃا وڌيڪ اڳتي آيا آهن. اسان جي به اها ڪوشش آهي ته اتي وڌيڪ اسڪول کولجن، ٿرپارڪر، سانگهڙ وارا ريگستاني علائقا جتي مان پاڻ ويريفڪيشن واري عرصي ۾ وزٽ ڪيو هو، جتي اسان اتان جي ماڻهن کي مشورو ڏنو پر اتان جي ماڻهن اهو چيو ته منهنجي آبادي هن طرف آهي، جتي ڏيڍ سو جي لڳ ڀڳ جهوپڙا آهن، اتي جهوپڙا هوندا آهن گهر نه. لازمي آهي ته اتي ٻار گهٽ ۾ گهٽ 150 ئي هوندا، اسان کي اسڪول به اتي ئي گهرجي ۽ اسان جي ڪوشش هئي ته ويجهو ڪوئي روڊ هجي ته اسان اتي اسڪول قائم ڪيون، جيئن ڪجهه روڊ جي هن پار جهوپڙا هوندا ته ڪجهه روڊ جي هن پار جهوپڙا هوندا، ڪو پاسي ۾ ڪو پٺتي ته ڪو اڳتي هوندو، انهن سيني کي سولائي ٿيندي اتي آبادي ٿي ويندي ته اتان جي ماڻهن اها ڳالهه قبول ڪئي. مان جڏهن ننگر پارڪر ويس، اسان جا سڀ کان وڌيڪ اسڪول ٿرپارڪر جي ننگر پارڪر ۾ آهن جيڪو بلڪل پٺتي پيل علائقو آهي. ان لاءِ اسان سوچيو ته ننگر پارڪر ۾ هڪ سيٽلائيٽ آفيس کوليون، مٺي ۾ ته اڳ ۾ مين آفيس آهي پر اسان ننگرپارڪر ۾ آفيس کولڻ چاهيون ٿا. جڳهه به ڏني آهي ڇو ته اتان جي ماڻهن لاءِ مٺي اچڻ به سولو ڪم ناهي. اهڙي طرح مٺي مان به ننگر پارڪر وڃي اسڪولن کي ڏسڻ سولو ناهي، تنهنڪري اسان اتي به هڪ آفيس کولڻ پيا وڃون ۽ اسان جا

ملازم جيڪي اتي ويندا، انهن کي الائونس وغيره ڏينداسين. اوهان وارو سوال تہ بلڪل هارڊ ايرياز ۾ بہ اسان جا اسڪول آهن ۽ اتي بہ اسان ڪم ڪيون پيا. گهوٽڪي بارڊر ايريا ۾ بہ جيڪو هارڊ ايريا آهي اتي نوان اسڪول تعمير ٿيا آهن، جيڪي ٻين کان پهريان تيار ٿي ويا آهن ڇاڪاڻ تہ اتي ڪجهہ بہ نہ هو اتي ضرورت هئي، الله پاڪ کان دعا آهي تہ اهي اسڪول وڌن ۽ ڪاميابي ماڻين.

**زوهيب ڪاڪا:** اوهان ايس اِي ايف کي ٻين صوبن جي فائونڊيشن جي لحاظ کان ڪٿي ڏسو ٿا؟

**عبدالڪبير قاضي:** اسان بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي کان ڪافي اڳتي آهيون، اهي دير سان وجود ۾ آيا، جيتوڻيڪ ڪي پي ڪي تمام سٺو ڪم شروع ڪيو پر الائي ڪٿان اها نيب وچ ۾ اچي وئي ٻارن جي سبسڊي جي چڪر ۾. بهرحال ان حوالي سان اهي ڊسٽرب آهن باقي انهن جو ڪم سٺو آهي. پنجاب ايجوڪيشن فائونڊيشن بہ سٺو ڪم ڪيو آهي، انهن جو ڦهلاءُ گهڻو آهي. اسان جي ڪم ۾

**اسان انهن کي چيو تہ جيڪي بہ سينٽر اوهان هلايو پيا اهي سڀ اوهان هلايو، ڇو تہ جيڪڏهن ڪو ٻيو ايندو تہ شايد اهو اُهي مرڪز هلائي نہ سگهندو يا صحيح ڪم نہ ڪري سگهندو. انهن سينٽرز لاءِ فنڊنگ جيڪا پهرين پاهريون ادارو ڏيندو هو هاڻي سنڌ حڪومت، ايس اِي ايف جي ذريعي اوهانکي ڏيندي، ڇاڪاڻ تہ اتان جي ٻارڙين جي تعليم ۽ اسڪل ڊيولپمينٽ رڪجي نہ پر جاري رهي ۽ انهن لاءِ روزگار جو ذريعو هلندو رهي.**

گوناگونيت وڌيڪ آهي، مطلب تہ ڪجهہ ڳالهيون انهن جون سٺيون آهن ڪجهہ ڳالهيون اسان جون سٺيون آهن. اسان وٽ پروگرام جي گوناگونيت وڌيڪ آهي. اسڪالرشپ ٻين صوبن وٽ ناهي. بلوچستان وارا ڏين ٿا پر فقط هائر ايجوڪيشن لاءِ، يعني ڪاليج ۽ يونيورسٽيز لاءِ، ڪيڊٽ ڪاليج وارن ٻڌايو تہ اتي بلوچستان فائونڊيشن جا شاگرد هئا پر انهن جي فنڊنگ بند ٿي وئي هاڻي اهي ٻار پريشان آهن. ڪيڊٽ ڪاليج وارا انهن لاءِ پنهنجي ريسورس تحت ڪجهہ ڪري رهيا آهن، ان طريقي سان اسان سڀئي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري رهيا آهيون ۽ بهتري لاءِ ڪري رهيا آهيون ان لاءِ اسان ڪانفرنس ڪوٺائي آهي تہ جيئن هڪ ٻئي کان ڪجهہ سکون. اسان جي ٽيم جي ميمبر مون کي ٻڌايو تہ پنجاب ايجوڪيشن فائونڊيشن، انفارميشن ٽيڪنالوجي ۾ سٺو ڪم ڪيو آهي ۽ اسان کان ڪافي اڳتي آهي، ڊيٽا تي مشتمل آهي. ڊيٽا مينيجمينٽ وري اسان جي بهتر آهي، انهن جي سافٽ ويئر ڪليڪشن ڊوائيس ڪليڪشن اسان کان بهتر آهي. اسان انهن کان سکي سگهون ٿا، اهي ڪيئن ٿا ڪم ڪن ۽ اُهي اسان کان سکي سگهن ٿا تہ اسان ڪيئن ٿا ڪم ڪيون. اهڙي طرح ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ٿورو پنتي آهن تہ انهن کي اسان ٻئي پنجاب ۽ سنڌ گڏجي سيکارڻ

واري مرحلي ۾ مدد ڪري سگهون ٿا. ايئن گڏجي ڪم ڪرڻ سان هڪ ٻئي کان سکي سگهون ٿا ۽ اڳتي وڌي سگهون ٿا.

**نصير گوپانگ: ايندڙ پنج سالن ۾ اوهان فائونڊيشن کي ڪيئن ڏسي رهيا آهيو، انهن سوچيل نتيجن لاءِ اوهان جي حڪمت عملي ڇا هوندي؟**

**عبدالڪبير قاضي:** الحمد الله مستقبل بهتر ٿي ڏسي رهيا آهيون، مون کان اڳ جن هتي ڪم ڪيو آهي انهن ڪي ئي اڳتي ڪٿي پيا هلون ڪجهہ تبديلين سان، وقت جي تقاضائن مطابق. مونکي اهو موقعو مليو جو مان هتي ڪم ڪيان، اصل ۾ ڪم تہ هتان جي ملازمن جو آهي ۽ هو اهو بهتر ڪن پيا، اهي تمام محنتي آهن، ڪم ڪرڻ جو جذبو رکن ٿا، تعليم لاءِ هڪ جذبو اٿن. ان سبب جي ڪري ئي هي ادارو اڳتي وڌي رهيو آهي. ان ڪانسواءِ اسان کي جيڪو laverage ۽ space اسان جي سياسي قيادت ۽ بورڊ آف گورنرس طرفان مليو آهي ڇو تہ اسان کان اڄ تائين ڪنهن ناهي پڇيو تہ اوهان 900 اسڪول

کهڙا کوليا، ڪٿي کوليا، ڪٿان بجيٽ اچي ٿي، اهو هڪ ٽرسٽ آهي، جيڪو هن اداري تي آهي. هي ادارو جيڪو ڪري رهيو آهي اهو نيڪ ڪري رهيو آهي. مان مستقبل ۾ هن اداري کي ائين ڏسي رهيو آهيان. ڪووڊ واري صورتحال هوندي بہ اسان 300,000 نوان ٻار پنهنجي اداري جي اسڪولن ۾ شامل ڪيا ۽ 900 نوان اسڪول شامل ڪري چڪا آهيون. مون کي اميد آهي تہ ايندڙ پنجن سالن ۾ اسان ان کي وڌيڪ بهتر ڏسي رهيا آهيون. اسان ايندڙ 3 سالن جي مالياتي منصوبہ بندي ڪري رهيا آهيون ۽ ايندڙ 5 سالن جا ٽارگيٽ سيٽ ڪري رهيا آهيون. يقيناً ان سان گڏ اسان پنهنجا ٽارگيٽ بہ الائنس ڪنداسين، مثال طور: جيڪڏهن هاڻي اسان جي بجيٽ 11 ارب روپيا آهي تہ ايندڙ 3 سالن ۾ اسان اهڙا کهڙا ڪم ڪيون جو اها 18 ارب يا 20 ارب ٿئي. يقيني طور تي اسان جو ڪم اهو ئي هوندو تہ ٻار ۽ اسڪول وڌائڻ، اسڪولن کي بهتر ڪرڻ، سائنس ليب، ڪمپيوٽر ليب، لائبرين کي وڌائڻ. هاڻي اسان کي پرائمري واري پاسي کان نڪري ڪري اڳتي وڌڻو آهي. skills development طرف توجهہ ڏيڻي آهي، ڊجيٽل لرننگ جي طرف توجهہ ڏيڻي آهي. اسان وٽ 21 هزار استاد آهن ۽ 2,700 جي لڳ ڀڳ هيڊ ٽيچرز آهن، انهن سڀني کي اسان کي تربيتون ڏيڻيون آهن. جيتوڻيڪ اهي استاد اسان کي

ڇڏي ڪري ڪنهن ٻئي پاسي يا سرڪاري اسڪولن طرف بہ وڃي سگهن ٿا پر جيڪڏهن هڪ تربيت يافتہ استاد هوندو تہ هو جيڏانهن بہ ويندو، اهو پڙهائيندو ۽ سنڌ جي ٻار کي ئي فائدو ٿيندو. حڪومت جيڪي تربيتون ڪرائي ٿي اها وڃائڻ ناهي بلڪ فائدو ئي آهي، پنهنجي مهارتن کي وڌائڻو آهي. اسان وٽ هڪ بي يقيني واري صورتحال هئي پر الله جو شڪر آهي تہ هاڻي service rules منظور ٿي چڪا آهن تہ ان سان هڪ يقين واري صورتحال پيدا ٿيندي. هاڻ هتان جا ملازم ريگيولر ٿيڻ وڃي رهيا آهن، انهن کي ريٽائرمينٽ کانپوءِ سٺو فائدو ٿيندو ۽ اسان جي service rules کي گورنمينٽ منظور ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي بہ گورنمنيٽ جون سهولتون هونديون پاليسي مطابق، اهي سڀ سهولتون اسان جي ملازمن کي ملنديون، انشاءَ الله تعاليٰ. پر ان جو نتيجو هڪدم نہ نڪرندو، ان جو فائدو ايندڙ 03 يا 04 سالن ۾ سامهون ايندو. ان ڪانسواءِ اسان ايس اِي ايف ڪامپليڪس تيار ڪرڻ وڃي رهيا آهيون، پنهنجي بلڊنگ پنهنجي شناخت ٺاهڻ وڃي رهيا آهيون، اسان کي زمين بہ ملي وئي آهي، اسان جي اسڪيم بہ منظور ٿي وئي



آهي، انشاءَ الله ان جو سنگِ بنياد اسان هن ئي سال رکنداسين. اسان جا چار ريجنز آهن، جن کي اسان وڌائي 6 ڪرڻ وڃون پيا، جيئن اسان جون سڀئي ڊويزن ان ۾ ڪور ٿي وڃن. اهي سڀ بنياد پڪڙڻ ۾ ڪجهہ سال لڳندا اتي بہ اسان پروفيشنل ڊولپمينٽ سينٽر تيار ڪنداسين تہ جيئن اتي اسان جي ملازمن جي تربيت ٿي سگهي. اسان جي استادن جي تربيت ٿي سگهي، انهن جي مهارتن ۾ بهتري ۽ واڌارو اچي. ڪم تہ ڪرڻو هوندو آهي پر هڪ ئي ڪم سڄو سال ڪجي تہ ماڻهو ٿڪجي پوندو آهي، monotony بہ اچي وڃي ٿي. هفتي ٻن ۾ ڪو ريفريشر ڪورس هجي ڪجهہ ٻيو ڪو ليڪچرز ٻڌي، نيون شيون ٻڌيون وڃن، exposure هجي ٻاهر نڪرڻ جو، ويجهڙ ۾ اسان پنهنجي ٽيم کي پنجاب ايجوڪيشن فائونڊيشن موڪليو هو، ٻي ٽيم انشاءَ الله خيبرپختون خواهہ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ بلوچستان ايجوڪيشن فائونڊيشن ويندي جتي سيءُ وڌيڪ آهي، اتي پلي برفباري ڏسن. جلد ئي انشاءَالله سڀني صوبن جن ۾ گلگت بلتستان ۽ آزاد جموں ۽ ڪشمير شامل هوندا کي گڏي تعليم ڪانفرنس ڪرڻ گهرون ٿا، جيئن اسان هڪ ٻئي کان سکون، اهي ڪيئن ڪم ڪن ٿا، اسان ڪيئن ڪم ڪيون ٿا اهو سکون.



# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تقدير ۽ تدبير جو فلسفو

پروفيسرڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

نه ڪاني نه ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو،
انگ اتيئي لکئو، جت نه رسي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان دانهن، جيئن قضا قلم وهايو.
(سهڻي 20/9)

شاهه لطيف جي هن بيت پڙهڻ کان پوءِ اسان جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا شاهه تقدير پسند هو، قسمت ۾ سندس ويساهه هو؟ ۽ جڏهن ساڳئي وقت سندس هينيان بيت اسان غور سان پڙهون ٿا.

ٽڪيائي ٽر ٽيلهه، ڇڙهه ڇِڪيائي چوٽيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پو مڙيئي پيل،
اتي رائو ريل، وينين تان واري وري.
(آبري 25/8)

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي
(ڏهر 3/8)

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.
(حسيني 18/2)

پاڻهي ايندم هوت ، پر ڪجهه آئون به اڳيري ٿيان ته مامرو مختلف ٿو لڳي. ان مان اهو نتيجو ڪڍي ٿو سگهجي ته شاهه تدبير پسند به هو ته شاهه وٽ جدوجهد ڪرڻ ۽ تقدير بدلائڻ جو تصور به هو. فڪري طور فلسفي جي دنيا ۾ جبريت (Determinism) يا ارادي جي آزادي (Freedom of will) ٻه وڏا مڪتبه فڪر آهن. دنيا جي هر فلسفي ۽ مذهب انهي فڪر کي زندگيءَ جا اسرار سمجهڻ لاءِ ضرور ويچاريو آهي. شاهه وٽ به انهي فڪر جي ٻنهي پاسن جا واضح اشارا ملن ٿا.

جيڪڏهن تقدير ۽ تدبير ٻه الڳ مڪتبه فڪر آهن ۽ اهي ٻه بلڪل مختلف ۽ هڪٻئي جا مخالف فلسفا آهن ته پوءِ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هڪ ماڻهو ٻنهي تي يقين ڪري.

اچو ته غور ڪريون ته تقدير جو فلسفو ڇا آهي. قرآن شريف ۾ چيل آهي ته ترجمو: ”خدا جا سڀ قانون لوح محفوظ (Divine Tablet) ۾ محفوظ آهن“.
(پ 11، 10، 61)

ٻي جڳهه تي لکيل آهي ته ترجمو: ”خبردار ٿي وڃو ته هر چيز ان جي قدرت هيٺ آهي“. (پ 25، 41، 14)

هاڻي ڏسنداسين ته اسلام ۾ هر چيز جي حرڪت ۾ آڏيندڙ خدا آهي. ساڳئي وقت فطرت جا قانون اٽل آهن يعني فطرت جا قانون بدلجي نٿا سگهن. مادي ۽ روحاني چيزن جو وجود انهي ڪري آهي ته انهن جا طئي شده قانون آهن. جيڪڏهن قانون نه هجن ها ته شيون پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهن ها، ڇو ته اسان ٻج پوکينداسين ته فطرت جو اصول آهي ته ان مان وڻ پيدا ٿيندو. اهو آهي ٻج جو جبريت يعني تقدير وارو پهلو، پر جي ان ٻج مان ڪو جانور پيدا ٿي پوي ته پوءِ چئبو ته شيون دائمي اصول نٿيون رکن. دائمي اصول نه هجي ها ته هيءَ دنيا ئي شايد نه هجي ها.

قرآن شريف ۾ آيل آهي: ترجمو:”سو توهان الله جي طريقيڪار ۾ ڪا به تبديلي نه ڏسندا“. (پ 22، 35، 43)
يا هي آيت ڏسو
ترجمو: ”الله جي ناهيل (فطرت) ۾ تبديلي نٿي ٿي سگهي“. (پ 1، 30، 30)

اسان انهي ڳالهه کي هيئن به سمجهي سگهون ٿا ته فطرت مادي مظهرن ۾ بغير شعور ۽ جان جي هڪ فطرتي اصول ۾ ٻڌل آهي ۽ جانور جڏهن حرڪت ڪري ٿو ته سندس حرڪت به فطرتي اصولن مطابق آهي پر سندس حرڪت جو جوهر سندس دماغ آهي. هاڻي سندس هر حرڪت جو نتيجو فطرت جي اصولن مطابق طئي شده (Cause and effect) مطابق نڪرندو، جهڙي حرڪت ڪندو اهڙو نتيجو نڪرندو. هاڻي ان شعور تي منحصر آهي ته حرڪت فطرت جي اصولن کي ذهن ۾ رکي ڪري ٿو يا نه! جيئن ئي ڪو غلط قدم کڻندو نتيجو غلط ۽ نقصان ۾ نڪري سگهي ٿو. انهي ڪري شاهه لطيف چيو هو:

دنيا سپ درياهه، ڪو ڪو تارو تنهن ۾،
هڪڙي لهر لوپ جي، ٻيو آتشي اوڙاهه،
طالبن توڙان، موڙي چاڙهيون مڪڙيون.
(سُر سريراڳ 5/7)

هاڻي فطرت جا طئي شده اصول عام تقدير يا جبريت (Determinism) آهي ۽ انسان جو شعوري قدم يعني حرڪت سندس ارادي جي آزادي آهي، سندس قابليت ۽ هوشياري تدبير آهي.

انهي ڪري قرآن شريف ۾ آيل آهي. ”الله ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي جيستائين اها قوم پنهنجي حالت خود نٿي بدلائي“. (پ 13، 8، 11)

هاڻي تقدير ۽ تدبير جو فلسفو شاهه لطيف به ائين سمجهايو آهي ته ڪا به شيءِ اوچتو تبديل نه ٿيندي آهي، نه وري ڪا اوچتو تقدير خراب يا سٺي ٿيندي آهي. سڀ ڪجهه فطرتي حالتن مطابق پنهنجي عمل ۽ ردعمل طور آهستي آهستي ٿيندو رهندو آهي.

چنيسر جي چت ۾ ڪي جو اڳ هئو،
مٽيي سندو مامرو، تهان پوءِ ٿئو.
(سر ليلان، داستان 1، بيت 8)

هڪ مسلسل ارتقا آهي، شين جي تقدير جيڪڏهن اوچتو بدلجي يعني ڪنهن مادي مظهر يا اصول کان الڳ ڪا تبديلي ٿئي ته اسان ان کي معجزو چوندا آهيون يا ڪرامت، پر گهٽيون اهڙيون شيون جيڪي اسان کي سمجهه ۾ نه اينديون آهن. انهن کي به اسان معجزو چوندا آهيون، پر اها تقدير ناهي.



وحدت الوجود واري نظريي مطابق تقدير لازمي آهي، ڇو ته هر شيءِ ۾ خدا جو ڪثرتي روپ آهي ته پوءِ سڀئي شيون هڪ ئي رخ ۾ ۽ هڪ ئي اصول تحت جبريت ۾ آهن. انسان ڪا الڳ هستي آهي ئي ڪو نه، پوءِ ارادي جي آزادي ڇا جي؟نه وري ڪو برائي يا ڀلائي، گناهه ۽ ثواب جو ڪو حتمي جواب اسان جي سامهون اچي ٿو. امام غزالي جي بقول ته ”هي دنيا ڪو خواب آهي جيڪو اسان ڏسي رهيا آهيون. ٿي سگهي ٿو ته جاڳڻ مهل ڪا اصلي دنيا ٻي هجي“ ته پوءِ خواب ۾ ماڻهو آزاد ۽ مرضي وارو نه هوندو آهي. تنهن ڪري اسان جو هر عمل طئي ٿيل آهي، ان جي ڪنهن به سٺائي يا خرابي جا ذميوار اسان ناهيون. پر لطيف وحدت الوجود جي روايتي فلسفي کان هٽي ڪري اسان کي ارادي ۽ جدوجهد جو رخ ڏيکاري ٿو.

هتان ڪٽي هت، جن رکيو سي رسيون،
ساجن سونهن سرت، وکان ئي ويجهو گهڻو.
(آبري 2/2)

**فرائيڊ جي لاشعور جي نظريي ۾ جبريت پسنديءَ جا نڪتا نروار ٿين ٿا ته ٻار جي ڄمڻ کانپوءِ سندس پهريان پنج سال بنيادي حيثيت رکن ٿا جيڪو ڪجهه هو پهرين پنجن سالن ۾ ڏسي ٿو. محسوس ڪري ٿو انهي جو اثر سندس سڄي زندگي تي رهي ٿو. ماڻهوءَ جون گهٽيون نفسياتي بيماريون ۽ مختلف حرڪتون سندس لاشعور ۾ دفن ٿيل گهٽيل ئي خواهشن ۽ الميَن جي ڪري ٿينديون آهن. انهي ڪري انسان قيد آهي، سندس لاشعور هٿان مجبور آهي.**

عام طور صوفيءَ کي رضا تي رهڻو آهي، صبر ۽ شڪر سان سڀ ڪجهه سهڻو آهي پر لطيف وٽ ڪٿي ڪٿي پنهنجي گهرج وڌيڪ اهميت رکي ٿي.

صبر ۽ شڪر ڪي، ڪاڏي آئون ڪندي،
آهيان جنهن سندي، سوئي گهرجي ساڻ مون.
(آبري 1/9)

شاهه لطيف نه صرف جدوجهد جي ڳالهه ڪري ٿو بلڪه ان تي ڪامل يقين اٿس ته مسلسل انسان پنهنجي ارادي سان، يقين سان منزل حاصل ڪرڻ چاهي ته اهو ممڪن آهي پر مستقل مزاجي ضروري آهي يعني انسان لاءِ سندس قسمت ٺاهڻ وارو رخ اهو آهي ته هو جدوجهد ڪندو رهي. مايوس نه ٿئي، آخر هڪ ڏينهن حالتون بدلجي وينديون.

فطرت پنهنجي اصولن ۾ نوس آهي پر حالتون بدلجنديون رهن ٿيون، انهي ڪري جنهن وقت به

**بنيادي طرح انسان پنهنجي شعور ۾ آزادي جو احساس رکي ٿو ۽ انهي احساس جبريت جي خلاف مهاڏو اٽڪائيندي وڌيڪ آزاديءَ جو دائرو وڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر انسان جي آزادي جو دائرو محدود آهي. ڪا خواهش پوري ڪرڻ لاءِ پير هٿ پون ٿا ڇو ته خواهش جي تڪميل مادي عمل ۽ ذهني سوچ جي نتيجي ۾ پوري ٿئي ٿي.**

ڪنهن عمل جو سبب پيدا ٿئي ٿو ته نتيجو پڌرو ٿي پوي ٿو. مثال طور ٻج زمين ۾ مهينن کان پيو آهي پر اوچتو برسات وسي ٿي ۽ زرخيزي ملي ٿي ته ٻج ڦٽيو پوي، ڇڻبو ٻج جي قسمت کلي پئي.

صبر گهڻو سفرو، ٻي جڳائي ماڻ،
پيو لتاڙج لطيف چئي، چرچ م اڳيان چاڻ،
ڏڃڻ پون ڪاڻ، سڃڻ ٿين سامهان.

ڇئبي يعني چريو ٻن واضح شين ۾ فرق محسوس ڪري پيو پر پوءِ به هو ان ائبارملٽي مان نڪري نٿو سگهي. اها آهي Psycho Cultural Determinism جنهن مان ڇرئي جو نڪرڻ محال آهي، بلڪل ائين جيئن ڊپريشن جي مريض کي ڊاڪٽر ٻڌائيندا آهن ته توکي ڊپريشن آهي. ذهني طور مايوسي ۽ ڏک کي حاوي ڪرڻ سبب پيدا ٿيو آهي. همت ڪر، ارادي جي طئي ٿيل آهن. اها جبريت جي شڪل انساني نسل کي موروثي طور ورثي ۾ مليل آهي جيڪا خود ڪيميڪل سائنس تبديل ڪري سگهي ٿي پر هڪ وڏي ڊگهي عمل جي سلسلي کانپوءِ.

شاهه لطيف چيو هو:

توڙي ولاڙون ڪرين، توڙين هلين وک،
لکئي منجهان لِک، ذرو ضايع نه ٿيي.

**طبقاتي سماج ۾ غريب کي چيو ويندو آهي ته تنهنجي قسمت ۾ اها غريبي آهي ۽ استحصالي قوتون پنهنجي اميريءَ جو سبب به سٺي قسمت ڄاڻي استحصال جو جواز پيدا ڪنديون آهن.**

(شاهه)

اهو ساڳيو فلسفو آهي هن بيت ۾، چون ٿا ته قيامت جي ڏينهن جڏهن حساب ڪتاب ٿي ويندو، جهنم جي سزا ڪاڏل ماڻهن کي ملائڪ جهنم ڏانهن وٺي وڃي رهيا هوندا ته ڪجهه ماڻهو بار بار پويان نهاريندا انهن کان پڇيو ويندو ته هاڻي ته حساب ڪتاب ٿي ويو سزا ملي ويئي پوءِ توهان بار بار پويان ڇو ٿا نهاريو، تنهن تي اهي ماڻهو چوندا ته انهي ڪري پويان ٿا نهاريون ته اسان الله جي رحمت کان اڃان به مايوس ناهيون. ٿي سگهي ٿو ته الله تعاليٰ معاف ڪري ڇڏي. انهي تي الله تعاليٰ خوش ٿي انهن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ کين جنت ۾ موڪليو ويندو.

انهي ڪري پٺائي چيو آهي ته:

جي ليلائي نه لهين، تان پڻ ليلائج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

(ليلا 3/9)

قسمت بدلجڻ جو فلسفو اهو آهي جو مسلسل جدوجهد ڪجي ڪنهن به مايوسيءَ کان بغير همت نه هارجي ۽ مضبوط ارادو (Will Power) پيدا ڪجي. مذهب ۽ لطيف وٽ اهو ئي فلسفو آهي ته جبريت لازمي آهي پر جبريت جي حصار کي ٽوڙڻ لاءِ تمام وڏي قوت ارادي جي ضرورت آهي. اڄڪلهه جديد نفسيات به اها ڳالهه مڃي ٿي ته گهڻن بيمارين جو بنياد ذهني شڪست آهي، جڏهن ذهن ٽڪجي پوي ٿو ته همت نه ٿي رهي.

جهونو ٿئو جهاز، سٽ نه سهي سڙهه جي،
پڳهه پراڻا ٿئا، سڙيو سپوئي ساز،
معلم ٿئو محتاج، ٻيڙو وس ٻين جي.

يا

هٽندي ٽڪر هٿ، هينئڙي هجون ڇڏيون،
لڪ لهرن گڏئو، موجون وريون مٿ،
نيم ڪن قوت، پر پليرا سپرين.

(سهڻي 23/8)

يا

هينئڙي حجون ڇڏيون، قوت رهيم ڪا نه

(سهڻي 24/8)

جبريت جا مختلف پرت آهن، سماج، ڪلچر، روايتون، طبقاتي گهٽ وڌائي، ذهني ۽ جسماني معذوري ۽ فطرتي جبر.

هڪ دوست ٻڌايو ته ڪنهن چرئي کي ماني هٿ آئي جيڪا هو مخصوص انداز سان کائي رهيو هو، مان سندس سامهون وڃي ويٺس، چيم، "يار مون کي ماني کارائي" چريو خاص انداز سان اکيون شوخ ڪري ڏسندو رهيو، صفا ويجهو وڃي چيومانس، "مون کي به ماني کارائي"، پاڻ هڪدم هٿ ڪڍي مون ڏانهن چيائين، "چريو ٿيو آهين ڇا"؟. بظاهر ته هي هڪ لطيفو آهي پر توهان اندازو لڳايو ته هن ۾ ڪيڏي اهم ڳالهه سمايل آهي ته چرئي کي خبر آهي ته هو ائبنارمل آهي هن سان هڪ نارمل ماڻهو ماني گڏ کائي ته اها ائبنارملٽي (غير رواجي ڳالهه)

مضبوطي ڪر، مڙس ماڻهو ٿي ته نيڪ ٿي پوندين پر اهو جبريت جو حصار ڏاڍو سخت آهي ان مان نڪرڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا. بلڪل ائين شاهه لطيف چيو آهي ته:

وهڻُ ويڄن وٽ، جي سکين ته سگهو ٿيين،
اڳين عادت مٽِ، ته اگها عاجز نه ٿيين.

(يمن ڪلياڻ، 14/2)

"اهڙي طرح اسان وٽ طبقاتي سماج ۾ غريب کي چيو ويندو آهي ته تنهنجي قسمت ۾ اها غريبي آهي ۽ استحصالي قوتون پنهنجي اميريءَ جو سبب به سٺي قسمت ڄاڻي استحصال جو جواز پيدا ڪنديون آهن. انهي جو جواز ڪڏهن رجعت پسند قوتون مذهب ۾ ڳوليندي آهن پر تقدير جي مسئلي تي بحث ڪرڻ اسلام جي بنيادي رڪنن مان نه آهي. انهي ڪري رسالت جي دور ۾ اصحابن جي وچ ۾ انهي موضوع تي بحث ٿيندو هو ته پاڻ سڳورا صه صحابين کي فضول بحثن ۾ پوڻ کان منع ڪندا هئا.

(ماضي کي مزار)

بنيادي طرح تقدير جو مسئلو حڪمرانن ۽ جاگيردارن پيچيده ٻڌائي انسان کي صرف مجبور ۽ عاجز ٻڌائي ڇڏيو ته جيئن ماڻهو ائين سمجهن ته انهن جا ڏک ۽ مصيبتون سياسي ۽ معاشي نظام جون پيداوار نه پر ازل کان لوح محفوظ جون لکيل آهن. جڏهن ته هڪڙو سٺو معاشي نظام، سٺي تعليم، سٺي معاشري کي جنم ڏين ٿا ۽ ماڻهو سک سهولتون حاصل ڪري سگهي ٿو، سندس تقدير بدلجي سگهي ٿي.

انهي ڪري شاهه لطيف چيو هو:

سورهيه مري سوپ کي، دل جا وهم وسار،
هڻ پالا پئو پاڪرين، آڏي ڊال م ڊار،
م ٽيڪ ترار، مار ته متارو ٿئين.

(ڪيڏارو 3/5)

ان کانپوءِ فطرتي جبريت آهي جنهن جا سبب مادي جي خاصيتن کان علاوه نامياتي ڪيميا (Organic Chemistry)، لاشعور جو نظريو (Theory of Unconscious) ۽ جينياتي سائنس (Genetic Science) ۾ ڏسي سگهجن ٿا. فرائيڊ جي لاشعور جي نظريي ۽ جبريت پسنديءَ جا نڪتا نروار ٿين ٿا ته ٻار جي ڄمڻ کانپوءِ سندس پهريان پنج سال بنيادي حيثيت رکن ٿا جيڪو ڪجهه هو پهرين پنجن سالن ۾ ڏسي ٿو. محسوس ڪري ٿو انهي جو اثر سندس سڄي زندگي تي رهي ٿو. ماڻهوءَ جون گهٽيون نفسياتي بيماريون ۽ مختلف حرڪتون سندس لاشعور ۾ دفن ٿيل گهٽيل ئي خواهشن ۽ الميئن جي ڪري ٿينديون آهن. انهي ڪري انسان قيد آهي، سندس لاشعور هٿان مجبور آهي. انهي ڪري مير تقي مير چيو هو:

*ناحق ہم مجبوروں پہ تہمت ہی مختاری کی،*
*چاہتے ہیں سو آپ کریں، ہم کو عبث بدنام کیا۔*

اڄڪلهه جي جينيٽڪ سائنس اهو ثابت ڪيو آهي ته انسان جو جسم سندس هيئت، سندس شڪل، سندس بيماريون، سندس ذهانت سڀ موروثي طور

(معذوري 23/9)

اها جبرت جي شڪل فطرتي آهي، جنهن لاءِ لوح محفوظ جو ذڪر قابل قبول ٿي سگهي ٿو پر تقدير انفرادي طور آهي. شاهه لطيف انهي تقدير جو ذڪر بار بار ڪيو آهي.

لکئو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙي نه ٿيي،
پاريو ويٺي پار، جيڪي لالڻ لکئو لوح ۾.

(سر معذوري، داستان 1، بيت 1)

جتي جيترييون، لکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ مون آيون.

(سر معذور، داستان 9، بيت 22)

تقدير جي فلسفي خلاف پهريون يوناني فلسفي ايپي ڪيورس (Epicurus) هو جنهن انسان کي سندس هر ڪم جو ذميوار ٻڌايو، چو ته هو انسان جي جوهر کي لذت ۽ سرور کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه سمجهندو هو ۽ ساڳي طرح وجدانيت (intuitionism) جا فلسفي تدبير جا يا ارادي جي آزاديءَ جا قائل هئا، جن ۾ برگسان ۽ علامه اقبال اهم آهن. هنن جي نظر ۾ حقيقت هڪ آهي جنهن کي اسان وجدان جي ذريعي ڄاڻي سگهون ٿا. بظاهر ته هي فلسفو عقل جي خلاف آهي پر هن ۾ ذاتي شعور تي ۽ علم جي حصول تي ڏاڍو پروسو آهي شايد علامه اقبال انهي ڪري چيو هو ته:

*وہ ہی ہے صاحب امروز جس نے اپنی ہمت سے،*
*زمانے کے سمندر سے نکالا گوہر فردا۔*

چو ته علامه اقبال جي خيال ۾ آزادي ۽ اختيار هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جو تجربو پنهنجي ذات جي گهرائين ۾ وڃي حاصل ٿئي ٿو. اقبال جي فلسفي ۾ مادي فطرت ۾ جبر هڪ خاص حد اندر حقيقي آهي پر شعور ۽ ارادي جي خاصيت خود اختيار ڪيل آهي. جديد وجوديت ۾ سارتر جي خيال ۾ انساني فطرت جهڙي ڪا شيءِ ناهي جيڪڏهن روح ۽ مقدر جهڙن قدرن کي مڃبو ته پوءِ تقدير زندگي جو لازمي جزو هوندو، تنهن ڪري هڪ پاسي انساني آزادي آهي ٻي پاسي لوح محفوظ ۾ لکيل تقدير آهي چو ته انسان جوهر کان بغير صرف وجود آهي تنهن ڪري ڪو مقدر ڪڍي پيدا ڪو نه ٿيو آهي. تنهن کان پوءِ سارتر وٽ آزاديءَ ۾ غير جو وجود وڏي رڪاوٽ آهي چو ته هر ماڻهوءَ جي آزادي جو دائرو ٻي جي آزادي جي

**مذهب ۽ لطيف وٽ اهو ئي فلسفو آهي ته جبريت لازمي آهي پر جبريت جي حصار کي ٽوڙڻ لاءِ تمام وڏي قوت ارادي جي ضرورت آهي.**

دائري سان ملي ٿو تنهن ڪري وري به آزادي هڪ خاص حدبندي ۾ محدود آهي.

بنيادي طرح انسان پنهنجي شعور ۾ آزادي جو احساس رکي ٿو ۽ انهي احساس جبريت جي خلاف مهاڏو اٽڪائيندي وڏيڪ آزاديءَ جو دائرو وڌائڻ جي

ڪوشش ڪري ٿو پر انسان جي آزادي جو دائرو محدود آهي. ڪا خواهش پوري ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻا پون ٿا ڇو ته خواهش جي تڪميل مادي عمل ۽ ذهني سوچ جي نتيجي ۾ پوري ٿئي ٿي. ائين نٿو ٿي سگهي ته اسان درياهہ جي ڪناري تي ويهون ۽ اڃ اجهامي وڃي. قرآن شريف ۾ آيل آهي ته:

ترجمو: ”جيڪڏهن ڪو شخص پاڻيءَ ڏانهن هٿ وڌائي ته جيئن ان جي وات تائين پهچي وڃي ته ائين ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي“. (پ 13، 13، 14)

انهي ڪري انسان ڪي محنت ضرور ڪرڻي آهي. پاڻ ڪي قوت ارادي سان ثابت قدم رکڻو آهي. شاهہ لطيف جو هر شعر ڏسو:

تپي ڪندين ڪوهہ؟ ڏونگر ڏڪوين ڪي،
تون جي پهڻ پٻ جا، تہ لڳ منهنجا لوهہ،
ڪنهنجو ڪونهي ڏوهہ، امر مون سين ايئن ڪيو.
(ڪوهياري 18/2)

هن شعر ۾ تقدير ۽ تدبير ٻنهي جو تڪرار آهي هڪ طرف جبريت آهي ٻئي طرف ارادو مضبوط آهي. تقدير جي جبر خلاف چئلينج آهي. مهاڏي اٽڪائڻ ۾ جياپو آهي. يعني تقدير قابل قبول آهي، انڪار ڪونهي پر تقدير جي جبر ۾ لڙهي ناهي وڃڻو. کهڙيون به حالتون هجن مسلسل جدوجهد ڪرڻي آهي. هڪ طرح شاهہ لطيف وٽ تقدير ۽ تدبير ٻئي هڪ سِڪي جا ٻہ پاسا آهن، انهي ڪري خواجہ محمد زمانؒ جن تقدير بدلائڻ جو فڪر ڏيندي چيو هو:

ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،
ميٽيو انگ اڳيون، واري ٻئو لکن،
پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسين پرين ڪي.

مجموعي طور تقدير هن ڪائنات جي فطرت جي خمير ۾ موجود اصول ۽ قانون آهن، پر انسان ڇو تہ هڪ حرڪتي جاندار آهي جيڪو شعور رکي ٿو انهي ڪري پنهنجي ارادي، عمل ۽ پنهنجي جدوجهد ذريعي آزادي حاصل ڪري ٿو ۽ جبري قانونن ۾ رهندي پنهنجي فائدي جا جزا ڳولي وٺي ٿو.

مددي ڪتاب

1. شاهہ جو رسالو، پاڱو 1، 2 ۽ 3، ٻانهون خان شيخ، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
2. قرآن مجيد اور مروجہ اسلام، ڪريم بخش سکهاني جامپوري.
3. تفسير الهام الرحمان ۽ مختلف سورتون، اداره فڪر اسلامي ڪراچي، مولانا عبيدالله سنڌي، سنڌيڪا اڪيڊمي.
4. ماضي ڪي مزار، سبط حسن، مڪتبہ دانيال، ڪراچي.
5. ڪلاچي، شمارو 4 جلد 5، مضمون حافظ حبيب سنڌي.
6. Types and Problems of Philosophy, Hunter Mead, Holt Rinehart and Winston U.S.A and London 1962
7. شاهہ جو رسالو (الف _ ب وار) ڊاڪٽر محمد عالم سومرو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1994.

ليکڪ جو تعارف:
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي سان لاڳاپيل آهي. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا ٻہ سالن لاءِ چيئرمين پڻ رهي چڪا آهن. سنڌس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل صورت ۾ موجود آهن. ان ڪانسواءِ پروفيسر صاحب مختلف موضوعن تي اَڻ ڳڻيا تحقيقي ڪالم پڻ لکيا آهن. سنڌس علمي پورهئي تي ڪين ڪيترائي ايواردز ملي چڪا آهن.



# مختلف موضوعن تي جُڙيل سنڌي پهاڪا

## سماجي پهاڪا:

- آءُ بہ ويندس پيڪين، مون بہ لهندي سڪ.
- اپرندي تاءُ جنهن نہ ڪيو، اهو الهندي ڇا ڪندو.
- انين پيڙهيءَ، اٺ ماڪوڙو ماسات.
- اڻ ڄاڻ ڪي جهڙي مصري تهڙي ڦٽڪي.
- انڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين.
- جي چُلهہ تي، سي دل تي.
- جا ڏاريان ٻڪري، تنهن جا لَمن ڪن.
- ڄڻيءَ سٺ پسايو، واڻئي وڏس وٺي، ڄڻيءَ لکي واڻيو مُنو، واڻئي لکي ڄڻي، مُني سائي ڄڻي.
- ڇٽي چنيجن جي، پُرڻن تي پئي.
- چڪر پڄي، لتر سان.

## سياسي پهاڪا:

- آيا مِير، پڳا فقير.
- فارسي، گهڙي چاڙهسي.
- ڪنن جي ڳالهہ، مير بجار مارايو.
- جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، تو ڪي قنڌارئون جوڪو.

## معاشي پهاڪا:

- اَڻ هوند ۾ پئسي پَلو مهانگو، هوند ۾ رُپئي پَلو سستو.
- آپ نہ پالي، پالي ڏون، چوڪر ڄائو، ڏڪان ڏون.
- هجئي ناڻو تہ گهم لاڙڪاڻو.
- اندر ٻڏ ٻهون ٻاهر آٽڻ ان جو.
- اٽو ٻڌل هوندو، تہ مانيءَ جو اونو نہ هوندو.
- اَٽي تي اَٽو، نہ ڪارو، نہ ڪٽو.
- اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن ڇِني.
- بختاورن جا ڍڳا بہ ويامن.
- ٻڪيو گدڙ، شينهن سان گڏ ڪائي.
- ٻاليتو نہ ماليتو.
- جتي ڪير، اُتي ڪنڊ.
- جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، تنهن جو مِٺ هر ڪوئي.
- سُڪئي جو سيڪو سالو، غريب جو ڪو پيٽيو بہ ڪو نہ.
- جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا.

## اخلاقي پهاڪا:

- جيڪو هٿ ڏاڙهيءَ تي رکجي، اهو هٿ ڪياڙيءَ تي نہ رکجي.

- اُپ ۾ ٿُڪ اڇلائي، سو منهن ۾ پائي.
- اگرن پيني، هٿ ڪارا.
- امل ماٽڪ هجي پيٽ ۾ تہ ٻَڪي مُنهن ۾.
- جهڙي پوک پوکبي، تهڙي لٽبي.
- ٻري تيل، ڪامي وٽ، واهہ ڙي ڏيئا واهہ!
- ٻيڙِيءَ تي چاڙهي، ڪنهن جو ڦرهو نہ ڪڍجي.
- ٻُلي ٻاڻ آئي، سا بہ نہ ٻُلي.
- تون گهُر منهنجي ڄائي ڪي، مان گهران تنهنجي ڪٽ جي پائي ڪي.
- ٿڌو گهڙو پاڻ ڪي، پاڻيهي چانوَ ۾ ويهاري.
- ٿوهہ ٻاهران من مهٽا، اندران من ڪهٽا.
- پرائي دهلين ، احمق نچي.
- پڪي گهڙي، ڪنا ڪو نہ پون.
- پنهنجي لاهي جنهن ڪڇ ۾ ڪئي، تنهن ڪي ٻئي جي لاهڻ ۾ ڇا.
- زبان سني، ڳوٺ سنو.

## طبي پهاڪا:

- چاق ٿيڻ ڪانپوءِ، وئد بہ ويري.
- پير سور وارو، ڪياڙي نہ ڪنهندو.
- ٿوري گرهين، گهٽو ڪاڄي.
- ڏنپ، آهي ٿنپ.
- ڪن ڪي واڱڻ وائي، ڪن ڪي بصر بادي.
- ڳڙ سان مرندڙ ڪي، زهر نہ ڏجي.
- مرهم ناهي نہ سگهجي تہ ڏنگ نہ هڻجي.
- هڪ بيمار، گهر بيمار/سوڳوار.
- جاتي ڪير، تاتي ڪنڊ، جاتي جهڻ، تاتي لوڻ.
- ڏٻري ڍور تي مڇر بہ گهڻا.
- وڳ ۾ هڪ گري، وڳ ئي گرو.

## مٿانهين يا وڏيرڪي طبقي تي چيل پهاڪا:

- واندو آهين تہ وڃ وڏيري جي گهر.
- پالها مل! وڃ سُڪئي مل جي گهر.
- شاهوڪار جي ٻلي بہ ٻہ مٽي.
- جيسين سڪيو ڪٽي ساهہ، تيسين بکئي وڃي پساهہ.

**ذريعا:** طبي پهاڪا ۽ چوڻيون، انجينئر عبدالوهاب سهتو گلشڪر، ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي گلقند پاڱو 2، پيرومل مهرچند آڏواڻي

## مئل سمنڊ (Dead Sea) ۾ ماڻهو ڇو نٿا ٻڏن؟

مئل سمنڊ ڪي لوڻيانو سمنڊ بہ سڏيو ويندو آهي اهو اسرائيل ۽ اُردن جي وچ ۾ موجود آهي. اهو دنيا جو سڀ کان وڌيڪ لوڻيانو (کارو) سمنڊ آهي. هن ۾ موجود کاراڻ جو مقدار 34.2 سيڪڙو آهي. مئل سمنڊ جي کاري پاڻي جي گهاٽائي ايتري حد تائين وڌيڪ آهي ۽ اهو ايتري تہ مٿيري قوت (ترڻ جي سگهہ (buoyant force)) لڳائي ٿو جو ڪو ماڻهو ٻيڻل حالت ۾ بہ تري سگهي ٿو ايتري تائين جو ماڻهو هن حالت ۾ اخبار بہ پڙهي سگهي ٿو. هن ڪي مئل سمنڊ هن ڪري سڏيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ هن ۾ موجود لوڻ جي تمام گهڻي مقدار جي ڪري ڪنهن بہ قسم جا جاندار (ٻوٽا ۽ جانور) زنده رهي نٿا سگهن.

ادارو

# تعليم جي پهچ ۽ رسائيءَ ۾

## سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو جدت ڀريو سفر



پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ، سنڌ جي تعليم ۽ ان جي بهتريءَ لاءِ ورتل ڪوششون تاريخ ٻڌائيندي، هڪ جدوجهد کي سامهون آڻين ٿيون. 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان هڪ آزاد اسلامي رياست طور قائم ٿيو، جنهن ڪانپوءِ نومبر 1947ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پهرين تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مرتب ڪيل سفارشن کي پاڪستان جي پهرين پنج سالا رٿا ۾ شامل ڪيو ويو. 1958ع ۾ شريف ڪميشن لاڳو ڪري سنڌي ٻوليءَ کي پرائمريءَ تائين محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر باشعور مقامي ماڻهن جي مخالفت سبب آڪٽوبر 1962ع ۾ اهو فيصلو واپس ورتو ويو. سال 1969ع ۾ ايوب خان جي حڪومت قومي تعليمي ڪميشن قائم ڪئي، جنهن انگريزن جي ترتيب ڏنل تعليمي نظام ۽ مروج تعليم جي هر شعبي ۾ ڪيتريون تبديليون تجويز ڪيون، جن تي پاڪستان جي ٻِين ۽ ٽِين پنج سالا رٿائن ذريعي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ ابتدائي تعليم کي عام ڪرڻ خاطر سنڌ اندر سوين پرائمري اسڪول کوليا ويا پر غير ضروري نصابي تبديلين، اڻ تجربيڪار ماسترن جي ڀرتين ۽ غلط رٿابنديءَ سبب ابتدائي تعليم جو معيار بيحد متاثر ٿيو. سنڌ ۾ 1947ع کان ويندي مختلف دورن ۾ ابتدائي، ايليمينٽري ، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم جي ترقيءَ لاءِ جيڪي رٿائون عمل هيٺ اينديون رهيون انهن جو وچور هيٺينءَ ريت آهي:

1. 1947ع ۾ ٿيل پهرين تعليمي ڪانفرنس دوران ننڍڙن ٻارن جي ذهني نشونما ۽ سندن پهرئين تعليمي ڏاڪي طور نرسري ڪلاس کي مروج تعليم جو لازمي جزو قرار ڏنو ويو.
2. 1950ع کان 1980ع وارن ٽن ڏهاڪن دوران ابتدائي ٻاراڻي تعليم جي حوالي سان ڪا بہ بهتر يا مؤثر تعليمي رٿا منظرعام تي نہ آئي ۽ صرف ڪچي ڪلاس کي ٻارن جي ابتدائي تعليمي ڏاڪي جي حيثيت حاصل رهي.
3. 1992ع ۾ رائج ڪچي ڪلاس لاءِ منظم تعليمي پاليسي جوڙي وئي ۽ ساڳئي سال ٻين صوبن سان گڏ سنڌ صوبي ۾ پڻ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي هڪ ايڪٽ طور اسيمبليءَ مان بل پاس ڪري قائم ڪيو ويو.
4. 2001ع ۾ 9 سالن بعد نيشنل پلان آف ائڪشن فار EFA (2001-2015) جي جامع رٿا موجب ابتدائي ٻاراڻي تعليم کي رسمي تعليمي سرشتي جي صورت ۾ مروج ڪيو ويو.
5. 2002ع ۾ قومي ۽ صوبائي سطح تي ابتدائي ٻاراڻي تعليم( ECE )جي نصاب ۾ سُڌارا آندا ويا ۽ ECE لاءِ ترميم ڪيل سنڌي نصاب جي موجودگيءَ کي پڻ يقيني بڻايو ويو.
6. 2004ع ۾ ريفارم ائڪشن پلان تحت ابتدائي ٻاراڻي تعليم( ECE )کي جدا حيثيت ڏئي تسليم ڪيو ويو.
7. 2009ع ۾ تعليمي پاليسيءَ موجب ابتدائي ٻاراڻي تعليم( ECE )کي مروج تعليم جو حصو بڻائي عملي رٿائون متعارف ڪرايون ويون، جيڪي هن وقت تائين سرڪاري توڙي نجي اسڪولن ۾ هلندڙ آهن.

سنڌ حڪومت طرفان ابتدائي ٻاراڻي تعليم لاءِ قومي تعليمي پاليسي (2009ع) جون قبول ۽ عمل هيٺ آيل پنج مکيہ عملي رٿائون هيٺينءَ ريت آهن:

1. ابتدائي ٻاراڻي تعليم جي معيار کي بهتر بنائڻ جو بنياد ٻار جي شخصي ترقيءَ واري خيال تي مبني هجي. ٻارن کي اسڪولن ۾ سخت ۽ پابند ماحول بجاءِ هيجان خيز، باهمي سرگرمي ۽ راندروند وارو ماحول فراهم ڪرڻ.
2. ابتدائي ٻاراڻي تعليم جي حاصلات لاءِ ٻارن جي عمر جي حد 3 کان 5 سال مقرر هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جي پرائمري تعليم رياست طرفان ڏيڻ ۽ ايندڙ ڏهن سالن ۾ ابتدائي ٻاراڻي تعليم کي عالمي اصولن موجب يقيني بنائڻ.
3. ابتدائي ٻاراڻي تعليم جي بندوبست لاءِ پرائمري اسڪولن کي پابند بنائڻ ۽ ان مقصد لاءِ اضافي بجيٽ، استاد ۽ مددگار فراهم ڪرڻ.
4. ابتدائي ٻاراڻي تعليم ڏيندڙ استادن لاءِ ٻارن جي ذهني لاڙي مطابق خاص تربيتي پروگرام جوڙائڻ.
5. استادن جي تربيتي پروگرام جو دارومدار ابتدائي ٻاراڻي تعليم جي نظرثاني ٿيل قومي نصاب تي هئڻ، نصاب ۽ مددگاري مواد ۾ مخصوص علائقن جي ثقافتي گوناگونيت کي اجاگر ڪرڻ.

**سنڌ اندر سوين پرائمري اسڪول کوليا ويا پر غير ضروري نصابي تبديلين، اڻ تجربيڪار ماسترن جي ڀرتين ۽ غلط رٿابنديءَ سبب ابتدائي تعليم جو معيار بيحد متاثر ٿيو.**

ساڳيءَ ريت مختلف سالن ۾ پرائمري/ ايليمينٽري تعليم جي واڌاري لاءِ وفاقي سطح تي جوڙيل جن پاليسين کي صوبن تي لاڳو ڪيو ويو، انهن جو وچور هن ريت آهي:

1. 1947ع نيشنل ايجوڪيشن ڪانفرنس ۾ طئي ٿيل پاليسيءَ موجب مفت ۽ لازمي پرائمري تعليم تي زور ڏنو ويو ۽ استادن جي تربيت، طبعي تعليم ۽ تعليمي زبان جي اهم مسئلن تي غور ويچار ڪري يونيورسل پرائمري ايجوڪيشن جي اصولن تحت پرائمري تعليم کي ٻن ڏهاڪن ۾ عام ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو.
2. 1951ع ۾ ’نيشنل پلان آف ايجوڪيشنل ڊيويلپمينٽ‘ رٿا هيٺ 6 کان 11 سالن جي 66 سيڪڙو ٻارن کي پرائمري تعليم ڏيڻ لاءِ 50 سيڪڙو تربيت يافتہ استادن جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ 86000 استادن جون ڀرتيون ڪري، پرائمري اسڪولن جي تعداد ۾ اضافو ڪيو ويو.
3. 1959ع دوران ’رپورٽ آف دي ڪميشن آن نيشنل ايجوڪيشن‘ جي پاليسيءَ تحت پرائمري اسڪولن ۾ ٻارن جي شرح لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو تائين پهتي ۽ ايندڙ 15 سالن ۾ ’يونيورسل پرائمري ايجوڪيشن‘ تائين رسائيءَ جو هدف مقرر ڪيو ويو.
4. 1970ع ۾ نئين تعليمي پاليسيءَ( New Education

**1992ع ۾ ’نيشنل ايجوڪيشن پاليسيءَ‘ تحت استادن جي تربيت تي خاص ڌيان ڏنو ويو، پرائمري تعليم کي لازم ۽ 2002ع تائين خواندگيءَ جي شرح جو 70 سيڪڙو مقرر ڪيو ويو.**



> **حڪومت طرفان هر صوبي ۾ هڪ رهائشي اسڪول جي منظوري ڏني وئي. هر ٻار کي پهرين جماعت ۾ داخلا سان هڪ ID جاري ڪرڻ تي غور ويچار ڪيو ويو، جيڪا هر ٻار/ شاگرد توڙي شاگردياڻيءَ جي سموري تعليمي زندگيءَ سان لاڳو رهي سگهي.**

Policy ) ذريعي پراڻين رٿائن ۾ ڪجهه قدر ترميم ۽ توسيع ڪري 'يونيورسل ايليمينٽري ايجوڪيشن 'جي مقصدن کي عام ڪرڻ ۽ خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم تي زور ڏنو ويو.

5. 1972ع ۾ 'دي ايجوڪيشن پاليسي 'جي هڪ رٿا موجب گهٽ استحقاق رکندڙ عورتن جي تعليم کي يقيني بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا ويا ۽ سنڌن لاءِ ڏهين درجي تائين مفت ۽ معياري تعليم لازم ڪئي وئي.

6. 1979ع ۾ 'نيشنل ايجوڪيشن پاليسي اينڊ امپليمينٽيشن پروگرام 'نالي تعليمي پاليسيءَ هيٺ بهتر حڪمت عمليءَ ذريعي 1987ع تائين ڇوڪرن جي يونيورسل پرائمري ايجوڪيشن ۽ 1992ع تائين ڇوڪرين جي 'يونيورسل پرائمري ايجوڪيشن 'جي آڌار تي ڀرپور نتيجا حاصل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو .1983ع تائين ڀرپور تعليمي شرح 60 سيڪڙو ۽ ان کانپوءِ 100 سيڪڙو مقرر ڪئي وئي.

7. 1986ع ۾ 'نيشنل ايجوڪيشن پلان 'ڊراپ ان اسڪول، نيشن وائڊ لٽريسي پروگرام ۽ نئين روشني اسڪول جهڙين رٿائن جو اضافو ڪيو ويو، جن تحت غريب طبقي جي ٻارن لاءِ پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ سهولتون فراهم ڪيون ويون. ان کانسواءِ ثانوي تعليم کان هيٺئين درجي جي 225000 ٻارن/ شاگردن کي غير رسمي تعليمي طريقن ذريعي اعليٰ ثانوي تعليمي درجن ۾ رسمي تعليم کي بهتر نموني سمجهڻ جي سگهه پيدا ڪرڻ تي غور ويچار ڪيو ويو.

8. 1992ع ۾ 'نيشنل ايجوڪيشن پاليسيءَ 'تحت استادن جي تربيت تي خاص ڌيان ڏنو ويو، پرائمري تعليم کي لازم ۽ 2002ع تائين خواندگيءَ جي شرح جو 70 سيڪڙو مقرر ڪيو ويو.

9. 1998ع ۾ 'نيشنل ايجوڪيشن پلان'جي رٿا موجب 2000ع تائين خواندگيءَ جي شرح کي ٻيڻو ڪرڻ، تعليم جي ميدان ۾ عطيا ڏيندڙ ادارن کي شموليت جو موقعو فراهم ڪرڻ ۽ ايليمينٽري تعليم جي سڌاري لاءِ 'سوشل ائڪشن پروگرام' جي تجويز ڪيل حڪمت عملين تي غور ڪيو ويو ۽ ان ڏس ۾ 57000 مسجد اسڪولن( مسجدن ۾ تعليم ڏيڻ) جو آغاز پڻ ڪيو ويو.

10. 2004ع ۾ 'ايجوڪيشن سيڪٽر ريفارم- ائڪشن پلان 'جي رٿا تحت لازمي پرائمري تعليم کي قومي آرڊيننس جي شق ۾ شامل ڪيو ويو ،جنهن جي بنياد تي اڳ ۾ قائم پرائمري اسڪولن جي ساخت کي بهتر بڻائڻ لاءِ کي مؤثر قدم کنيا ويا، نئين اسڪولن جي تعمير ۽ ڪجهه پرائمري اسڪولن کي ايليمينٽري اسڪول جو درجو ڏئي ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون، سالن کان مروج ڪچي ڪلاس کي 'ابتدائي ٻاراڻي تعليم '(ECE )۾ بدلايو ويو.

11. 2009ع دوران وفاقي سطح تي 'قومي تعليمي پاليسي2009- ع 'جي رٿا هيٺ جيڪي تعليمي رٿائون صوبن تي لاڳو ڪيون ويون، انهن ۾ يونيورسل پرائمري ايجوڪيشن جي اصولن تي عمل ڪندي پرائمري تعليم کي ڳوٺن ۾ عام ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو.

12. پرائمري تعليم جي حصول لاءِ ٻارن جي عمر جي حد 6 کان 10 سال مقرر ڪئي وئي.

13. 'تعليم سڀني لاءِ 'جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن مالي وسيلن کي ڪتب آڻڻ جون ڪوششون ورتيون ويون.

14. ضرورت آهر ابتدائي/ پرائمري اسڪولن کي مڊل/ ايليمينٽري اسڪولن جي حيثيت ڏني وئي.

15. بين الاقوامي سطح تي تعليمي ميدان ۾ ترقيءَ لاءِ ٻاهرين ملڪن کي بهتر تعليمي رٿا ۽ اسڪول ۾ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ امداد جي دعوت ڏني وئي.

16. اسڪولن کان داخلا جي گهٽ ٿيندڙ شرح تي ضابطو آڻڻ کي اولين ترجيح مقرر ڪئي وئي.

17. اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارن ۾ ڪجهه بنيادي خوراڪ جي تقسيم کي عمل ۾ آندو ويو تہ جيئن ٻار/ شاگرد، خاص ڪري ڇوڪريون مسلسل تعليم حاصل ڪري سگهن.

18. اسڪولن کي ڪجهه قدر پرڪشش بڻائي بهتر تعليمي ماحول ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو.

19. حڪومت طرفان هر صوبي ۾ هڪ رهائشي اسڪول جي منظوري ڏني وئي.

20. هر ٻار کي پهرين جماعت ۾ داخلا سان هڪ ID جاري ڪرڻ تي غور ويچار ڪيو ويو، جيڪا هر ٻار/ شاگرد توڙي شاگردياڻيءَ جي سموري تعليمي زندگيءَ سان لاڳو رهي سگهي.

سنڌ ۾ موجوده تعليمي نظام اٺن مکيہ حصن ۾ ورهايل آهي، جهڙوڪ: ابتدائي ٻاراڻي تعليم، ايليمينٽري تعليم، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم، اعليٰ تعليم، هنري ۽ فني تعليم، خاص/ معذور ٻارن جي تعليم، غير تدريسي ۽ نوجوانن جي تعليم، ديني مدرسن جي تعليم.

> **هي ايڪٽ فائونڊيشن کي وڏي پئماني تي تعليمي قدمن ۽ معاون سرگرمين ذريعي تعليم جي شعبي ۾ مدد فراهم ڪرڻ لاءِ وسيع پئماني تي اختيار مهيا ڪري ٿو. 1992ع ۾ پنهنجي قيام کان وٺي، فائونڊيشن سموري سنڌ جي شاگردن خاص طور تي صوبي جي ڏورانهن ۽ ترقيءَ کان وانجهيل علائقن ۾ شاگردن لاءِ مفت ۽ معياري تعليم جي رسائي کي وڌائڻ لاءِ سنجيدهہ ڪوششون ڪيون آهن**

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ايڪٽ 1992ع تحت هڪ نيم خودمختيار اداري طور قائم ڪئي وئي هئي، جنهن کي مينڊيٽ مليو تہ هو صوبي ۾ مختلف قسمن جي تعليمي انٽروينشنس ذريعي تعليم جي واڌاري لاءِ مددگار ٿيڻ جي سامهون رهي. هي ايڪٽ فائونڊيشن کي وڏي پئماني تي تعليمي قدمن ۽ معاون سرگرمين ذريعي تعليم جي شعبي ۾ مدد فراهم ڪرڻ لاءِ وسيع پئماني تي اختيار مهيا ڪري ٿو. 1992ع ۾ پنهنجي قيام کان وٺي، فائونڊيشن سموري سنڌ جي شاگردن خاص طور تي صوبي جي ڏورانهن ۽ ترقيءَ کان وانجهيل علائقن ۾ شاگردن لاءِ مفت ۽ معياري تعليم جي رسائي کي وڌائڻ لاءِ سنجيدهہ ڪوششون ڪيون آهن ان سلسلي ۾ فائونڊيشن 1999ع ۾ فيلوشپ اسڪولز پروگرام، ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولز پروگرام، هوم اسڪول پروگرام، وومين لٽريسي اينڊ امپاورمينٽ پروگرام، چائيلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام سان هڪ نئي جدت ڪٽي صوبي جي پٺتي پيل ۽ نظرانداز ٿيل ڪميونٽيز جي لاءِ ڪم ڪيو. جنهن کانپوءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت سپورٽ ٽو پرائيويٽ ايجوڪيشن انسٽيٽيوٽ پروگرام آيو ۽ ان سان گڏ انٽيگريٽيڊ ايجوڪيشن لرننگ پروگرام کي سنڌ ۾ امپليمينٽ ڪيو ويو. جنهن کانپوءِ رورل بيسڊ ڪميونٽي اسڪول پروگرام جي اسڪولن جو ڄار وڇايو ويو، ٻئي طرف ابتدائي سکيا واري پروگرام کي پڻ آندو ويو ۽ پرائمري کان پهريان وارن عمر جي ٻارن جي لاءِ پڙهائڻ جي معياري طريقي تي عمل پيرا ٿيندي سٺا نتيجا حاصل ڪيا. ائين پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي هٿي ڏيندي تعليم جي شعبي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سموري سنڌ ۾ خاص ڪري انهن پٺتي پيل ۽ نظر انداز ڳوٺن ۽ علائقن ۾ اسڪولن کي قائم ڪيو، جتي تعليم جي ڪا بہ سهولت مهيا ٿيل نہ هئي ۽ هزارين ٻار اسڪول کان ٻاهر هيا جن کي فائونڊيشن پنهنجي پارٽنرز جي وسيلي اسڪولن ۾ آندو. ان طرح سان پرائمري کان اڳتي واري تعليم کي پڻ هٿي وٺرائي صوبي ۾ مڊل ۽ هائي اسڪول قائم ڪيا ويا، ان کانسواءِ ايس اي ايف اسسٽيڊ اسڪول ۽ پي پي آر ايس جي فيزز کي بہ وڌايو ويو ۽ وڌيڪ اسڪولن کي قائم ڪيو ويو.

## ايس اِي ايف جي ٻيهر جوڙجڪ جي حوالي سان پروگرامن جو ضم ٿيڻ

فائونڊيشن جي پروگرامن کي ضم ڪرڻ وارو قدم



**سنڌ جي انتهائي پنتي پيل علائقن ۾ معياري تعليم جي پهچ کي يقيني بڻائڻ لاءِ نجي شعبي جي ادارن کي حڪومت جي مدد ڪرڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ. اسڪول کان ٻاهر وارن ٻارن ۽ نوجوانن خاص طور تي ڇوڪرين جي لاءِ تعليم جي سهولتن کي وڌائڻ ذريعي يونيورسل پرائمري تعليم تحت سرڪاري پاليسين کي وڌائڻ.**

2015 ع ۾ بيهر جوڙجڪ /ترتيب ڏيڻ (تنظيمِ نو) مهم جي پس منظر ۾ شروع ڪيو ويو هو، جيڪو اسڪول جي ڪارڪردگي جي جامع نظرثاني تي مشتمل هو، جنهن ۾ انتظاميه، تعليمي معيار ۽ داخلا کي بهتر بڻائڻ جي ضرورت جي نشاندهي ڪئي وئي. پروگرام جي جوڙجڪ جو مقصد انتظامي معاملن ۽ معيار کي بهتر بڻائڻ سان گڏوگڏ اسڪول جي ماحول، نصابي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ علم جي فراهمي کي جديد بنائڻ هو. ان حوالي سان پروگرامن جي قلمدان (پورٽ فوليو) ۾ بناوتي/ ساختي تبديلين کي مختلف قدمن ذريعي بهتر ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ معاهدن تي نظرثاني، پاليسي کي هموار ڪرڻ، هيڊ ٽيچر ۽ سبجيڪٽ ٽيچرز جي لازمي تقرري ۽ اسڪولن جي گهڻ درجابندي (ملٽي گريڊنگ) جو خاتمو شامل آهن. شاگردن جي داخلا ۾ وڏي پئماني تي سڌارا متعارف ڪرائي شاگردن ۽ استاد جي نسبت ۽ شاگردن کان ڪلاس جي نسبت کي سمجهڻ تي زور ڏنو ويو. ابتدائي ٻالڪپڻ (ارلي چائلڊ هوڊ) سيٽ اپ، ليبارٽريون، راندين جا ميدان ۽ هم نصابي سهولتن کي باقاعدگيءَ سان لاڳو ڪيو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ آئي سي ٽي تي ٻڌل سکيا لاءِ ضروري انفرااسٽرڪچر پڻ متعارف ڪرايو ويو آهي. ان ڪانسواءِ ماحول دوست اسڪولن (صاف توانائي ذريعي) کي يقيني بنائڻ ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ بيت الخلا جي سهولتن تائين پهچ سان گڏ صحتمند ماحول کي اسڪولن ۾ لاڳو ڪرڻ شام آهن. FAS جي ڪوشش آهي ته ايس اِي ايف جي شراڪتدارن کي مثال بڻائيندي تعليم سان لاڳاپيل سماجي ڪاروبار (انٽرپرائيز) ڏانهن منتقل ڪجي. معياري تعليم جي حوالي سان ايس اِي ايف جو خواب پبلڪ پرائيويٽ ۽ ڪميونٽي جي شراڪتداري ذريعي تعليم جي رسائي جي قابل عمل نمونن (ماڊلز) جي تيار ڪرڻ ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ جي عزم سان گڏ، بنيادي تعليم تائين رسائي ۽ خواندگي جي شرح کي بهتر ڪرڻ آهي، جيڪي مقامي ضرورتن سان مطابقت رکندڙ هجن ۽ اهي شراڪتدار سڌي طرح ڪميونٽيز جي پائيدار ترقي لاءِ خدمت جاري رکندي پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مقصدن ۾:

- سنڌ جي انتهائي پنتي پيل علائقن ۾ معياري تعليم جي پهچ کي يقيني بڻائڻ لاءِ نجي شعبي جي ادارن کي حڪومت جي مدد ڪرڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ.
- اسڪول کان ٻاهر وارن ٻارن ۽ نوجوانن خاص طور تي ڇوڪرين جي لاءِ تعليم جي سهولتن کي وڌائڻ ذريعي يونيورسل پرائمري تعليم تحت سرڪاري پاليسين کي وڌائڻ.
- هينين سطح تائين مفت ۽ لچڪدار سکيا جي موقعن کي وڌائڻ.
- تعليم ۾ صنفي مساوات کي يقيني بڻائڻ.
- معياري سڌارن جي ڪوشش کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڳوٺاڻن جي شراڪت سان اسڪولن جي پائيدار ترقيءَ کي يقيني بڻائڻ.
- فائونڊيشن ويجهڙ واري عرصي ۾ ڪجهه اهم نُڪتن تي ڌيان ڏنو آهي جن ۾:

**سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تعليم جي ترقي جي لاءِ مختلف فورمز تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي ڇو ته فائونڊيشن سنڌ حڪومت جي ان تصور کي ته ”مفت ۽ معياري تعليم سڀني لاءِ“ کي پنهنجي اولين مقصد ڪري ڪنيو آهي ۽ ان لاءِ فائونڊيشن سڀئي هدف پورا ڪندي.**

- پرائمري اسڪولن کي ايليمينٽري سطح تي ۽ ايليمينٽري اسڪولن کي سيڪنڊري سطح تائين ترقي ڏيڻ.
- نياڻين جي تعليم لاءِ اُتساهه پيدا ڪرڻ.
- اهل اسڪولن ۾ آڊيو ويزول (سمعي / بصري) ڪمرا، ڪمپيوٽر ۽ سائنس ليبارٽرين جي قيام ۾ مدد فراهم ڪرڻ.
- تدريسي طريقن ۾ آئي ٽي جي بنياد تي سڌارا متعارف ڪرائڻ.
- ڪجهه چونڊيل اسڪولن ۾ متبادل توانائي جي حل طور شمسي توانائي کي استعمال ڪرڻ لاءِ سهائتا فراهم ڪرڻ.

ايس اِي ايف پنهنجي شراڪتدارن ( اسڪول آپريٽرز) کي في ٻار سبسڊي ماڊل تحت مالي سهائتا کي وڌائي ٿي ۽ مٿي بيان ڪيل مالي سهائتا کانسواءِ ايس اِي ايف داخل ٿيل ٻارن کي مفت درسي ڪتاب ۽ سکيا وارو مواد پڻ فراهم ڪندي آهي ۽ مختلف ٽريننگز ۽ نمائشن ذريعي استادن ۽ اسڪول آپريٽرز جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ مدد فراهم ڪري ٿي. فائونڊيشن FAS ۾ ڪمپيوٽر ۽ سائنس ليبارٽريز جي قيام لاءِ گرانٽ به مهيا ڪري ٿي ته جيئن پوسٽ-پرائمري جي تعليم جي حوصلا افزائي ڪجي خاص طور تي STEM ڪورسز کي اڳتي وڌائجي. جڏهن ته حدف ڪيل علائقن جي ڳالهه ڪجي ته، فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولز پروگرام جو ڄار پوري سنڌ صوبي ۾ پکيڙيل آهي. فائونڊيشن معيار لاءِ جيڪي اپاءَ ورتا سي هن ريت آهن:

- معاهدن جي تجديد لاءِ ضروري آهي ته انٽرپرينيوئرز بهتر تعليمي ماحول ۾ تعليم ۽ سکيا جي بهتر معيار لاءِ سيڙپڪاري ڪن.
- شاگردن جي سکيا جي حاصلات جو اندازو لڳائڻ لاءِ شاگردن جو ساليانوجائزو وٺڻ.
- استادن جي تدريسي طريقن جي صلاحيتن جي جاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ انهن جي Teacher-centric assessment ڪرڻ.
- مانيٽرنگ اينڊ ايواليوئيشن (ايم اينڊ اِي) جي بهترين طريقن کي استعمال ڪندي اسڪولن جي باقاعدي نگراني ڪرڻ.

**اهم قدم**

- معياري تعليم کي وڌيڪ رسائي لائق بڻائڻ لاءِ افقي ۽ عمودي بنيادن تي پروگرامن ۾ وسعت آڻڻ.
- اسڪولن جي عمارتن، نصابي ۽ ماحولياتي حالتن کي بهتر بڻائڻ.
- استادن لاءِ هڪ وسيع تربيتي پروگرام جو آغاز ڪرڻ.
- معياري آڊٽ ميڪينزم جو طريقيڪار متعارف ڪرائڻ.
- وڌيڪ اثرائتن طريقن کي استعمال ڪندي استادن ۽ شاگردن جو ريگيولر جائزو وٺڻ.
- طئي ٿيل معيار مطابق اسڪولن جي اپ گريڊيشن جي سهولت ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ.
- اسڪولن ۾ متبادل توانائي جي ذريعن خاص طور تي شمسي توانائي کي استعمال ڪرڻ .
- ڪلاس روم کي بهتر ڪرڻ جي شروعات ۽ سکڻ واري مواد جي فراهم ڪرڻ.

**پروگرامز ۽ پراجيڪٽ جو مختصر تعارف**

**فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولز (FAS)**

ايس اِي ايف جي فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولز (FAS)

**فائونڊيشن جا شراڪتدار، جيڪي اسڪولن جو انتظام هلائين ٿا، انهن جي ڪري فائونڊيشن جون پاڙون اُنهن ڳوٺن ۾ مضبوط آهن. سماجي انٽرپرينيوئرشپ جو تصور فائونڊيشن جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جتي اسان جي شراڪتدارن اسڪولن جا انتهائي بهترين ماڊل تيار ڪيا آهن.**

جي ڳالهہ ڪجي تہ فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولز (FAS)، ايس اِي ايف جي چئن بهترين پروگرامز جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ايس اِي ايف اسسٽڊ اسڪولز SAS، پروموٽنگ پرائيويٽ اسڪولز اِن رورل سنڌ PPRS، ايگزيسٽنگ اسڪولز سپورٽ پروگرام ESSP ۽ ايس اِي ايف مڊل اينڊ هاءِ اسڪولز پروگرام SMHSP شامل آهن. فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولن جي ارتقا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) ماڊل کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو قدم آهي، جنهن ۾ فائونڊيشن جو مقصد ٻنهي مقصدن کي هٿي وٺرائڻ آهي، هڪ برابري جي بنياد تي پهچ ۽ ٻيو ٻارڙن تائين معياري تعليمي رسائيءَ کي پوري سنڌ ۾ وڌائڻ.

## نَون فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولن جو قيام

اسان جي مائواري وڏي وزير 2020-21 جي بجيٽ پيش ڪرڻ دوران اِهو واعدو ڪيو هو تہ فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولن جي ذريعي صوبي جي پنتي پيل علائقن ۾ تعليم جي رسائي کي وڌايو ويندو. ان پس منظر ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، فائونڊيشن جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت سنڌ صوبي جي سڀني ضلعن ۾ ايس اِي ايف بورڊ آف گورنرز جي منظوري سان فردن ۽ تنظيمن جي ذريعي نَون فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولَ کولڻ جي شروعات ڪئي، جنهن جي پهرئين مرحلي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولز پروگرام تحت گهٽ فيس تي هلندڙ پرائيويٽ اسڪولن کي هلائڻ لاءِ فردن ۽ تنظيمن کان درخواستون گهرائڻ لاءِ اشتهار ڏنو. فائونڊيشن کي فردن ۽ تنظيمن طرفان 768 درخواستون موصول ٿيون ۽ انهن جي اسڪول جي چونڊ واري معيار مطابق جاچ پڙتال ڪئي وئي، جنهن مان تجويز ڏيندي 307 اسڪول سائيٽ ويريفيڪيشن سروي لاءِ تجويز ڪيا ويا. آخرڪار انٽرويو واري مرحلي مان گذرندي 125 سائيٽس جي منظوري ڏني وئي ۽ پي پي پي ماڊل تحت انهن سان معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون. اِها اميد ڪئي وڃي ٿي تہ صوبي ۾ هنن اسڪولن جي ذريعي 30,000 کان 40,000 تائين اسڪول کان ٻاهر وارن ٻارن کي تعليم ڏئي سگهبي. ٻئي مرحلي ۾، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، نَوَن فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولن لاءِ درخواستون گهرائڻ لاءِ اشتهار ڏنو، جنهن تحت 3621 درخواستون وصول ڪيو ويون ۽ انهن جي جاچ ڪئي وئي. نتيجي طور انهن مان 2,999 درخواستون شارٽ لسٽ ڪيون ويون، وري انهن مان 2,733 درخواستن تي غور ڪندي انهن جي سائيٽ ويريفيڪيشن ڪئي وئي. انهن مطابق، 6,129 سائيٽس سان گڏ لڳ ڀڳ 11,527 سرڪاري تعليمي ادارن کي پڻ وزٽ ڪيو ويو تہ جيئن تقابلي طريقي تحت نَوَن اسڪولن کي هميشہ جيان ميرٽ جي بنياد تي کولي سگهجي. سائيٽ ويريفيڪيشن واري رپورٽ جي بنياد تي 3,019 امڪاني سائيٽس جي نشاندهي ڪئي وئي ۽ وڌيڪ انهن کي انٽرويو واري طريقيڪار تائين آندو ويو، انهيءَ بنياد تي 944 سائيٽس (پهرئين مرحلي مان 125 سائيٽس سميت) فردن ۽ تنظيمن کي ايس اِي ايف پي پي پي ماڊل تحت اسڪول کولڻ لاءِ ڏنا ويا. اسڪول چونڊڻ وارو سڄو طريقيڪار SEF ۽ SELD جي جوڙيل هڪ ڪميٽيءَ ڪيو. اِها اميد ڪئي وڃي ٿي تہ صوبي ۾ هنن اسڪولن جي ذريعي 250,000 (اڍائي لک) کان 300,000 (ٽي لک) تائين اسڪول کان ٻاهر وارن ٻارن کي تعليم ڏئي سگهبي.

فائونڊيشن جا شراڪتدار، جيڪي اسڪولن جو انتظام هلائين ٿا، انهن جي ڪري فائونڊيشن جون پاڙون اُنهن ڳوٺن ۾ مضبوط آهن. سماجي انٽرپرينيوئرشپ جو تصور فائونڊيشن جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جتي اسان جي شراڪتدارن اسڪولن جا انتهائي بهترين ماڊل تيار ڪيا آهن. فائونڊيشن، ڳوٺن ۾ تعليمي بهتري آڻڻ لاءِ جيڪي بہ نوان قدم کنيا آهن انهن ۾ عورتن مکيہ ڪردار ادا ڪيو آهي، خاص طور تي نياڻين جي تعليم حاصل ڪرڻ جي حوالي سان ڳوٺاڻن کي راضي ڪرڻ ۽ نياڻين جي حوصلہ افزائي ڪرڻ تہ هُو پنهنجي شروعاتي تعليم مڪمل ڪن ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪن. فائونڊيشن جي تازي پيش قدمين ذريعي اها اُميد ڪئي پئي وڃي تہ اهي پيش قدميون تعليم تائين پهچ جي فراهمي سان گڏ، انٽرپرينيوئرز جي شراڪتداري، استادن، ٻئي عملي جي ڀرتي ۽ اسڪولن جي تعمير جي صورت ۾ مقامي ۽ صوبائي سطح تي بہ معاشي سرگرمين کي هٿي وٺرائيندي.






## پيپلز اسڪولز پرگرام

سنڌ حڪومتفائونڊيشن کي هڪ ٻي بہ ذميواري سونپي آهي، جنهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. انهن ۾ هڪ ذميواري سنڌ ۾ سرڪاري اسڪولَ جي ٻيهر بحالي جي لاءِ قدم کڻڻ اهم آهي. سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل انگلش ميڊيم ۽ جامع هاءِ اسڪولز جي آپريشنل انتظام کي آئوٽ سورس ڪرائڻ لاءِ پڻ فائونڊيشن کي ذميواري سونپي وئي آهي. ان سلسلي ۾ فائونڊيشن پاران ضروري ڪاروائي مڪمل ڪري ورتي آهي ۽ نئين تعليمي سال ۾ لڳ ڀڳ 28 انگلش ميڊيم ۽ جامع هاءِ اسڪولز کي پيپلز اسڪولز جي نالي سان شروع ڪيا ويندا، جنهن ۾ اندازي موجب 16,000 کان 18,000 شاگردن جي ابتدائي داخلا ٿيندي. انهن اسڪولن کي سنڌ سرڪار پاران جديد ترين انفرااسٽرڪچر تحت تعمير ڪيو ويو آهي ۽ جديد سهولتن سان سنواريو ويو آهي تہ جيئن سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ٻارن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ موڊلٽي تحت مفت ۽ معياري تعليم جي لاءِ سازگار ماحول مهيا ڪري سگهجي.

## سرڪاري اسڪولن جي عمارتن جي بحالي

حڪومت پاران، فائونڊيشن کي غير فعال سرڪاري اسڪولن جي عمارتن کي ايس اِي ايف جي پي پي پي موڊلٽي تحت فعال ڪرڻ لاءِ پڻ ذميواري سونپي وئي آهي. وڌيڪ اهو تہ فائونڊيشن سال2022-23 ع



جي شروع ٿائين، قابل اعتماد نجي شراڪتدارن جي شراڪت سان فائونڊيشن جي في ٻار سبسڊي ماڊل تحت 500 جي لڳ ڀڳ قابل عمل سرڪاري اسڪولن جي عمارتن کي فعال بڻائيندي، جنهن سان نه فقط حڪومت جي وسيلن کي بهتر بڻايو ويندو پر صوبي ۾ اسڪول کان ٻاهر وارن ٻارن کي اسڪول ۾ آڻي اسڪول کان ٻاهر وارن ٻارن جي تناسب ۾ گهٽتائي آندي ويندي.

## سنڌ اسڪول ايجوڪيشن اسڪالرشپ پروگرام (SSESP)

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن هن وقت ڪاميابيءَ سان سنڌ اسڪول ايجوڪيشن اسڪالرشپ پروگرام جو انتظام سنڀالي هلائي رهي آهي، جنهن تحت ايس اِي اينڊ ايل ڊي ۽ ايس اِي ايف جي ذهين ۽ قابل شاگردن کي 08 ساٿي تعليمي ادارن جي سهڪار سان اسڪالرشپ ذريعي پوسٽ پرائمري تعليم ڏياري ويندي آهي.

هن پروگرام جو مقصد ئي صوبي جي ذهين ۽ قابل شاگردن کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ لاءِ همٿائڻ آهي ۽ کين پاڪستان جي بهترين تعليمي ادارن ۾ داخلا ڏيارڻ آهي ته جيئن اُهي پنهنجي پوسٽ پرائمري کان سيڪنڊري سطح تائين جي تعليم بهتر انداز سان حاصل ڪري سگهن. هن وقت SSESP مڪمل طور تي مالي سهائتا وارو (fully funded) اسڪالرشپ پروگرام آهي، جنهن کي اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ(SE&LD) حڪومتِ سنڌ هلائي رهي آهي ۽ فائونڊيشن هن پروگرام جو انتظام سنڀالي رهي آهي.

هن وقت هي پروگرام چوٿين سال ۾ داخل ٿي چڪو آهي ۽ فائونڊيشن هن پروگرام ذريعي 3,555 کان مٿي اسڪالرز جي سهائتا ڪري رهيو آهي جيڪي ميرٽ تي چونڊيا ويا آهن. هن سال 2021ع ۾ فائونڊيشن ڪووڊ-19 جي صورتحال سبب 448 جي لڳ ڀڳ اسڪالرز کي شامل ڪيو آهي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پنهنجي سنڌ اسڪول ايجوڪيشن اسڪالرشپ پروگرام (SSESP) ذريعي ايس اِي اينڊ ايل ڊي ۽ ايس اِي ايف جي 3,555 ذهين شاگردن (615 ڇوڪريون ۽ 2,940 ڇوڪرا) کي پنهنجي 06 ساٿي ادارن ذريعي سهائتا ڪري رهي آهي.

## ادوليسينٽ اينڊ ادلٽ لرننگ اينڊ ٽريننگ پروگرام (AALTP)

AALTP پروگرام 2017ع ۾ شروع ڪيو ويو هو. هي پروگرام فائونڊيشن جو هڪ غير رسمي تعليم (Non-Formal Education) وارو پروگرام آهي، جيڪو پوسٽ پرائمري جي تعليمي پاليسي کي مضبوط بڻائي ٿو، جنهن جو مقصد آهي انهن ٻارن يا بالغن کي تعليم ڏيڻ آهي، جيڪي مختلف سببن جي ڪري پنهنجي زندگي جي شروعاتي سالن ۾ تعليم حاصل ڪري نه سگهيا انهن کي هڪ ٻيو موقعو ڏئي سگهجي. هن پروگرام ۾ مهارتن ۾ ترقي ۽ مائڪرو فائنانس کي شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن سکندڙن جي حوصلاافزائي ڪري سگهجي ته جيئن سماج ۾ انهن جي پيداواري بحالي کي يقيني بڻائي سگهجي.

AALTP سينٽرن ۾جيڪي اسڪولن کان ٻاهروارا ٻار داخل ڪيا ويندا آهن انهن ۾ ادوليسينٽ جي عمر جي حد 9-17 سالن تائين جي آهي ۽ غير تعليم يافته بالغ جي عمر جي حد 18-36 سالن تائين هوندي آهي. 2018ع ۾ 4,000 ادلٽس/ بالغن کي تعليم ڏني وئي جنهن مان 1,000 بالغن کي مختلف واپاري/هُنري سکيا ڏني وئي. 2021ع ۾ 4,120 سکيا حاصل ڪندڙن کان امتحان (Assessment) ورتو ويو، جنهن مان 3,794 کي سنڌ حڪومت کان پنجين درجي جي مساوي حيثيت رکندڙ سرٽيفڪيٽ مهيا ڪيو ويندو.

## يوٿ ايجوڪيشن ايمپلائمينٽ ايند امپاورمينٽ پروگرام (YEEEP)

يوٿ ايجوڪيشن ايمپلائمينٽ اينڊ امپاورمينٽ پروگرام(YEEEP)، سنڌ حڪومت ۽ يو اين ڊي پي پاڪستان، پرائيويٽ سيڪٽر، تعليمي ماهرن ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن سان گڏجي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گهاريندڙ ڳوٺاڻن ۾ سماجي مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو.

هن شراڪتداري ذريعي پروگرام 3 سالن 2020-23 تائين تقريباً 15,000 بي روزگار نوجوانن، جن جي عمر جي حد 15-35 سال هجي جن ۾ 50 سيڪڙو عورتون پڻ شامل هونديون، انهن کي گهٽي طلب رکندڙ واپار مثلاً: ڪپڙي جي صنعت، خود حرڪي (آٽو موٽو)، تعمير سازي، زراعت/ مال ڌارڻ، خدمتون مهيا ڪندڙ واپار جيئن ڪسٽمر ڪيئر (گراهڪن جي سار سنڀار) صحت جي سار سنڀار، تعليم ۽ ICT وغيره ۽ انهن کان سواءِ مارڪيٽ ۾ گهٽو هلندڙ ٻين واپارن ذريعي سنڌ جي نوجوانن جي زندگين کي مستحڪم بڻائي سگهي ٿو.

روزگار کي ابتدائي مرحلي طور تي استعمال ڪندي هي منصوبو نوجوانن کي مثبت سرگرمين ۾ مصروف رهڻ لاءِ رهنمائي فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ سنڌن علائقن ۾ معاشي تبديلي ذريعي جنهن سان امن قائم ڪري سگهجي، ان لاءِ سنڌن مثبت ڪردار ادا ڪرڻ تي انهن جي رهنمائي ۽ مدد فراهم ڪندو. مجموعي منصوبي جو اهم حصو ڇهن پائيدار ترقياتي مقصدن (SDGs) ۾ مدد ڪري رهيو آهي جيڪي پڻ سنڌ سرڪار جي اولين ترجيح آهن 17ءِ SDG 1, 4,5,8,9.

## اَڊاپٽ اي اسڪول پروگرام (AASP)

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، اَڊاپٽ اي اسڪول پروگرام تحت مؤثر طريقي سان نجي شعبي ۽ ڪميونٽيز کي سرڪاري اسڪولن جي بحاليءَ ۾ شامل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي.

هن پروگرام وسيلي نجي شعبي ۽ سول سوسائٽي کي سولائي ٿئي ٿي ته سرڪاري اسڪولن کي هنج وٺي ۽ انهن تي ڪم ڪندي انهن ۾ پڙهندڙ ٻارڙن جي تعليم کي بهتر ڪن. هيءُ پروگرام1998ع ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران شروع ڪيو ويو هو. AASP ۾ صوبي جي 23 ضلعن ۾ 79 شراڪتدارن جي مدد سان 472 سرڪاري اسڪولن کي هنج ورتو ويو آهي، جنهن ۾ هن وقت 107,744 کان وڌيڪ ٻار اُنهن اسڪولن ۾ معياري تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، جيڪا ڳالهه سرڪاري اسڪولن جي تعليم جي بهتري ۾ سول سوسائٽي ۽ نجي شعبي جي وڌندڙ دلچسپي جي عڪاسي ڪري ٿي.

## ٽيچ فار چينج (Teach for change)

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ”ٽيچ فار چينج“ پروگرام ۾ فريش گريجوئيٽس کي شامل ڪيو، جن جي اهم ذميواري فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولن ۾ اهم مضمون سيکارڻ، استادن جي رهنمائي ڪرڻ ۽ اسڪول مينيجمينٽ جي مدد ڪرڻ، تعليم جي نتيجن کي بهتر ڪرڻ لاءِ شروع ڪيو. فائونڊيشن شروعاتي طور تي ٽيچ فار چينج جي پهرين بيچ ۾ 70 ٽيچنگ سپورٽ ايسوسي ايٽس (TSAs) کي شامل ڪيو جن FAS ۾ پنهنجي پيشيوراڻي مصروفيت جو مدو پورو ڪيو ۽ پنهنجي ڪيريئر ۾ اڳتي وڌيا. هاڻي فائونڊيشن جو مقصد پروفيشنل طور تي 300 ٽيچنگ سپورٽ ايسوسي ايٽس (TSAs) کي ٻي بيچ ۾ فائونڊيشن اسسٽنٽ اسڪولز (FAS) ۾ ڀرتي ڪرڻ آهي.

ائين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تعليم جي ترقي جي لاءِ مختلف فورمز تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي ڇو ته فائونڊيشن سنڌ حڪومت جي ان تصور کي ته ”مفت ۽ معياري تعليم سڀني لاءِ“ کي پنهنجي اولين مقصد ڪري ڪنيو آهي ۽ ان لاءِ فائونڊيشن سيئي هدف پورا ڪندي.



## ڪتاب جو جائزو
# ”ايميلي عرف تعليم“

نور جو ٽيجو

هي ڪتاب ”ايميلي عرف تعليم“ فرانس جي ڏاهي، فلسفي ۽ ليکڪ (Jean Jecques Rousseau) جين جيڪس رُوسو جو لکيل آهي. جنهن جو سنڌي ٻولي ۾ ترجمو سائين محمد ابراهيم جويو صاحب ڪيو آهي. هي ڪتاب گهڻن رُخن ۾ تعريف ۽ تمهيد لائق آهي. اَوَّل تہ هي ڪتاب موضوع جي لحاظ کان ۽ ان جي وسعت ۽ منطقيت جي آڌار تعليم جي شعبي ۾ هڪ ڪارآمد ۽ فڪر انگيز ڪتاب آهي ۽ ٻي خاص ڳالهہ تہ ان جو ليکڪ رُوسو فلسفي جي تاريخ ۾ اهم ۽ سِرِفهرست رهندڙ شخصيت آهي. ٽِين ڳالهہ جيڪا انتهائي سياويڪ آهي اُها اِها تہ هن ڪتاب جو ترجمو سنڌ جي انتهائي مدبر ۽ ڏاهي سائين محمد ابراهيم جويو صاحب ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ رُوسو جنهن ڪردار کي گهڙي ۽ ان سان هم ڪلام ٿئي ٿو ۽ پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو اظهار ڪري ٿو تَنهنجو نالو ايميلي رکيو... يعني ايميلي جي تعليم. هن ڪتاب جو مرڪزي خيال ۽ موضوع تعليم ۽ تدريس جي اصولن ۽ طريقن تي ٻڌل آهي. سترهين صدي ۽ توڙي اڄ تائين تعليم جي فراهمي جو طريقيڪار مُرَوِج ۽ پراڻين روايتن تي آڌاريل هو، جنهن ۾ ڪا جدت ۽ همہ گِيريت نہ هوندي هئي. ڪتابن جي ڇنڊڇاڻ ۽ اُنهن تي تبصرو ٻِنهہ نہ ڪيو ويندو هو ۽ ڪنهن حد تائين اهيو تاثر پڻ مرڪز تي رهيو تہ شايد ڪتاب پڙهڻ ڪو صحتمند عمل ناهي. نتيجتاً عملي طور تي تعليم ۽ تدريس ۾ فقدان رهيو.

هي ڪتاب ”ايميلي جي تعليم“ پنهنجي جوهر ۽ موضوعيت ۾ ترقي پسنديت ۽ ارتقائي نظرئي جو پرچارڪ آهي. اڄ اسان اهي ئي بحث غوروفڪر هيٺ ايندي ڏسندا اچون ٿا جنهن ۾ تعليم سان جڙيل هر فرد ان جو حصو آهي، تہ تعليم جو فروغ ٻارن جي مزاج آڌار ڪيئن ڪجي؟ روايتي ۽ غير روايتي تدريس جي طريقن ۾ ڪيئن واضح فرق ڪجي؟ تعليم جي سموري وهنوار جي مرڪزيت استاد کان ڦيرائي شاگرد تي ڪيئن آڻجي؟ ۽ اهڙن ٻين ڪيترن تعليمي مقصدن جي پورائي لاءِ يقيناً ترقي پسنديت ۽ ارتقائي شعور جو حائل هئڻ ٻنَهہ لازم آهي، جيڪو هن ڪتاب جو مرڪز پڻ آهي.

تعليم جي وهڪري ۾ ٻار يعني شاگرد (سڪندڙ) ڪير آهي؟ هن جي ذهني ۽ احساساتِ مشينري ڪيئن ٿي پروڙ ڪري؟ هن جي حيثيت ثانوي آهي يا جزوي؟ هن جي هستي کي ڪيتري اهميت حاصل آهي؟ تعليم جي فروغ ۾ مشاهدي کي ڪيتري اهميت حاصل آهي؟ بقول رُوسو جي تہ:

”اسان جا حقيقي استاد اسان جو تجربو ۽ اسان جا حواس آهن“. (ايميلي جي تعليم)

حواسن، مشاهدن ۽ تجربن جي وچ تي ڇنڊڇاڻ ۽ جائزي منجهان ئي حقيقي تعليم جا امڪان پيدا ٿيندا آهن، جيڪي ٻار (سڪندڙ) کي سماجي ۽ عملي جدوجهد سان جوڙيندا آهن ۽ انهن منجهہ تنقيدي شعور، سوال پروڙجڻ جي عملي سلسلي جو آغاز تعليم جي درستگي جي ثابتي هوندو آهي.

هن ڪتاب ۾ رُوسو جنهن طريقي سان ”ايميلي“ کي تعليم ڏئي ٿو سو هڪ دلچسپ ۽ مثالي طريقيڪار آهي، جيڪو اسان جي سماج ۾ تعليمي فُقدان ۽ گهڻ رُخي تعليم جو هڪ تحريري مثال آهي، جيڪو هر تعليمدان ۽ خاص طور تي استادن کي ضرور پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجي.

تعليم جو بنيادي مقصد آهي ئي تبديلي پيدا ڪرڻ ۽ نُوانُ سان ذهني اوسر ڪرڻ، جو هن سماج ۾ لفظن جو بہ قتلام ٿيڻ لڳو آهي. لفظ پنهنجي ثانوي ۽ لغوي معنيٰ وڃائي رهيا آهن ۽ منفيت سان اُپارجي رهيا آهن. تبديلي کان بہ هي سماج اوتروئي هيسيل ۽ ڇرڪيل آهي، ڇو جو تبديلي جي فلسفي، اعليٰ اصولن آڌار، تبديلي جو امڪان سائنس ۽ فلسفي جي علمي تسلسل، مروج روايتن ۽ قياس آرائين تي ٻڌل تحريرن ۽ فڪر ڏانهن سادي سمجهہ آڌار تنقيدي اک پيدا ڪرڻ جو بنيادي جز آهي.

جديد تعليم جو ”ڪارج يا مقصد“ اهم محور هوندو آهي، جيڪو تدريس ۽ عملي ڄاڻ جي منتقلي ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. تعليمي مقصدن ڪانسواءِ اسان گهربل نفسياتي ۽ فڪري رجحان يعني هڪ مڪمل شاگرد پيدا نہ ڪري سگهنداسين جيڪو سموري تعليمي ارتقا جو مرڪز آهي.

جديد تعليم جو مقصد آهي ئي اهڙو فرد پيدا ڪرڻ جيڪو ڄاڻ، بصيرت ۽ مشاهدي سان گڏوگڏ سماج لاءِ هڪ ڪارگر فرد ثابت ٿئي. اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي جڏهن تدريس ۽ تعليم روايتي گهاڙيٽي منجهان نڪري غيرروايتي ۽ جديديت پسند تعليمي ترڪيبن تي آڌاريل هوندي. هن ڪتاب ۾ روايتي تدريسي طريقي ۽ استاد جي ثانوي ڪردار کي ننڌي جديد ۽ مرڪزي پسمنظرن ۽ رجحانن جي نمائندگي ڪئي وئي آهي.

”لاعلمي يا اَڻ ڄاڻائي ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪو نقصان نہ رسايو آهي، غلط ڄاڻ يا غلط علم ئي انسان جو شروع کان وٺي هڪ خونخوار دشمن آهي.“ (ايميلي جي تعليم- رُوسو- ا.ج - ص 60)

مٿي ڏنل حوالي جو ئي ڇيد ڪجي ۽ ”استادن جي ڪردار“ تي غوروفڪر ڪجي تہ ان جي تشخيص جي ڇنڊڇاڻ ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ جديد تعليمي طريقيڪار منجهہ استاد جو ڪردار ثانوي نہ بلڪہ مرڪزي حيثيت جو آهي.

الف. شاگردن (سکيا وٺندڙن) جي سامهون مثبت ۽ دوستاڻو رويو اختيار ڪجي تہ جيئن ڪنهن سوال، ڄاڻ جي فراهمي دوران گهٽ علمي يا لاعلمي جو اعتراف ڪرڻ ۾ عار محسوس ڪرڻ بجاءِ تحقيق ۽ درست جواب جي پروڙ ڪرڻ جهڙن تعميراتي روين کي جنمي سگهجي ٿو.

ب. لا علم: ”علم کان بغير- علم جي ڄاڻ نہ هئڻ“ ڪنهن سوال جو جواب نہ هئڻ، ڪنهن موضوع ۾ فڪر ۽ ڄاڻ جي کوٽ هئڻ کان وڌيڪ هاڃيڪار غلط ڄاڻ جي فراهمي ۽ ان جي پوئواري آهي.

ج. استادن کي تعليم ۽ تدريس جي مقصدن جي پروڙ ڪرڻ لاءِ منفي نفسياتي روين جهڙوڪ: انائيت (egoism)، شرمندگي (guilt) ۽ بخيلائپ (rage) جهڙن لاڙن، جيڪي تعليم ۽ ڄاڻ جي کوٽ جي نتيجي ۾ اُڀاربا آهن تن تي ضابطو پيدا ڪيو وڃي.

جديد تعليم جو مقصد آهي ئي اهڙو فرد پيدا ڪرڻ جيڪو ڄاڻ، بصيرت ۽ مشاهدي سان گڏوگڏ سماج لاءِ هڪ ڪارگر فرد ثابت ٿئي.

”ايميلي جي تعليم“ منجهہ ايميلي سان رُوسو جو رويو فڪرانگيز بحث مباحثن، تنقيدي ۽ تعميراتي سوال جواب جي سلسلن تي آڌاريل هڪ مثالي رويو آهي جنهن جي پذيرائي ۽ انتخاب يقيناً شاگردن ۽ ڪلاس روم جي ماحول کي غيرروايتي ۽ مثالي بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪندو.

ايميلي جي تعليم ۽ ڪردارسازي ڪندي رُوسو نہ رڳو روايتي تعليم ۽ تدريس تي زور ڀري ٿو بلڪہ مجموعي طور تي شاگرد جي نفسيات جي اُپٽار پڻ ڪري ٿو.

”توهان جو ٻار جيڪي واتان گهرندو وڃي، سو ڪيس هڪدم حاضر ٿي ملندو وڃي، ايئن نہ ٿيڻ گهرجي! ڪيس فقط اهو ڪي ڪجهہ ملڻ گهرجي، جنهن جي ڪيس گهرج هجي“. (ايميلي جي تعليم- رُوسو- ا.ج- ص 51)

يقيناً تعليمي نظام جي مقصدن جو اولين ڪارج ئي اهڙي فرد جي تشڪيل ڪرڻ آهي جيڪو اطلاق/ ڄاڻ سان گڏوگڏ سماجي قانونن ۽ قدرن آڌار حياتي گهارڻ جي قابل ٿي پوي. تعليم جو مقصد هڪ اهڙي مثالي انسان کي پيدا ڪرڻ آهي جيڪو فطرت ۽ سماج جي اصولن جي پوئواري ڪندي سماجي علمن ۽ شعبن ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري. پنهنجي سوچ، فڪر ۽ حواسن جو مدبرانہ استعمال ڪري درست فيصلاسازي ڪري سگهي. سماجي وهنوار ۽ فطرتي چرپر کي پروڙڻ ۽ سمجهڻ جا ابتدائي ذريعا حواس (senses) هوندا آهن، انهن جي ذريعي شاگرد علم، فهم ۽ ادراڪ سان ڳنڍيا آهن. تنهنڪري ‘ايميلي’ جيان استادن کي بہ فهم ۽ عقل جي اُڀار لاءِ حواسن کي رهبر بڻائڻ گهرجي.

ڪتاب پڙهڻ لاءِ لنڪ: https://bit.ly/3xxjJfM

## ليکڪ جو تعارف:

نور جوٽيجي نفسيات ۾ ايم اي ڪئي آهي. 2010ع کان پاڻ ايس اِي ايف ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. بنيادي طور تي جوٽيجو صاحب هڪ بهترين ماسٽر ٽرينر آهن. تنهن ڪانسواءِ مختلف اخبارن ۾ لڳ ڀڳ 35 مضمون ۽ مقالا لکيا آهن ۽ سندن 6 ڪتاب پڻ ڇپجي چڪا آهن.






# ڪلاس روم ۾ نظر انداز ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

ذڪيہ مختيار

خلقڻهار هن ڪائنات ۾ جيڪا بہ مخلوق خلقي آهي تنهن منجهان انسان کي اشرف المخلوقات جو لقب ڏنو اٿس. ٻين ڪوڙ سارين نعمتن سان گڏوگڏ هڪ وڏي نعمت جيڪا انسان کي قدرت طرفان مليل آهي اُها ٻولي آهي. دنيا ۾ موجود هر قوم کي پنهنجي ٻولي آهي جنهن جي وسيلي هو پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪن ٿا. اُها ٻولي ئي آهي جيڪا هر قوم کي پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ ڏئي ٿي. ٻولي جي حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو پنهنجي پي ايچ ڊي ٿيسس "سنڌي ٻولي لسانيات کان سماجي لسانيات" ۾ صفحي نمبر 27 تي لکي ٿو تہ: "ٻوليءَ جو استعمال يعني ڳالهائڻ شايد اهو سماجي تحفو آهي، جيڪو انسان کي ٻين جانورن کان الڳ ۽ معتبر ڪري ٿو. ماڻهپي ۽ انسانيت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻوليءَ جي قدرت ۽ ڪيفيت کي سمجهون، جيڪا اسان کي ماڻهو بڻائي ٿي".

ٻوليءَ ڪانسواءِ ڪنهن بہ قوم ۽ قبيلي جي رسمن رواجن، خيالن کي نہ ٿو سمجهي سگهجي. ڪجهہ ماڻهو صرف پنهنجي ٻولي ئي ڳالهائيندا آهن جنهن جي ذريعي هو پنهنجي قوم قبيلي، ڳوٺ جي ماڻهن سان پنهنجا ويچار ونڊيندا آهن پر ڪجهہ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڄاڻندا آهن، اُهي نہ فقط پنهنجي علائقي جي ماڻهن سان پر ٻين قومن قبيلن جي ماڻهن سان بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهندا آهن. ايئن ڪرڻ سان سندن ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو رهندو آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي پنهنجي ڪتاب "علم اللسان ۽ سنڌي ٻولي" ۾ صفحي نمبر 8 تي لکي ٿو تہ: "زبان خودبخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪٻئي سان واهپو رکن ٿا ۽ هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿا".

**هر ٻوليءَ کي پنهنجي تنظيم ٿئي ٿي. ٻوليءَ جي ان تنظيم، عملي سٽاءَ لفظن جي مقرر جاءِ يا زبان جي عملي نظام جي اڀياس ۽ علم کي گرامر چئبو آهي.**

ٻولي اسان جي زندگي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ٻولي ئي اُهو وسيلو آهي جنهن جي ڪري اسان پنهنجا ڏک سک ٻين سان ونڊي سگهون ٿا، اسان پنهنجي جذبن مثلاً: خوشي، پيار، محبت، نفرت، ڪاوڙ، بيچيني ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين بہ جذبن جو اظهار ٻولي وسيلي ئي ڪري سگهون ٿا. اُها ٻولي ئي آهي جن جي ذريعي اسان پنهنجي ثقافت ۽ تهذيب کي محفوظ ڪري سگهون ٿا ۽ ان جي واڌ ويجهہ لاءِ ڪم ڪري سگهون ٿا. اسان پنهنجي تاريخ بہ ٻولي ۾ لکندا آهيون. انهن سڀني ڳالهين مان اهو نتيجو نڪتو تہ ٻولي زندگيءَ جي هر رخ تي اثر انداز ٿئي ٿي.

هر هڪ شيءِ جو ڪو نہ ڪو ڍانچو هوندو آهي ۽ ٻولي جي ڍانچي کي اسان "گرامر" چئون ٿا. ٻوليءَ جا ماهر گرامرکي ٻولي جي جوڙجڪ جو علم بہ چون ٿا. گرامر کي سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ وِياڪرڻ، عربي ۽ فارسي ۾ صرف و نحو ۽ انگريزي ۾ Grammar چون ٿا. گرامر يوناني ٻولي جي لفظ Grammatik مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي The Art of Writing يعني لکڻ جو فن.

**جيڪي مستند ڪتاب آهن اُهي استادن کي پڙهڻ گهرجن چو تہ جيستائين استاد گرامر ۾ ماهر نہ هوندا تيستائين شاگردن کي سولائي سان سمجهائي بہ نہ سگهندا.**

انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا جي وصف موجب: هر ٻوليءَ کي پنهنجي تنظيم ٿئي ٿي .ٻوليءَ جي ان تنظيم ،عملي سٽاءَ ،لفظن جي مقرر جاءِ يا زبان جي عملي نظام جي اڀياس ۽ علم کي گرامر چئبو آهي. ٻولي جيئن تہ اڳ موجود هوندي آهي ۽ ڪن اصولن ۽ قاعدن موجب ڳالهائبي آهي ،پر گرامر انهن اصولن ۽ قاعدن کي چئبو آهي ،جيڪي فطري طور ان کي هڪ خاص روپ ڏيندا آهن ،جن تي اها ٻڌل هوندي آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي پنهنجي ڪتاب علم اللسان ۽ سنڌي ٻولي ۾ صفحي نمبر 16 تي لکي ٿو تہ: "هر ٻوليءَ کي پنهنجي تنظيم آهي، جنهن کي مرضيءَ موجب ڦيرائي نٿو سگهجي، جيڪڏهن ڦيرائبو تہ ڳالهائي نہ سگهبو. سنڌس لغت ۾ ڦيرو اچي سگهي ٿو، سنڌس آواز گهٽ وڌ ٿي سگهن ٿا، منجهس معنائون ڦري سگهن ٿيون، پر سنڌس عملي سِٽا بدلائي نٿي سگهجي. سنڌس اسمن، ضميرن، صفتن، ظرفن، فعلن وغيره جي نوعيت ۽ مخصوص هنڌن کي بدلائي نٿو سگهجي".

هاڻي ٻوليءَ جي عملي سِٽا يا ان جي اسمن، ضميرن، صفتن وغيره کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ گرامر کي چڱي نموني پڙهجي تہ جيئن ٻوليءَ جي ڍانچي جي باري ۾ ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي. عام طور تي اسان جا شاگرد ۽ استاد گرامر کي اهميت ڏين ئي ڪو نہ ٿا ۽ ان کي خشڪ سبجيڪٽ سمجهيو ويندو آهي، جڏهن تہ ايئن ڪونهي. گرامر جي ذريعي ئي اسان ٻولي جي جوڙجڪ ۽ ان جي قاعدن قانونن کي سمجهي سگهون ٿا. ٻولي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جون جيڪي چار بنيادي مهارتون آهن جن کي ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ چئون ٿا انهن جي سکيا جي دوران جيڪي بہ مسئلا اچن ٿا تن کي پڻ حل ڪري سگهجي ٿو. اسان جا استاد رڳو درسي ڪتابن ۾ ڏنل گرامر تي ڀاڙي ويهي رهن ٿا. سنڌي جا درسي ڪتاب ڪوڙ ادارا ڇاپين ٿا پر جڏهن اسان گرامر واري پاسي کي ڏسون ٿا تہ اُهو اسان کي مطمئن ڪندڙ ڪو نہ ٿو لڳي. هڪ تہ ڳالهائڻ جي انن لفظن کي ترتيب ۾ ناهي ڏنو ويو ۽ ٻيو تہ انهن جون وصفون واضح ڏنل ڪونهن. پهرئين درجي کان وٺي اٺين درجي تائين ڳالهائڻ جا اٺَ لفظ مڪمل ڪو نہ ٿا ڏين ۽ نہ ئي ترتيب سان آهن. مثالطور: اسم ٻئين درجي کان شروع ٿيندو تہ ستين اٺين درجي تائين هلندو ۽ وچواڙي پيو هلندو مطلب اسم، صفت، حرف جر ۽ حرف نِدا هڪ درجي ۾ هلندا، وري اسم جا رهيل قسم، حرف جَر ۽ ظرف وري ان ڪانپوءِ واري درجي ۾ ڏنل هوندا. تنهن کان پوءِ واري درجي ۾ وري ٻيهر سان اسم جا اجا رهيل قسم، صفت جا قسم ۽ فعل پڙهائيندا. ان بي ترتيبي جي ڪري ٻار ڌيان نہ ٿا ڏئي سگهن، جنهن جو نتيجو اِهو ٿو نڪري جو ٻار گرامر چاهہ سان پڙهن ئي ڪو نہ ٿا. انهيءَ ڪري اسان جي استادن کي گهرجي تہ رڳو درسي ڪتابن کي سکيا جو واحد ذريعو سمجهي نہ ويهن، جيڪڏهن ايئن ڪيوسين تہ اسان پنهنجي ايندڙ نسل تائين ٻولي صحيح معنيٰ ۾ منتقل نہ ٿا ڪري سگهون ۽ نہ ئي ان طريقيڪار تحت انهن ۾ گرامر پڙهڻ جي عادت وجهي سگهون ٿا. منهنجي خيال ۾ سنڌي گرامر تي جيڪي مستند ڪتاب آهن اُهي استادن کي پڙهڻ گهرجن چو تہ جيستائين استاد گرامر ۾ ماهر نہ هوندا تيستائين شاگردن کي سولائي سان سمجهائي بہ نہ سگهندا ۽ نہ ئي انهن جي سوالن جا مطمئن ڪندڙ جواب ڏئي سگهندا. جڏهن هڪ دفعو رڳو ٻار گرامر کي سمجهي تہ ان کي مزو ايندو چو تہ ٻولي هر مضمون سان لاڳاپيل آهي. ٻار کي هر مضمون تي مهارت رکڻ لاءِ ٻولي ۾ مهارت هجڻ ضروري آهي. سنڌي ٻولي جو گرامر پڙهائڻ لاءِ اسان وٽ جيڪي مستند ڪتاب آهن انهن ۾ پيرو مل مهرچند آڏواڻي جو "وڏو سنڌي وياڪرڻ"، مرزا قليچ بيگ جو "سنڌي وياڪرڻ"، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو"سنڌي معلم" ۽ واحد بخش شيخ جو "سنڌي ٻولي جو صرف ۽ نحو" شامل آهن. ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جو "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر" جنهن کي ڊاڪٽر سراج احمد سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، اُهو بہ بهترين آهي. جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ کي زندهہ رکڻو آهي تہ پهريان ان جي قاعدن قانونن کي سمجهڻو پوندو. اِهي ڪتاب انٽرنيٽ تان هيٺ ڏنل لنڪ اتان ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.

https://archive.org/details/san_0533
https://archive.org/details/san_0516

## ليکڪا جو تعارف:

ذڪيہ مختيار 2004ع کان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. بنيادي طور پاڻ ٽريننگ ۽ اسيسمينٽ تي ماهراڻيون صلاحيتون رکي ٿي. ذڪيہ پيشيوراڻہ طور تي ليکڪا آهي، مختلف اخبارن ۽ ميگزين ۾ سندن آرٽيڪل وقتاً فوقتاً ڇپجندا رهندا آهن. پاڻ ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي ٻولي ۾ ادب ۾ ايم- فل ڪئي اٿائين.



# ...معياري تعليم قومن جي ترقيءَ جا بنياد وجهندي آهي...

سجاد گهلو

”اسان ان قوم جي تقدير تيستائين نه ٿا بدلايون، جيستائين اها قوم پنهنجي تقدير پاڻ نه ٿي بدلائي - القرآن...“ اڄ کان چوڏهن سئو سال اڳ قرآن شريف جي ان آيت سموري دنيا تي واضح ڪري ڇڏيو ۽ عقل ۽ فهم تي مشتمل ڏاهپ جو اهو نقطو سمجهائي ڇڏيو ته قومن جي تقدير جي تبديليءَ جو سنئون سڌو واسطو قومن جي محنت، لڳاتار جدوجهد ۽ ڏگهي حڪمتِ عمليءَ سان سلهاڙيل آهي ۽ اهو ئي واحد طريقو آهي جنهن تي هلندي قومون ڪاميابين جي رستي سان همڪنار ٿي سگهن ٿيون.

جديد دور جي سمورين تقاضائن دنيا تي اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته تعليم ئي اهو واحد ذريعو يا دروازو آهي جنهن جي ذريعي قومون نه صرف پنهنجي حالتن کي تبديل ڪري سگهن ٿيون پر پنهنجي علم جي طاقت جي بنياد تي سموري دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي مڃرائڻ سان گڏ تمام گهڻو ناماچار پڻ ڪمائي سگهن ٿيون. انهيءَ سموري پسمنظر ۾ هاڻ اها ڳالهه سمجهڻ انتهائي ضروري آهي ته سموري قوم کي معياري تعليم سان فيضياب ڪرائڻ جو اهو ايڏو وڏو ڪم ٿيندو ڪيئن؟

هن ڌرتيءَ تي پيغمبرن جي اچڻ جا در به بند ٿي ويا، پير، ولي ۽ اولياءَ به پنهنجو وارو وڄائي ويا، معجزا ۽ ڪرامتون به ڪوڙ ٿي ويون پر انهن قومن جي تقدير اڃا تائين ڪو نه بدلي جن پنهنجي مڙسي ڪري پنهنجي قوم جي تقدير کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪو نه ڪيو. سماجي سائنس جو فلسفو اسان کي سمجهائي ٿو ته قومن جي تقدير جي تبديليءَ ۾ ننڍي سطح کان وٺي وڏي سطح تائين جا سمورا ڪردار جيستائين متحرڪ نه ٿيندا ۽ پنهنجي حصي پتيءَ جو ڪردار ادا نه ڪندا تيستائين هر سطح تي ڪنهن به وڏي تبديليءَ جو خواب صرف خواب ئي رهندو.

ايڏي وڏي سماجي اٿل پٿل ۽ تبديليءَ جي پٺيان ڪيترائي محرڪ هوندا آهن ۽ اهي سمورا محرڪ رات پيٽ وچ ۾ نه ته رونما ٿيندا آهن ۽ نه ئي وري ڪنهن اوچتي واقعي سبب ڪا وڏي سماجي تبديلي جي اچڻ لاءِ رستا ۽ راهون هموار ڪندا آهن.

هڪڙي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي ته سماج جون اهي قوتون جن وٽ سمورا وسيلا موجود هوندا آهن جيستائين اهي قوتون اڳيان اچي پنهنجو ڪردار ادا ڪو نه ٿيون ڪن تيستائين ڪو ٻوٽو ٻري ناممڪن. ان مدَ ۾ هر قوم اندر موجود حڪومتن جي نيت ۽ حڪمتِ عمليءَ جو وڏو عمل دخل آهي. جيستائين پاڻ سنڌ جي ڳالهه ڪنداسين ته ان حوالي سان سنڌ حڪومت کي تمام وڏو چيلينج

موجود آهي ۽ معياري تعليم جي اٽاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي حڪمتِ عملي جي ضرورت آهي. ٻين ڪوڙ سارن ڪمن سان گڏ سنڌ حڪومت جڏهن سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو بنياد 1992 ۾ وڌو ته هڪ ڪمري تي مشتمل هڪ ننڍڙي آفيس ۽ ڪجهه اسڪولن کان شروعات ٿي. اڄ لڳ ڀڳ ٽيهن سالن کان پوءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مجموعي طور 3500 اسڪولن ۾ اٺ لک کان مٿي ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. اسڪولن اندر تعليم جي معيار کي بلند ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ فائونڊيشن تمام گهڻن پروگرامن تي ڪم ڪري رهي آهي، جن تي الڳ سان ۽ وڏين وضاحتن سان لکڻ جي ضرورت آهي پر هتي مان صرف اسڪول جي ان مُک ڪردار تي ڳالهائيندم جنهن کي اسان ”استاد“ چئون ٿا.

سماج اندر هڪ استاد جي اهميت ۽ اسڪول اندر هڪ زبردست استاد جي ڪردار جي حوالي سان اسان سڀ نه صرف گهڻو ڪجهه ڄاڻون ٿا پر هڪ استاد جي گهڻ طرفن شخصي پهلوئن تي پڻ ڳالهائي سگهون ٿا. اسان زبردست عمارتون ناهي ڪيترا به اسڪول کولي ٻارن کي داخلا ڏئي انگ اکر پورا ڪري ڇڏيون پر جيستائين انهن اسڪولن ۾ قابل، گهڻ طرفي شخصيت جا مالڪ ۽ تربيت يافته استاد موجود نه هوندا تيستائين معياري تعليم وارو خواب هڪ خوبصورت خواب ئي رهجي ويندو. استادن جي تربيت جي ان اهم پهلو کان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن بخوبي واقف آهي ۽ فائونڊيشن جو ٽريننگ يونٽ پنهنجي قابل ۽ هونهار ٽيم سان ان ڳالهه کي ممڪن بڻائي رهيو آهي ته سنڌ اندر ۽ خاص ڪري فائونڊيشن جي اسڪولن ۾ معياري، قابل ۽ تربيت يافته استاد جي کوٽ کي ڪيئن مڪمل ڪجي. فائونڊيشن جو ٽريننگ يونٽ اسڪول جي پارٽنر کان وٺي اسڪول جي هيڊ ماستر تائين ۽ هر مضمون جي استاد کان وٺي ڪميونٽي تائين تمام گهڻيون تربيتون ڪرائي چڪو آهي ۽ اهو سلسلو اڃا تائين مڪمل زور و شور سان هلي رهيو آهي.

ڪووڊ جي چيلينج هجڻ جي باوجود به هن سال ئي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ٽريننگ يونٽ 1800 سئو کان مٿي استادن جي تربيت کي وڏي ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪري ورتو. اهو تربيتي پروگرام ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE)“ سان سلهاڙيل هو. اهو تربيتي پروگرام سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن جا مقصدهيٺ بيان ڪجن ٿا:

- استاد حڪومتِ سنڌ طرفان ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE)“ جي حوالي سان 2017 ۾ جوڙيل نصاب کي مڪمل طور سمجهن.
- ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE)“ جي فلسفي کي سمجهي سگهن.
- ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE)“ جي نصاب ۾ موجود مختلف مضمونن ۽ انهن جي ٿيميٽڪ ايرياز کي سمجهڻ.
- ٻارن جي سوچ، عمر، سکڻ جي انداز ۽ ضرورتن کي مدِنظر رکي مختلف مضمونن جي ٿيميٽڪ ايرياز کي ڪيئن ۽ ڪهڙي طريقي سان پڙهائجي انهن ٽيڪنڪز کي سکڻ.
- ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE)“ جي ٻن سالن (3 کان 4 سالن جي ٻارن ۽ 4 کان 5 سالن جي ٻارن لاءِ موجود) نصاب کي سمجهڻ
- ٻارن جي مڪمل نشوونما جي تصور کي سمجهڻ ته اسڪول ۽ ڪلاس جي زبردست ماحول اندر هڪ ٻار جي ذهني، جسماني، زباني، سماجي ۽ جذباتي نشوونما ڪيئن ڪري سگهجي ٿي.
- ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE)“ جي نصاب ۾ ڏنل مضمونن تي جوڙيل سبقي منصوبه بنديءَ کي سمجهڻ ۽ ان کي عملي طور ڪري سگهڻ.
- ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE))“ جي ڪلاس روم جي ماحول کي ڪيئن ۽ ڪهڙي طريقي سان جوڙجي جو اهو ٻارن جي مڪمل نشوونما ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي...
- اسڪول جي پارٽنر ۽ هيڊ ماستر کي پڻ آگاهي ڏيڻ ته جيئن استادن سان گڏ هو پاڻ به ”ننڍڙي عمر جي ٻارن جي شروعاتي سنڀال ۽ تعليم — Early Childhood Care & Education (ECCE)“ واري مضمون ۽ ان جي فلسفي کان واقت ٿين ته جيئن اسڪول اندر ننڍڙن ٻارن جي تعليم لاءِ هڪ مخصوص ۽ زبردست قسم جو نه صرف ماحول جوڙي سگهجي پر ان حوالي سان جن جن شين، سامان، رانديڪن ۽ اسٽيشنري جي ضرورت آهي تنهن جو پڻ پورائو ڪري سگهجي.

اميد ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جون اهڙيون سموريون ڪوششون نه صرف سنڌ اندر معياري تعليم جي کوٽ کي پوري ڪرڻ ۾ معاون ثابت ٿينديون پر مجموعي طور تي سنڌي قوم، سنڌ ۽ پاڪستان جي ترقيءَ ۾ هڪ بنيادي ڪردار ادا ڪرڻ وارو پنهنجو حصي پتيءَ وارو بنيادي ڪم پڻ احسن طريقي سان سرانجام ڏيندي.

## ليکڪ جو تعارف:

سجاد گهلو، ايس اِي ايف جي ٽريننگ يونٽ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. پاڻ ٽريننگ تي مهارت رکن ٿا. گهلو صاحب جا مختلف اخبارن ۾ ڪالم ڇپجندا رهندا آهن.

# تعليم تي اثرانداز ٿيل ڪورونا وائرس جا مختلف جُزا ۽ اسان جي استادن جو ڪردار




جيتوڻيڪ اڄ ڏينهن تائين اِها ڳالهه واضح نه ٿي سگهي آهي ته ڪورونا وائرس اصل ۾ ڪٿان جي آهي، پر 2019ع جي نومبر ۾ چين جي صوبي ووهان ۾ اُن جا ڪيس ظاهر ٿيا، جنهن بعد ۾ پوري دنيا وڪوڙي ڇڏيو. پاڪستان ۾ ڪورونا جو پهريان ٻه ڪيس فيبروري 2020ع ۾ ظاهر ٿيا. ايئن آهستي آهستي پوري دنيا ۾ وائرس ڦهلجندو ويو ۽ سيئي ملڪ لاڪ ڊائون کي بچاءُ جو ذريعو ڄاڻيندي ان کي لاڳو ڪندا ويا. ڪورونا وائرس پوري دنيا جي روزمره جي زندگيءَ کي انتهائي مفلوج ڪندي ڪاروبار ۽ صنعت جو ڦيٿو بيهاري ڇڏيو هو. دنيا جي وڏين وڏين معيشتن کي سوڙهو ڪندي ترقي يافته ملڪن کي به اُن وقت معاشي بحران جي طوفان ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو، جنهن جا نتيجا سڀ ملڪ اڄ سوڏو ڀوڳي رهيا آهن. ٻئي طرف ترقي پذير ملڪ پڻ ڪورونا وائرس جي ڪري بيروزگاري، بک ۽ بدحالي ۾ اضافو سهي رهيا هئا. عالمي بربادي ٻين شعبن سان گڏ پوري دنيا جي تعليمي نظام تي پڻ پنهنجو گهرو اثر ڇڏيو. ٻارن کي پڙهائڻ جي حوالي سان آنلائين ڪلاسن جي شروعات ڪئي وئي، دوران مسئلن جي هڪ ڊگهي فهرست رهي جنهن ۾ ڪمپيوٽر، ليپ ٽاپ، اسمارٽ فون ۽ پٺتي پيل علائقن ۾انٽرنيٽ تائين رسائي نه هجڻ هڪ

**جتي بنيادي انساني ضرورتن جهڙوڪ اٽو، لٽو اجهو ئي وڏي مشڪل سان ملي ٿو اتي ڪمپيوٽر، سمارٽ فون ۽ انٽرنيٽ جو تصور سچ کي پاڪر ۾ پرڻ جي برابر هو.**



وڏو مسئلو بڻيل رهيو، بهتر انٽرنيٽ سروس (ڪنيڪٽوٽي وارن معاملن) ٽيڪنالاجي جي ماهر (مهارت) ۽ آن لائين سسٽم جي ڄاڻ نه هجڻ ڪري اڪثر استادن، ليڪچرارن، پروفيسرن ۽ شاگردن کي منجهارن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو ٻئي طرف معاشي طور تي ڪمزور خاندانن لاءِ پنهنجي ٻارن کي اهي تمام مهانگيون سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سڀ کان مهانگا ڊيٽا پيڪيجز حاصل ڪرڻ هڪ جوا جي مترادف سمجهيا پئي ويا.

اسانجي ملڪ ۾ 63 سيڪڙو ڪان وڌيڪ آبادي ڳوٺن ۾ رهي ٿي ۽ جتي بنيادي انساني ضرورتن جهڙوڪ اٽو، لٽو اجهو ئي وڏي مشڪل سان ملي ٿو اتي ڪمپيوٽر، سمارٽ فون ۽ انٽرنيٽ جو تصور سچ کي پاڪر ۾ پرڻ جي برابر هو.

تعليم جي بحالي واري سلسلي ۾ سڄي دنيا سان قدم سان قدم ملائي هلڻ لاءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پڻ کي اُپاءَ ورتا. ٻارن جون آءِ ڊيز نهرائي اُنهن جا ۽ استادن جا آنلائين ڪلاس شروع ڪرايا، اُن حوالي سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي استادن کي جيڪي ڏکيائيون پيش آيون ۽ اُنهن ڏکيائين جو استادن ڪهڙي طرح مقابلو ڪيو، اچو ته انهن جو جائزو وٺون.

### ثنا: FAS، ايس ايم بي، 9 سِي سيڪنڊري اسڪول، ڪراچي.

ڪورونا جي دوران اسان کي سڀ کان وڌيڪ مسئلو جيڪو پيش آيو، اُهو گهٽ ٻارن وٽ موبائل جو نه هجڻ هيو ۽ جن ٻارن وٽ موبائل هيون انهن کي واٽس ايپ هلائڻ نه پئي آيو. تنهن ڪانسواءِ ننڍن درجن وارن ٻارن سان رابطو ڪرڻ انتهائي مشڪل هيو. اسان والدين کي واٽس ايپ ڊائون لوڊ ڪري ڏنو ۽ سمجهايو ته اِهو ڪيئن استعمال ڪرڻو آهي. وڏن درجن جي ٻارن ذريعي ننڍن درجن وارن ٻارن سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جن ٻارن جا والدين مالي مشڪلاتن مان گذري رهيا هئا ۽ موبائل فون وٺڻ سندن وس کان ٻاهر هيو، اُنهن جي ٻارن کي سندن پاڙي ۾ موجود هم ڪلاسين جي گهر وڃي ڪم ڪرڻ لاءِ چيو.



### شمائله سولنگي:FAS، پٽ شاهه

ڪافي ملڪن هن وبائي بيماري دوران تعليمي ادارا بند ڪيا، پر ان سان گڏ ان جو حل پڻ ڳولهيائون ۽ آن لائن تعليم ڏيڻ جي منصوبا بندي ڪئي وئي. سنڌ صوبي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران ان ۾ اڳيرائي ڪندي MS Team ۽ Zoom جهڙي اپليڪيشن (سافٽ ويئر) ذريعي آن لائين تعليم ڏني وئي. اهڙي جديد ٽيڪنالوجي باوجود استان ۽ شاگردن کي فزيڪل ۽ آن لائين ڪلاسن هلائڻ ۾ ڪافي مشڪلاتون پيش آيون، ان هوندي به استادن همٿ نه هاري ڇاڪاڻ ته استاد ان ڳالهه کان ڪنَ ٽار ڪري نٿو سگهي ته هو نه پڙهائي.

### سلطانه

ڪورونا جي دوران شاگردن کي آن لائن پڙهائڻ جو سلسلو شروع ٿيندي ئي تمام گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. انهن مان اهم مسئلو آن لائن سيني ٻارن کي گڏ ڪري هڪ موضوع تي آڻڻ هو. ڪلاس روم ۾ ٻارن کي سامهون ويهاري پڙهائڻ ۽ آن لائن پڙهائڻ ۾ وڏو فرق آهي. جيڪڏهن ڪنهن به ٻار ڪنهن به سبب جي ڪري ڪو ڪلاس اٽيند نه ڪري سگهيو ته ان ڪانپوءِ واري ڪلاس ۾ ڪيس ڏکيائي پئي ٿي، ان ڏکيائي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اُن ٻار کي واٽس ايپ تي الڳ سان ڪم ڪرايو ٿي ويو. ڏنو وڃي ته استادن جو ڪم ٻيڻو ٿي ويو هو. استاد ته وري به همت ڪري هر مسئلي کي سمجهداري سان مُنهن ڏئي ٿي ويا پر جيڪي مسئلا ٻارن يا والدين سان هئا اُهي ڪڏهن ڪنهن کان به حل نه ٿي ٿي سگهيا. جيئن: انهن جي گهرن ۾ غربت سبب سمارٽ فون جو نه هجڻ، بجلي جي لوڊشيڊنگ يا ته بجلي جو نه هجڻ، نيٽ ورڪ جي جي سهولت نه هجڻ، والدين جي دلچسپي نه هجڻ، جي سمارٽ فون آهي ته ان کي استعمال ڪرڻ جو نه اچڻ وغيره. پر ان جي باوجود استادن همت نه هاري.



### عبدالله مهراڻ پوٽو: هيڊ ٽيچر، AALTP سينٽر پهاڙ مري، بدين

ڪووڊ-19 جي دوران اسان سيني استادن هوم اسڪولنگ تي ڪم ڪيو، جنهن ۾ اسان روزاني جي بنياد تي مختلف ڳوٺن ۾ وڃي پنهنجي سکيا وٺندڙن جي ڇڪاس وٺندا هئاسين. حڪومت طرفان مقرر ڪيل ايس او پيز تي پابندي سان عمل ڪندي پڙهايو ويندو هو. هوم اسڪولنگ دوران ڳوٺن ۾ بجلي نه هئڻ برابر هئي تنهن ڪانسواءِ سولر پينلس به تمام گهٽ گهرن ۾ هيا. اڪثر ڳوٺن ۾ وڃڻ لاءِ پڪو رستو به ڪو نه هوندو هو تنهنڪري ڳوٺن تائين پهچڻ لاءِ ڪوڙ مفاصلو پيادل وڃڻو پوندو هو. ڪجهه سکيا وٺندڙ اهڙا به هئا جيڪي صبح جي وقت والدين سان ٻنين تي لاٻارو ڪرڻ ويندا هئا تنهنڪري انهن جا ڪلاس اسان شام جو وٺندا هئاسين.

# ڪيس اسٽڊيز

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) هڪ ئي وقت رسمي تعليم سان گڏ غير رسمي تعليم تي پڻ ڪم ڪندي رهي آهي. پوري سنڌ ۾ هن وقت غير رسمي تعليم جا ڪُل 18 سينٽرز هلي رهيا آهن، جن ۾ 4500 سکيا ونندڙ، سکيا وٺي رهيا آهن. ايس اِي ايف جي غير رسمي تعليمي سينٽرز ۾ تعليم سان گڏوگڏ هنري سکيا پڻ ڏني ويندي آهي ته جيئن اُنهن کي پنهنجي ڪُٽنب ۽ معاشري جو ڪارآمد فرد بڻائي سگهجي. ان سلسلي ۾ هيٺ ڪجهه ڪيس اسٽڊيز ڏجن ٿيون ته ڪيئن اسان جي سکيا ونندڙن محنت ۽ مستقل ارادي جي قُوت سان پنهنجي پيرن تي بيهنا ۽ پاڻ کي معاشري جو ڪارآمد فرد ثابت ڪري ڏيکاريو

پر اِها جستجو هتي ختم ڪو نه پئي ٿي ته

## اسان جي منزل اڃا به اڳتي....

### سعد: ضلعو بدين

زراعت پاڪستان جي معيشيت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي پر زراعت ڏنهن توجهه نه ڏيڻ، پاڻي جي کوٽ ۽ هارين کي گهٽ اجرت ملڻ سبب ماڻهو مجبور ٿي ٻئي ڌنڌي ڏانهن منتقل ٿي رهيا آهن. انهن مان سعد پڻ هڪ آهي.

سعد هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. سندس گهر ۾ 10 ڀاتي آهن. هي ڳوٺ نٺورند يوسي سيراڻي ضلعو بدين جا رهواسي آهن. سعد جڏهن چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو ته سندس پيءُ هڪ حادثي ۾ معذور ٿي ويو ۽ ايئن هُو مالي بحران ڏانهن هليا ويا، جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو جو سعد کي پڙهائي ڇڏي پنهنجي ماءُ سان ٻني جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻو پيو. ننڍي عمر ۾ ئي هن مقامي زميندار جي زمين تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جي اجرت ڪيس تمام گهٽ ملندي هئي. وڏي ٿيڻ تي هن معيشت جي منتقلي واري حڪمت عملي جي طور فيصلو ڪيو ته وڌيڪ ڪمائڻ لاءِ پاڙيسري جو رڪشا هلائي. ان دوران خانداني روايت موجب ننڍي عمر ۾ ئي سندس شادي ڪرائي وئي. ان وقت سعد ڏهاڙي 150- 100 روپيا ڪمائيندو هو. شادي بعد ڪيس ٻار ٿيا ايئن ڀاتين جي تعداد ۾ اضافو ٿيو ۽ هو رڪشي مان به پورت نه ڪري سگهندو هو.

ان دوران ايس اِي ايف جي سهڪار سان ACTED نوجوانن ۽ جوانن جي سکيا / تربيت لاءِ AALTP پروگرام ضلعي بدين ۽ ڪشمور ۾ هلايو. هن پروگرام جو مقصد نوجوانن کي تيز رفتار سان غير رسمي تعليم ۽ بنيادي عملي خواندگي مهيا ڪرڻ آهي.

سکيا حاصل ڪندڙن جي سهولتن کي پورو ڪرڻ لاءِ صبح ۽ شام وارا سيڪشن شروع ڪيا ويا ته جيئن جيڪي سکيا وٺندڙ صبح جو ڪو به ڪم نه ڪندا آهن ته صبح ۾ اچن ۽ جيڪي شام ۾ آمدني جو ڪم نه ڪندا آهن ته اهي شام جو اچن. سعد صبح جو پنهنجي روزي ڪمائيندو هو ۽ شام جي شفٽ ۾ ڪلاس ۾ داخل هو. ساليانين سينٽر ۾ هن پنهنجي بنيادي تعليم جو ڪورس مڪمل ڪيو ۽ هن پوءِ TVET ۾ موبائيل رپيئرنگ سکيا حاصل ڪئي. پروگرام جي ختم ٿيڻ تي موبائيل ڪِٽ سميت ڪيس وظيفو پڻ مليو.

سعد سيراڻي شهر ۾ هڪ مقامي موبائيل دڪان سان شراڪت ڪئي. دڪان جو مالڪ موبائيل سيٽ ۽ موبائيل سان جوڙيل سامان وڪرو ڪندو هو ۽ سعد کي بطور اسسٽنٽ ملازمت تي رکيو.سعد خراب ٿيل موبائيل سيٽ جي مرمت شروع ڪئي جتان مالڪ کي اضافي ڪمائي ۽ نفعو ٿيو ۽ ڪاروبار جي منافعي تي مالڪ سعد کي به وڌيڪ نفعو ڏيڻ شروع ڪيو.

سعد هاڻي پنهنجي پيءُ لاءِ سهولت وارو ننڍو اسٽور/ دڪان کوليو آهي پنهنجي ڳوٺ ۾ جتي هن جو پيءُ نه صرف سٺي سماجي زندگي گذاري پيو پر ننڍي پيماني تي هو آمدني به ڪمائي پيو. پنهنجي خاندان لاءِ سعد پنهنجي گهر ۾ سولر پينل لڳرائڻ لاءِ ڪافي رقم جمع ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪئي ۽ گڏو گڏ ننڍي ڀاءُ جي تعليم لاءِ به.

سعد چوي ٿو مان هاڻي پنهنجي ڳوٺ جي نوجوانن لاءِ مثالي شخصيت آهيان. مان نه صرف پنهنجو ڪاروبار قائم ڪيو پر پنهنجي پيءُ کي به سهولت وارو ڪرياني جو دڪان ۾ مصروف رکيو. جيڪو پنهنجي مستقبل جي زندگي لاءِ نا اميد هيو.

### پروين: ضلعو بدين

پروين، حاجي هاشم خاصخيلي ڳوٺ ۾ رهي ٿي. هن جي 15 سال اڳ شادي ٿي هئي. هن وقت پروين جا 5 ٻار آهن جنهن ۾ ٽي نياڻيون ۽ ٻه پُٽ شامل آهن.

پروين جو گهروارو روزانو 500 روپيا ڪمائيندو هو، جنهن مان 15 ڏينهن مهيني ۾ موڪل هوندي هس. اهو وقت اُنهن لاءِ تمام گهڻو ڏکيو هيو. پروين پنهنجي گهرواري جي مدد ڪرڻ چاهيندي هئي پر هن وٽ نه ڪا تعليم هئي نه وري ڪو هنر هو. هڪ ڏينهن هڪ عورت پروين جي پاڙي ۾ آئي ۽ پاڙي جي سڀني عورتن کي گڏ ڪيو. هن ٻڌايو ته (RBDS) بدين رورل ڊولپمينٽ سوسائٽي ۽ (ايس اِي ايف) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان تعليم ۽ هنر لاءِ هڪ سينٽر کولي رهيا آهن. هن پاڙي ۾ اُهي ڇوڪريون جن جي عمر يارنهن کان 17 سال هجي انهن کي سينٽر ۾ داخل ڪيو ويندو. جتي اهي پنهنجي تعليم ۽ هنر جو ڪورس مڪمل ڪنديون. جيڪڏهن اهي پاس ٿيون ته انهن کي سِندون (سرٽيفڪيٽ) ڏنيون وينديون ۽ اهي ڇوڪريون ڇهين درجي ۾ پڙهڻ جي لاءِ اَهل هونديون. هُن اهو پڻ ٻڌايو ته جنهن جي عمر 18 کان 35 سال آهي. انهن عورتن کي پڻ تعليم ۽ هنر جي سکيا 8 مهينن ۾ ڏني ويندي. انهي ڏينهن پروين فيصلو ڪيو ته هن کي به هن مرڪز (سينٽر) ۾ داخلا وٺڻ گهرجي پوءِ هن اتي داخلا ورتي ۽ مرڪز ۾ تعليم ۽ هنر حاصل ڪرڻ لڳي. پروين پنهنجي پڙهائي تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو ۽ ان ڪانپوءِ سلائي ڪرڻ جي سکيا ورتي. سلائي سکڻ ڪانپوءِ



ڏاڍي پريشان رهڻ لڳي ته آئون سلائي مشين ۽ ٻيون شيون ڪيئن خريد ڪري سگهنديس پر ايس اِي ايف ۽ بي آر ڊي ايس جي سهڪار سان ڪيس 10 هزار روپيا وظيفو ڏنو ويو جنهن مان هن سلائي مشين ورتي ۽ سلائي ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. پروين هاڻي بهترين سلائي ڪرڻ لڳي هئي جنهن جي ڪري ڏينهون ڏينهن عوتون ڪيس سلائي لاءِ ڪپڙا ڏيڻ لڳيون. هن شروعات هڪ هفتي ۾ هڪ جوڙي کان ڪئي پر هاڻي هڪ مهيني ۾ ڪيس ڪيترائي جوڙا مليو وڃن. ان ڪانپوءِ مائڪرو فنانس اداري مان قرض ڪٽي اُن مان ڪجهه ڊيريون (رِيل) ۽ ڪپڙو ورتو، جنهن مان ٻارن جا ڪپڙا ٺاهي وڪڻڻ شروع ڪيو. هن وقت پروين مالي طور تي پاڻ ڀري آهي ۽ گهر جي خرچ پکي ۾ پنهنجي گهرواري جو ساٿ ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجن ٻارڙن جي ضرورتن جو پورائو پڻ ڪري رهي آهي.

### نرگس: ضلعو بدين

نرگس حاجي هاشم خاصخيلي ڳوٺ ۾ رهندي آهي. هن جون 3 ڀينرون ۽ 2 ننڍا ڀائر آهن. هن جو والد گهڙيالن جي مرمت جو ڪم ڪندو آهي. هو روزاني جي بنياد تي مشڪل سان 500 روپيا کان 600 روپيا ڏهاڙي ڪمائي ٿو. هو غريب خاندان سان تعلق رکي ٿي اُهي مشڪل سان گهر جو خرچو برداشت ڪندا آهن سندس ماءُ گهر جو ڪم ڪار ڪندي آهي.

نرگس ننڍپڻ ۾ تعليم حاصل ڪري نه سگهي هئي تنهن ڪري هُن پنهنجو خواب پورو ڪرڻ لاءِ اي اي ايل ٽي پي جي سينٽر ۾ سکيا ورتي جيڪو آر بي ڊي ايس بدين ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان هلايو ويندو آهي. سينٽر تي هُن پڙهڻ لکڻ واري مهارت حاصل ڪرڻ ۾ وڏي محنت ڪئي اڍائي سالن ۾ پرائمري جي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ هُن هُنري سکيا ورتي. تنهن ڪانپوءِ نرگس پنهنجي گهر ۾ بيوٽي پارلر کوليو. هن وٽ عورتن اچڻ شروع ڪيو، معياري شيون استعمال ڪرڻ جي ڪري هن جي بيوٽي پارلر تي ڏينهون ڏينهن رش وڌڻ لڳي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ نرگس مائڪرو فنانس اداري مان 25000 هزار روپين جو قرض ڪٽي پنهنجي پارلر لاءِ گهربل سامان ورتو. هاڻي سندس پارلر سٺي ڪمائي جو ذريعو بڻجي چڪو هو. پروين جو چوڻ آهي ته " آئون هر مهيني 6000 کان 8000 روپيا ڪمائي رهي آهيان، شادين جي موقعن تي 4000 کان 5000 روپيا روزانو ٿي ويندا آهن"



# ايس اي ايف گرين ايوارڊس

وڻن ۽ انسانن جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو آهي، وڻ ۽ ٻيلا قدرت جي طرف کان مليل اهڙا فطري حسين نظارا آهن، جن جو انساني معاشري ۽ عالمي معيشت سان تمام گهرو تعلق آهي، جيڪي ڪنهن بہ ملڪ لاءِ ان جي ڪرنگهي واري هڏي جي حيثيت رکن ٿا. ٻيلا ماحولياتي نظام ۽ آبهوا کي مستحڪم رکڻ ۽ ان کان علاوه جانورن ۽ ٻين جاندارن جي حفاظت ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جنهن ڪري اسان جو فرض آهي تہ اسين هن انمول موجوده وسيلن جو صحيح استعمال ڪري ايندڙ نسلن جي لاءِ ٻيلن ۽ وڻن جي حفاظت ڪريون.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران فائونڊيشن اسسٽيڊ اسڪولن ۾ ٻوٽا لڳائڻ جو اعلان ڪيو ويو. اعلانيل مهم جي شروعات دادو ضلعي جي جوهي کان 20 هزار ٻوٽا لڳائي ڪئي وئي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تنهن وقت جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ناهيد شاهہ درانيءَ سمورن پارٽنرز کي اهو پيغام ڏنو تہ اسانکي پنهنجي پنهنجي اسڪولن، ڳوٺن، واهڻ وستين ۽ علائقن ۾ پنهنجي حصي جو وڻ لڳائڻ گهرجي. سندس پاران اعلانيل وڻڪاري مهم تحت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڀارن، استادن ۽ شراڪتدارن هن وقت تائين ٽن هزارن کان وڌيڪ وڻ لڳايا آهن جڏهن تہ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن پڻ اهو عهد ڪيو تہ هو پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ پنهنجي حصي جو وڻ ضرور لڳائيندا رهندا.

گذريل سال سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر عبدالڪبير قاضي وڻڪاري مهم جو ٻيهر آغاز ڪندي اهو اعلان ڪيو تہ في ٻار في ٽيچر في ٻوٽو لڳايو وڃي. ائين هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪولن ۾ وڻڪاري مهم جي شروعات ڪئي وئي، جنهن ۾ اسڪولن جي آپريٽرن، اسڪولن جي استادن ۽ ٻارن پنهنجي حصي جو وڻ پوکي مهم جو ٻيهر آغاز ڪيو، ان سان گڏوگڏ ٻين ادارن ۽ تنظيمن کي ان حوالي سان وڻڪاري مهم ۾ شامل رکيو ويو. انهن ڏينهن دوران سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر اهو پڻ اعلان ڪيو ته فائونڊيشن جي اسڪولن منجهان جيڪي اسڪول گرين اسڪول هوندا، انهن کي ايوارڊ سان نوازيو ويندو. ان اعلان کانپوءِ اسڪولن ۾ اڃان به تمام گهڻي شوق ۽ ذوق سان ان مهم جي لاءِ ڪم ڪيو ويو. مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي اعلان مطابق اسڪولن کي گرين ايوارڊ ڏيڻ جي حوالي سان ڪجهہ اهم نُڪتن کي سامهون رکي چونڊيو ويو ۽ جنهن ۾ 182 کان مٿي اسڪولن جي چونڊ ڪئي وئي، جن کي ريجن جي سطح تي گهرائي مان ڏيندي ڪين سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو. انهن 182 اسڪولن مان جن جو اسڪور وڌيڪ هو اُنهن ڇهن اسڪولن کي بهترين گرين اسڪول جي ايوارڊ سان نوازيو ويو. انهن اسڪول جي پارٽنرز کي ڪراچي هيڊ آفيس ۾ گهرائي شيلڊ ڏنيون ويون.











**ليليٰ اسلم ڊوسا: ضلعو ڪراچي اوڀر**

ايس اِي ايف سان 2016ع کان وٺي ڪم ڪري رهي آهي. ان کانسواءِ گذريل 28 سالن کان ڪراچي گرامر اسڪول ۾ تدريسي عمل سان سلهاڙيل آهي. وڻڪاري جي حوالي سان سندس اسڪول اعظم بستي گرين ايوارڊ جي لاءِ چونڊيو ويو.



**عبدالسلام جمالي: ضلعو خيرپور**

2016ع کان وٺي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول پير وسڻ جي عمارت 11 ڪمرن تي مشتمل آهي جتي اسڪول کي ويجهو وارن اٺڪل ستن ڳوٺن جا ٻار تعليم پرائي رهيا آهن.اسڪول ۾ وڻ پوکڻ تي کيس گرين ايوارڊ سان نوازيو ويو.



**خوش محمد راهوجو: ضلعو خيرپور**

2009ع کان وٺي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي. راهوجو صاحب هن وقت چار فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول ڪاميابي سان هلائي رهيو آهي.آگسٽ 2021ع ۾ هڪ استاد هڪ شاگرد هڪ وڻ جي نعري هيٺ وڻڪاري تي ايس اِي ايف گرين ايوارڊ سان نوازيو ويو.



**مير خان ڏاهري: ضلعو خيرپور**

2009ع کان وٺي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي. 2015ع واري اسيسمينٽ ۾ سندس هڪ اسڪول ٽِين پوزيشن ماڻي جنهن تي کيس سرٽيفيڪيٽ، شيلڊ ۽ ڪيش انعام ڏنو ويو. آگسٽ 2021ع ۾ سندس اسڪول کي بهترين وڻڪاري تي ايس اِي ايف گرين ايوارڊ سان نوازيو ويو.



**سرفراز سنڌو: ضلعو خيرپور**

2009ع کان وٺي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس اسڪول جي عمارت بهترين نهيل آهي. سنڌو صاحب ٻارڙن کي معياري تعليم ڏيڻ جي حوالي سان ڪيئي سنجيدهہ ڪوششون ورتيون آهن، استادن، شاگردن ۽ سندس جي مدد سان وڻن پوکڻ جي مهم شروع ڪئي جنهن تي سنڌو صاحب کي گرين ايوارڊ سان نوازيو ويو.



**شيراز حسين چنا: ضلعو خيرپور**

2016ع کان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس اسڪول بهترين اسڪولن ۾ شامل آهي. شيراز صاحب اسڪول ۾ وڻن ۽ گلن جي هجڻ جي اهميت کان ڀلي ڀت واقف آهي. اُن ڏس ۾ پاڻ پنهنجي اسڪول ۾ وڻڪاري ڪئي جنهن تي ايس اِي ايف پاران گرين ايوارڊ ڏنو ويو.

# فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولن جون ايوارڊ کٽيندڙ استاديائيون

اداره تعليم و آگهي سيپٽيمبر 2021ع ۾ استادن جي لاءِ "Journey of Innovations in Learning and Teaching during Covid-19, 2021" جي نالي سان هڪ مقابلي جو اعلان ڪيو. جنهن ۾ پوري پاڪستان مان استادن کي هن مقابلي ۾ ڀهرو وٺڻ جي کليل دعوت ڏني وئي هئي. هن مقابلي ۾ ڪووڊ واري ڏکي صورتحال جي دوران جن جن استادن سکڻ سيکارڻ جي عمل کي جاري رکيو هيو، اُن دوران ڪين جيڪي ڏکيائيون پيش آيون ۽ پڙهائي جي جن ٻه طريقن کي انهن استعمال ۾ آندو اُنهن سڀني طريقيڪارن تي استادن کي پنهنجا ثبوت تصويرن ۽ وڊيوز جي صورت ۾ جمع ڪرائڻا هيا. هن مقابلي ۾ سرڪاري ۽ نِجي اسڪولن جي استادن حصو ورتو هيو. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، ڪراچي ريجن جي استادن ٻه پنهنجي تجربن ۽ ثبوتن جي آڌار تي هن مقابلي ۾ حصو ورتو. پوري پاڪستان مان صرف 30 استادن کي ايوارڊ لاءِ چونڊيو ويو هيو، جنهن مان ڪراچي جي مختلف ضلعن منجهان 14 استاد چونڊيا ويا هئا تن ۾ 7 سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا استاد شامل آهن.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي استادن جا ڪووڊ 19 جي دوران مائڪروسافٽ ٽيمز تي ٽريننگ سيشن ڪرايا ويا هيا، تنهن ڪانپوءِ استادن ٽيڪنالاجي کي استعمال ۾ آڻيندي شاگردن جا ڪلاس ورتا. سکڻ سيکارڻ واري مرحلي ۾ استادن گهر گهر وڃي ٻارن کي هوم ورڪ ڏنو، واٽس ايپ گروپس ٺاهيا، اسڪولن ۾ درجي وار ٻارن کي گهرائي اُنهن کي ڪم ڏنو. اِهي سڀ طريقيڪار اداره تعليم و آگهي کي آن لائن جمع ڪرايا ويا جن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڪامياب استادن جي نالن جو اعلان ڪيو ويو. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي جن استادن کي ايوارڊ مليا انهن کي سجاڳ ۾ پڻ مڃتا ڏ جي ٿي.

**پوري پاڪستان مان صرف 30 استادن کي ايوارڊ لاءِ چونڊيو ويو هيو، جنهن مان ڪراچي جي مختلف ضلعن منجهان 14 استاد چونڊيا ويا هئا تن ۾ 7 سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا استاد شامل آهن.**



**اقرا حبيب**
FAS اسٽار اڪيڊمي
تجربو: 5 سال



**انعم بلوچ**
FAS جيوڻ خاصخيلي
تجربو: 2 سال




**ثنا ڪرن**
FAS بابو پٽاٽي
تجربو: 5 سال



**انعم انصاري**
FAS ايورائيز
تجربو: 4 سال



**فائزه**
FAS قائد اعظم
تجربو: 7 سال



**اقرا**
FAS الخيبر
تجربو: 4 سال



**ڪشمالا**
FAS الخيبر
تجربو: 4 سال

## ايوارڊ کٽيندڙ ٻارڙا

HRCA هڪ تنظيم آهي جيڪا 2012ع کان وٺي انگريزي ۽ سائنس جي چٽاپيٽي، آرٽ ۽ تخليقي مقابلن جهڙيون سرگرميون ترتيب ڏئي ٿي. هي تنظيم ٽن ملڪن پاڪستان، ملائيشيا ۽ آمريڪا ۾ ڪم ڪري ٿي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ساٿي "انڊس ايجوڪيشنل اڪيڊمي اسڪول" جي 19 ذهين شاگردن HRCA پاران ڪرايل انگريزي ۽ سائنس جي چٽاپيٽي مقابلي2021ع جي فائنل ٽيسٽ ۾ 2535 شاگردن مان 5 شاگردن سون جا ٻلا، 7 شاگردن چاندي جا ٻلا، 5 شاگردن پٽل جا ٻلا ۽ 20,000 روپين جو هڪ نقد انعام حاصل ڪيو.







# سنڌ جي معياري تعليم ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو ڪردار

اڪرم خاصخيلي

ڪنهن بہ ملڪ يا قوم جي ترقيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪردار تعليم جو هوندو آهي. دنيا جي ترقي يافتہ قومن ترقي جا ڏاڪا بهتر تعليم ذريعي ئي پار ڪيا آهن. ان لاءِ اهو تمام ضروري آهي تہ معياري تعليم لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺي ملڪ کي ترقي طرف وڌڻ گهرجي، جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ تعليم جي صورتحال بهتر نہ آهي، پر سنڌ اندر تعليم جي بهتري جي حوالي سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جون ڪاوشون هڪ انقلابي قدم کان گهٽ ڪو نہ آهن. سنڌ جي انهن ڏورانهن علائقن جن ۾ تعليمي سرگرميون يا اسڪولن جو فعال هجڻ تمام ڏکيو عمل آهي، اُتي ٿر جي پنتي پيل ڳوٺن، ڪاڇي جهڙي ڏتڙيل علائقن کان وٺندي اُتر سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ بهترين تعليمي ادارا قائم ڪرڻ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي محنت ۽ جستجو جو واضح مثال آهي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سمورن اسڪولن تي جڏهن نظر ڦيرائجي ٿي تہ سچ پچ اهو يقين ٿئي ٿو تہ ايندڙ وقت ۾ سنڌ جو هر ٻار دنيا جي هر سطح تي پنهنجو پاڻ مڃرائيندو. ايس اِي ايف جي اسڪولن کي اسان شاگرد دوست اسڪول پڻ چئي سگهون ٿا جتي اسان کي بهترين رانديڻ جا ميدان، ڪُشادا ۽ صاف سٿرا ڪلاس روم، تربيت يافتہ استاد، بهترين تعليمي نظام سان گڏوگڏ انهن اسڪولن جي مانيٽرنگ وارو نظام ڏسي اهو يقين ٿئي ٿو ايندڙ وقت ۾ سنڌ اهڙي معياري تعليم ذريعي ترقي واري ڏارا ۾ شامل ٿيندي ۽ سنڌ جي تعليم جو معيار پوري ملڪ کان بهتر هوندو.

گذريل سال کان جتي ڪورونا جهڙي عالمي وبا پوري دنيا جي ڪاروهنوار کي ٺُپ ڪندي دنيا جي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ رسايو، اُتي اُن وبا ترقي يافتہ ملڪن سان گڏوگڏ ترقي پذير ملڪن تي پڻ انتهائي ناڪاري اثر ڇڏيا. سڄي دنيا ۾ ٻين شعبن سان گڏوگڏ تعليم بہ متاثر ٿي، لاڳيتو 9 مهينا اسڪول مڪمل طور بند ٿيڻ جي ڪري تعليم جو وڏو نقصان ٿيو، ان صورتحال ۾ پاڪستان جي تعليم پڻ سخت متاثر ٿي آهي.

ان صورتحال ۾ تعليم کي بچائڻ هڪ وڏو چئلينج هيو ۽ ان حالت ۾ ترقي يافتہ ملڪن پنهنجي تعليم کي بچائڻ لاءِ تڪڙا اُپاءَ وٺندي تعليمي سلسلي کي متبادل طريقن سان جاري رکڻ جو عمل شروع ڪيو، جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرائتو عمل آن لائن تعليم هئي. دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ آن لائن تعليم وارو عمل شروع ڪرڻ ڪو ايڏو وڏو مسئلو نہ هيو پر اسان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ آن لائن تعليم وارو سلسلو شروع ڪرڻ هڪ وڏي چيئلينج کان گهٽ نہ هيو، ڇو تہ اسان جي 60 سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ رهي ٿي.

پوري سنڌ اندر ان سڄي صورتحال کي مدِ نظر رکندي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پنهنجي اسڪول پارٽنرس جي ذريعي ڪورونا وبا جي دوران تعليمي سرگرميون متبادل طريقي سان جاري رکيون. سڀ کان پهرين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ ان جي اسڪول پارٽنرس اهو فيصلو ڪيو تہ ڪوشش ڪري تعليمي سرگرميون ڪنهن متبادل طريقي سان جاري رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي تہ جيئن ٻارن جي تعليم جو نقصان گهٽ کان گهٽ ٿئي.

**ڪورونا وبا ۾ جتي دنيا آن لائن تعليم جو سلسلو شروع ٿيو تہ ساڳئي وقت سنڌ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پڻ دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي پنهنجي شاگردن لاءِ پڻ آن لائن تعليم جو عمل شروع ڪيو.**

ڪورونا وبا جي صورتحال ۾ سڀ کان پهرين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ٽريننگ اينڊ اسيسمينٽ يونٽ طرفان ماهوار هر سبجيڪٽ ۽ هر ڪلاس جي شاگردن لاءِ هوم ورڪ تيار ڪيو ويو، جيڪو سڄي سنڌ جي اسڪول پارٽنرس ۽ استادن جي ذريعي شاگردن تائين انهن جي گهر پهچايو ويو. پنهنجي قوم جي ٻارن سان اها هڪ سچائي ئي آهي جو اهو هوم ورڪ ٿر جي ڏورانهن علائقن کان وٺندي ڪاڇي جي ڳوٺن تائين شاگردن تائين پهچايو ويو تہ جيئن اُهي شاگرد پنهنجي تعليم جي سرگرمين سان ڳنڍيل رهن ۽ انهن جي تعليم جو ڪو بہ نقصان نہ ٿئي، ساڳئي طرح اهو هوم ورڪ ماهوار استادن وٽ جمع ٿيندو رهيو ۽ استاد ان کي چيڪ ڪندا رهيا.

ڪورونا وبا ۾ جتي دنيا آن لائن تعليم جو سلسلو شروع ٿيو تہ ساڳئي وقت سنڌ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پڻ دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي پنهنجي شاگردن لاءِ پڻ آن لائن تعليم جو عمل شروع ڪيو، جنهن ۾ مائيڪرو سافٽ ٽيم ذريعي سنڌ اندر ايس اِي ايف جي مالي سهڪار سان هلندڙ اسڪولن ۾ ڪم ڪندڙ استادن کي مائيڪرو سافٽ ٽيم جي استعمال بابت سکيا ڏني ويئي ۽ انهن کي مائيڪرو سافٽ ٽيم سافٽ ويئر جي سهولت پڻ ڏني وئي تہ جيئن هو پنهنجي اسڪولن جي شاگردن کي آن لائن تعليم مهيا ڪري سگهن. استادن جڏهن اها تربيت مڪمل ڪئي تہ ان کان پوءِ انهن ئي استادن سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان سيف جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ شاگردن جي آن لائين تعليم جو سلسلو شروع ڪيو ۽ شاگردن کي تمام بهتر طريقي سان پڙهائڻ وارو عمل شروع ٿيو. توڙي جو آن لائن تعليم وارو عمل سنڌ جي ٻهراڙي ۾ رهندڙ شاگردن لاءِ بلڪل نئون هيو پر سنڌ ايجو ڪيشن فائونڊيشن جي ٽيم ۽ اسڪول پارٽنرس سميت استاد صاحبان جي اڻٿڪ محنت جي ڪري آن لائن تعليم واري عمل کي ڪاميابي سان هلايو ويو.


آن لائن تعليم شروع ٿيڻ سان نہ صرف سنڌ جي لکين شاگردن کي تعليم جي ٿيندڙ نقصان کان بچايو ويو پر ساڳئي وقت انهن شاگردن کي انفارميشن ٽيڪنالوجي جي ڄاڻ پڻ ملي آهي جيڪا انهن کي ايندڙ وقت ۾ اڃان وڌيڪ فائدو ڏيئي سگهي ٿي.

سنڌ ايجو ڪيشن فائونڊيشن جي مينيجمينٽ جو اهو هڪ تمام بهترين ۽ وقتائتو فيصلو هيو جنهن سبب ايس اِي ايف جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ شاگردن پنهنجون تعليمي سرگرميون جاري رکيون.

## ليکڪ جو تعارف:

اڪرم خاصخيلي سنڌ يونيورسٽي مان "ماسٽرس آف بزنس ايڊمنسٽريشن- فنانس" ۾ ماسٽرس ڪئي آهي. پاڻ قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي مختلف تنظيمن سان ڪم ڪرڻ جو ڏهہ سالن جو تجربو رکن ٿا. هن وقت خاصخيلي صاحب هاري ويلفيئر ايسوسيئيشن جا ڇهن سالن کان صدر جي طور تي فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. هاري ويلفيئر ايسوسيئيشن هن وقت ايس اِي ايف جا ست اسڪول ڪاميابي سان هلائي رهي آهي، جن ۾ 1800 کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم پِرائي رهيا آهن.

# ٻارن جو صفحو



## رياضيءَ جي اهميت

رياضي، انگن يا حسابن جي علم کي چئبو آهي. رياضيءَ جي علم کي انگريزي ۾ مئٿيميٽڪس (Mathematics) چئبو آهي. رياضي ڏاهپ جي علمن جو هڪ مجموعو آهي، اُن ۾ انگي حساب، آلجبرا، جاميٽري ۽ ٽرگناميٽري جهڙن مضمونن کانسواءِ ٻيا علم به اچي وڃن ٿا. ڪن عالمن رياضي کي مقدار، فاصلي ۽ وقت جو حساب پڻ سڏيو آهي. ٻين علمن وانگر وقت گذرڻ سان گڏ رياضي جي علم ۾ ترقي ٿي آهي.


رياضي اصل ۾ ڳاڻيٽي جو علم آهي، جنهن جو انسان سان نهايت آڳاٽو واسطو اهي. جيئن اڪيلي انسان مان جوڙو ۽ پوءِ تعداد ۾ واڌارو ايندو ويو يا جڏهن شروعاتي انسان کي ڪا گهرج پيش آئي ته ان جي پوري ڪرڻ لاءِ آنگن سندس مدد ڪئي. هُن ڳڻپ شروع ڪئي ۽ گُهرجن جي پورائي لاءِ عددن جو استعمال ڪيو. ان لاءِ هُن لِيڪا، پٿريون، تِيليون يا ڳنڍيون ڪم آنديون.

اهڙيءَ طرح انساني زندگيءَ سان گڏ رياضيءَ جي ميدان ۾ پڻ واڌارو ايندو ويو. قومن جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته رياضيءَ جو علم مسلمانن جي ڪوشش سان وڌيو. آلجبرا جي علم کي يونان ۽ ننڍي کنڊ مان ميڙي چونڊي عروج تي رَسايو ويو. رياضي جو پهريون ڪتاب، جيڪو عربن وٽ هندستان مان پهتو، اُن جو نالو ”سڌانتا“ آهي. اُن کي بنياد بڻائي هن علم ۾ واڌارو آندو ويو. باقي ”ٻُڙي“ يا ”زيرو“ رياضي جي ميدان ۾ آڻڻ وارو انقلابي قدم مسلمان رياضيدان ابو موسيٰ الخوارزمي جو آهي.

رياضي هڪ اهڙو علم آهي، جنهن جي ضرورت زندگيءَ جي هر قدم تي پوي ٿي. ڏيتي ليتي هجي توڙي ماپ تور هجي، ڪا رِٿا، جنهن جو اندازو لڳائڻو هجي يا ڪو نقشو ناهڻو هجي، سِڌائي ڏِنگائي ماپڻي هجي يا ناهڻي هجي، پڪيڙ لهڻي هجي يا ڪي آنگ نشان ناهڻا هجن ته رياضي جو سهارو وٺڻو پوندو آهي.

انساني زندگي جو هر مرحلو ڄمڻ کان مرڻ تائين رياضيءَ سان واڳيل آهي. رياضي انساني زندگيءَ لاءِ هر قسم جو آرام ۽ آسائش پيدا ڪري ٿي.

لکندڙ: **تنوير ڊوگر**
ڪلاس: **ستون**
فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول،
برڊس پبلڪ اسڪول، هارون آباد.



## ڏي ٿو پر ڪنگهائي

هڪ دفعي وتايو فقير هڪ مجلس ۾ وِيٺو هو ته مولوي صاحب چيو ته رزق ڏيڻ جو واعدو الله سائين پاڻ ڪيو آهي. وتايي سوچيو ڇو نه ان جي پرک ڪجي. جهنگ ۾ وڃي هڪ وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. هڪڙو ڏينهن گذريو ٻيو ڏينهن گذريو، فقير جو حال هاڻي هيٺو ٿيڻ لڳو سوچيائين هيٺ لهي وڃي ڪو ٽڪر جو ٻِلو ڪريان يا اڃا به انتظار ڪريان ته ڇا ٿو ٿئي؟ اوچتو ڪجهه ماڻهو اچي وڻ جي هيٺيان ويٺا، جيڪي شڪار ڪري آيا هيا. انهن يڪدم هرڻ سيخ ڪيا ۽ قورمو رڌيائون. رڌي پچائي واندا ٿيا ته سردار چيو ڀريان جهڳين ۾ ڪي غريب پيا رهن انهن کي به ڪجهه کائڻ لاءِ ڏئي اچو. بورچي قورمو ڪباب رکي پاٺ ڀري مٿي تي رکي ڪٽي وڃي رهيو هو ته وتايي سوچيو هي به ڪاڏو هٿن مان پيو وڃي سو مٿان ويٺي کنگهارون ڪرڻ شروع ڪيائين. ماڻهن ڏٺو ته هڪڙو غريب مٿي ويٺو آهي، سو چيائونس ته فقير هيٺ لهي اچ، اچي ماني کاءُ. فقير کان پڇيائون ته مٿي ويٺي ڇا ٿي ڪيئي؟ چيائين آزمودو ٿي ڪيم ته الله روزي ڪيئن ٿو رَسائي؟ سو ڏي ته ٿو پر کنگهائي، جي کنگهان نه هان ته اِها پاٺ به ٻئي پاسي هلي وڃي هان.

چونڊ: **عمر محمد رضا**
درجو: **اٺون**
سنڌ مدرسه بورڊ،
گلشن غازي سيڪنڊري اسڪول، ڪراچي





## لطيفا






مريض، ”منهنجي ڀري جي نظر ڪمزور آهي“،
ڊاڪٽر: ”هو ڏس مٿي ڇا آهي؟“،
مريض، ”چنڊ“،
ڊاڪٽر ته پوءِ ان کان اڳيان فرشتا ڏسڻا اٿئي...؟؟“

**سمير احمد: ڪلاس پنجون**
فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول،
سميرا ايليمنٽري ماڊل اسڪول احمد خان ڪالرو

هڪ ماڻهو جهنگ ۾ ڏنائين ته شينهن گاهه پيو کائي، ماڻهو شينهن کي چيو ته ”اڙي تون شينهن ٿي ڪري گاهه پيو کائين؟“ شينهن جواب ڏنس ”اڙي آئون هتي ٻڪري جي ويزي تي آيل آهيان.“

**ثانيه: ڪلاس پنجون**
فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول
سميرا ايليمنٽري ماڊل اسڪول احمد خان ڪالرو





ٻاجي وارو ٻاجي کي ٻاڻي هڻي رهيو هو. گراهڪ ٻاجي واري کي ”جڏهن ڪريلا هوش ۾ اچن ته هڪ ڪلو ڏجان.“

**ارشد: ڪلاس پنجون**
فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول،
سميرا ايليمنٽري ماڊل اسڪول احمد خان ڪالرو

ننڍي هوندي اونڌاهي کان ڊپ ٿيندو هو. هاڻي بجلي جو بل ڏسي روشني کان ڊپ ٿو ٿئي.

**بشير احمد سميجو: ڪلاس ڇهون**
فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول
بي آر او ايس، پبلڪ اسڪول هارون آباد





هڪ مريض ڊاڪٽر وٽ آيو، ڊاڪٽر ان کي دوا ڏيندي چيو ته: ”ٽي چمچا صبح، ٽي چمچا شام، ٽي چمچا رات جو.“، مريض چيو ته: سائين مون وٽ ايترا چمچا ڪونه آهن.


**بشير احمد سميجو: ڪلاس ڇهون**
فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول
بي آر او ايس، پبلڪ اسڪول هارون آباد





ماءُ پٽ کي ”جيڪڏهن تون هٿ ڌوئيندي ته مان توکي هڪ بسڪوٽ ڏينديس.“ پٽُ: ”امان جي مان پير ڌوئيندس ته، “ ماءُ: ”ته پوءِ به بسڪوٽ“، پٽُ: ”امان سڄو پاڪيٽ ڏي ته وهنجي اچان“

**پرڪاش: ڪلاس ٽيون**
فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪول،
سميرا ايليمنٽري ماڊل اسڪول احمد خان ڪالرو





**Sindh Education Foundation**
Government of Sindh

اين آءِ سي بلڊنگ، فرسٽ فلور، سروي نمبر 183/4، عباسي شهيد روڊ، ڪراچي ڪنٽونمينٽ ايريا
فون نمبر: 49-021-99333244 فيڪس: 021-34169181 اي ميل: info@sef.org.pk ويب سائيٽ: www.sef.org.pk